# چانديءَ جون تارون

ماهتاب محبوب

سنڌو اشاعت گهر، ڪراچي، سنڌ

# چانديءَ جون تارون

## (ڪهاڻيون)

مُصنفه

## ماهتاب محبوب

سنڌو اشاعت گهر - ڪراچي - سنڌ

F-19/1، جٽ لئنس لائينز، ڪراچي-٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

چاپو : پهريون .
اشاعت جي تاريخ : ٣٠ مئي ١٩٧٠ع.
تعداد : ٻارهن سو .
ناشر : تاج بلوچ .
ڇاپيندڙ : علي نواز وفائي .
ڇپيو : وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي.
ٽائيٽل ڊزائين : ظفر صديقي (ظفر آرٽ) ڪراچي.
ٽائيٽل ڇپيندڙ : ڊيلڪس پرنٽ، ڪراچي.
ڪتابت : شيخ عثمان ۽ احمد مدني.

**قيمت في ڪاپي :**

سادو ڪاغذ، خوبصورت جلد سان : ٽي روپيا

اڇو ڪاغذ، پڪي جلد ۽ ڊسٽ ڪور سان : ڇهه روپيا

**ملڻ جو هنڌ :**

## سنڌو اشاعت گهر، ڪراچي، سنڌ.

**19/1-F، جٽ لئنڊ لائينز، ڪراچي-٣**

**۽**

**سنڌ ۽ ڪراچيءَ جا جملي بوڪ اسٽال**

---

ڊجيٽل ايڊيشن پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انتساب :

پنهنجي پياري پيءُ، **آفتاب عباسي**
جي نالي، جيڪا جدائي جو داغ
ڏيئي، اندر ۾ جهير وجهي ۽ گوندر
منجهه ڇڏي هلي ويئي — جنهن کي
'مرحوم' لکڻ جي سگهه نٿي ساري
سگهان .

— ماهتاب محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچور

انتساب : ٣
پيش لفظ : ٧
عرش جون بلنديون : ٩
خيران : ٢١
بليٽن : ٣٢
مان ئي وارو جود تي : ٤٦
روئي ڏنو رات : ٦٤
نڪ : ٩٥
ناسور : ١٠١
ڪارو نانگ : ١١٣
چانديءَ جون تارون : ١٢٣
منزل : ١٣٤
پوري وچ : ١٤٥
شڪي : ١٥٦
واريءَ سندوڪوٽ : ١٦٥
سودا واٽر : ١٨٦
پيلي قميص : ١٩٩
نيري شال : ٢١٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سنڌو اشاعت گهر، ڪراچيءَ طرفان، ڪيل اعلان مطابق ”درد جو صحرا“ جي بجاءِ، سنڌ جي مشهور، مقبول ۽ منفرد ڪهاڻي ڪار خاتون، محترمه پيئو ماهتاب محبوب جي چونڊ ۽ شاهڪار ڪهاڻين جو پهريون مجموعو، ”چانديءَ جون تارون“ خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. پاڪستان ۽ سنڌ جي تاريخ ۾، هي پهريون پيرو آهي جو ڪنهن جديد سنڌي ڪهاڻي ڪار خاتون جي تخليقي ڪارنامي کي، ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. جيتوڻيڪ اها ڪا فخر جي ڳالهه نه آهي، پر بيحد افسوس جو مقام آهي جو اسانجا قومي ۽ ادبي ادارا، قبرستانن مان مڙهه ڪڍيو، انهن جي نمائش ۾ فخر محسوس ڪن ٿا پر سنڌ جو ’نئون ادب‘ جيڪو هن وقت دنيا جو عظيم ترين ’ادب‘ سمجهيو وڃي ٿو، انجي نشرواشاعت لاءِ ڪوبہ جوڳو انتظام نه ڪيو آهي. بهرحال، ”چانديءَ جون تارون“ جي اشاعت تي اسانکي فخر آهي.

محترمه ماهتاب جي ادبي حيثيت ۽ شخصيت ڪنهن رسمي تعارف جي محتاج نه آهي. ادي ماهتاب الڪل ڏهن يارهن سالن کان لڳاتار لکندي اچي ٿي. سنڌس ڪهاڻيون، سنڌ جي سيني معياري ادبي رسالن ۾، شايع ٿينديون رهن ٿيون... نئين ڪهاڻي جي سلسلي ۾ ماهتاب جو بلند مقام آهي. هنجون ڪهاڻيون نه فقط انساني معاشري جون عڪاس آهن، پر جديد ڪهاڻي جي جملي قدرن ۽ رجحانن جي تڪميل جي مڪمل صورت پڻ آهن. اسين ائين ته ڪونه چونداسين ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهتاب جو فن، عظمتن سان همڪنار آهي، پر ايترو سو ضرور چئبو ته سندس فن عظمت جي بلندين ڪي ڇهيو ضرور آهي. هن جي فن ۾ جيڪا پختگي، منظر ڪشي ۽ ڀرپور ڪردار نگاري نظر اچي ٿي ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس فن، عظمت جي ڪسوٽيءَ تي ڪيتري قدر ٺهڪي اچي ٿو.

هن مجموعي ۾، ماهتاب جون سورنهن بهترين ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي هن کان اڳ، سنڌي افسانوي ادب ۾ وڏو مقام رکن ٿيون. Description، موضوع، ٽيڪنڪ ۽ Treatment جي لحاظ کان هر ڪهاڻي، هڪ نئون ۽ انوکو تاثر رکي ٿي. ڪردار نگاري ته بيحد بي‌مثال چئي سگهجي ٿي. طويل توڙي مختصر ليڪن سادن جملن ۾، ڪردار جو اهڙي ريت تجزيو ڪري ٿي جو افساني تي حقيقت جو گمان ٿيو پوي. پوري وڇ، بليڊ، نڪ، ناسور، ڪارونانگ، خيران، شڪي، سوڊا واٽر، روئي ڏنو رات، واريءَ سندو ڪوٽ ۽ ٻيون ڪيئي ڪهاڻيون ان سلسلي ۾ بهترين مثال آهن.

’روئي ڏنو رات‘ ۽ ’واريءَ سندو ڪوٽ‘ بيشڪ اڻ چيپل ۽ شاهڪار ڪهاڻيون آهن. ’واريءَ سندو ڪوٽ‘ ته موضوع، ڊسڪرپشن ۽ ٽريٽمينٽ جي لحاظ کان هڪ لازوال ڪهاڻي آهي. اسانکي اميد آهي ته پڙهندڙ ۽ لکندڙ طبقي ۾ هي ڪتاب، پنهنجي مواد، ڇپائي، نفاست ۽ خوبصورتي جي لحاظ کان پسند ڪيو ويندو.

تاريخ ۲۵- مئي ۱۹۷۰ع
ڪراچي

تاج بلوچ
(ناشر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عَرشَ جُونِ بُلَنْدِيُون

”نہ ! نہ ! نہ ! تون هرگز هيٺ نہ وڃي سگهين، تون ان لاءِ سوچي بہ نہ سگهين !“ سج ٻهرين ڪان بہ ٽپي لال ٿي ڇيو ......

”مگر سج ...... مان هن ڪي چاهيان ٿو“ آسمان جي لهجي ۾ التجا هئي ......

”لعنت هجي اهڙي چاهت تي، پنهنجي عظمت ڪي سڃاڻ، پنهنجي بلندين جي شان ڪي ڏس! ڇا تون پاڻ سان گڏ اسانکي بہ نيچ بنائڻ چاهين ٿو ......؟“

”انهيءَ ۾ نيچ بنجڻ جهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي سج ! خدا اهو تہ ناهي فرمايو تہ هڪ ٻئي ڪي نيچ نظرن سان ڏسو“

”اهي فرمان انسانن لاءِ آهن، پاڻ ۽ انسانن ۾ فرق بہ تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ، پاڻ لاءِ رکيو اهو آهي ته جنهن ڪم لاءِ اسان کي خلقيو ويو آهي انکي سرانجام ڏيندا رهون"

"پر سچ ! محبت تي ڪنهنجو اختيار آهي؟" "ڪجھ به هجي ، اسان کي هرگز پسند ناهي. توکي بلندين تي رهي بلندين سان محبت ڪرڻ گهرجي . مون سان محبت ڪر ، تارن سان ڪر."

"آءٌ تجارت نٿو ڪريان! آءٌ ته محبت ٿو ڪريان محبت ... جا خدا آهي ... زمين سان محبت ڪندي مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي جيئن آءٌ پنهنجي خلقيندڙ سان محبت ڪري رهيو هجان" .

"خبردار ! جذباتي نه ٿيءُ. ايڏي وڏي بي ادبي جي توکي جرئت ڪيئن ٿي ؟ آئينده ڪڏهن زمين لاءِ سوچجان به نه..." سج غضبناڪ ٿيندي چيو .

"پر سج ! پستي توڙي بلنديءَ کي هڪ جيترو حق حاصل آهي، هڪ جيترو حق نه هجي ها ته زمين جو عڪس گره جي صورت ۾ چو پئي ها . پوءِ چا توکي پست نٿو سمجهي سگهجي!"

"اهو گرهڻ منهنجي بلندين ۾ ڏکجي ويندو آهي ، منهنجي بلندين کي ڏسندي ڪنهن جي مجال ئي ناهي جو منهنجي عيب کي ياد رکي سگهي. چو ته بهرحال آءٌ بلند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان.“ سج غرور سان وراڻيو.

پوءِ آهستي آهستي سج لهڻ لڳو. اونداهي وڌندي وئي. آسمان اداس هو. زمين سان ڳالهائڻ لاءِ هن جا چپ چريا ۽ خاموش ٿي ويا ڇـو ته هن ڏٺو ته بي نور چنڊ ۾ روشني اچي رهي آهي.

سندس اداسائي گهري ٿيندي وئي. هن جي تصور ۾ به نه هو ته انسانن جي دنيا وانگر هتي به ايتري بي رحمي ٿيندي.

چنڊ هاڻي پوريءَ طـرح سان روشن ٿي چڪو هو. هن پنهنجي نـرم لهجـي ۾ پڇيو : ”آسمـان! تو سج کي ناراض ڪيو آهي.“

”جيڪڏهن محبت، يعني خدا کي حاصل ڪرڻ ناراضگي آهي ته مون کي ان ناراضگي جي پرواه ناهي!“

”آسمان!“ چنڊ هلڪي دانهن ڪئي ...

”هي ڇا چئي رهيو آهين! اسانکي خبر نه هئي ته بلنديُن تي رهندي به تون ايتري پست ذهنيت رکندين! اسان کي ان جي خبر نه هئي. اهو خيال تنهنجي دل ۾ ڪڏهن آيو...؟“

”اسانجي دلين ۾ خدا ازل کان پيار پيدا ڪيو هو ۽ اهو لازوال آهي. سنهنجي صبر جي انتها ٿي چڪي آهي چنڊ! آءٌ پنهنجي زمين جي ڏکويل سيني سان لـڳي هن جو ڏـم پري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ٿو چاهيان! آءٌ هنڪي ٽڙپنـدي نٿو ڏسي سگهان، نٿو ڏسي سگهان ...“ آسمان جذباتي ٿي ويو.

”مگر خدا اهو ڪڏهن به نه چاهيندو، آسمان!“

”ڇو چنڊ؟ آخر ڇو...؟ آسمان بيتابيءَ سان پڇيو. ”ڇو ته هن کي اهو منظور ناهي. هيترا سارا تارا اسان تي کلندا، اسين اهو ڪيئن برداشت ڪنداسين؟“ ”تارا؟ تارن جي ڇا حيثيت آهي چنڊ! آءٌ ته انهن کي به دنيا جي لاتعداد انسانن وانگر سمجهندو آهيان، جيڪي پنهنجي منهن ۾ مختلف ڳالهيون ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن به مطمئن نه هونـدا آهن ۽ جن لاءِ پنهنجي عزيز ۾ عزيز شيءِ قربـان ڪـرڻ وڏي حمـاقت آهي.“ آسمان سمجهائيندي چيو. ”مگـر پوءِ اسان جو شان ڪيئن برقرار رهي سگهندو؟“

”ان ۾ شان جو ڪهڙو سوال آهي چنڊ! خدا جي نظر ۾ سڀ برابر آهن ۽ هو هر ڪنهن جو شان سندن سٺن اعمالن سان ئي قائم رکي ٿو. هنجي اڳيان پستي ۽ بلندي ڪـا به حيثيت نٿي رکي.“ ”ضرور رکي ٿي، تڏهن ته هن اهو فرق پيدا ڪيو آهـي.“ چنڊ دليل ڏنو. ”بس! اهائـي تنهنجي سمجهه آهـي؟ آسمان مشڪيو، خـدا ته اِهو راز رکيو آهي چنڊ! جنهن کي پرکڻ واريون تمام گهٽ نظرون ۽ سمجهڻ وارا تمام ٿـورا دماغ هوندا آهـن. تون، سج ۽ تارا جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلنديءَ تي آهيو، حقيقت ۾ اها بلندي ناهي. جڏهن توهان غرور نہ ڪريو تڏهن ئي توهان بلند سڏائڻ جا مستحق آهيو."

" اهي وعظ انسانن لاءِ آهن، توکي تہ بهرحال اسين زمين مان ڪو بہ واسطو رکڻ نہ ڏينداسين، اهو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏ."

" چنڊ ... چنڊ! تون تہ تمام معصوم لڳندو آهين ... معصوم چهرا تہ ايڏا پٿر دل نہ هوندا آهن ... سهڻا چنڊ مونکي وڃڻ ڏي. ايڏو بي رحم نہ ٿي."

" نہ آسمان، ائين نہ ٿو ٿي سگهي."

" ڇو نٿو ٿي سگهي؟ آسمان کي جوش اچي ويو.

" مونکي هاڻي ڪير بہ نٿو روڪي سگهي. مون کي وڃڻ گهرجي! آءٌ ويندس! آءٌ ضرور ويندس! آءٌ وڃي رهيو آهيان..."

آسمان هيٺ لهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري مگر ائين ڪرڻ سان هن کي محسوس ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي جاءِ تان ذرو بہ نٿو چري سگهي. هن وري بہ ڪوشش ڪئي. مگر ناڪام رهيو.

" ها ... ها... ها!! ڏٺئي: " چنڊ کلڻ لڳو. سندس معصوم چهري تي طنز جي ڪيفيت ظاهر ٿي بيٺي. "توکان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد اهو وسري ويو هو ته تون ڪنهن قانون جو پابند آهين. خدا اهو بلڪل نٿو چاهي، جيڪو تون ٿو چاهين . توکي خبر ناهي ته توکان سواءِ اسان ڪنهنجي سهاري جيئندا سين؟ بهرحال هاڻي جڏهن توکي هيٺ لهڻ جو حق ناهي، تڏهن زمين سان ڳالهائڻ جو به حق ناهي . ڇو ته تون بلند آهين ... بلند ...“

آسمان خاموش رهيو ... قدرت جي قانون اڳيان هن جو سر جهڪي ويو، اڄ پهريون دفعو هن کي محسوس ٿيو ته هو ڪيڏو نه مجبور آهي !

اونده... تمام گهٽي اونده پوري دنيا تي ڇانيل هئي ... تاريڪي ۽ ويرانيءَ جا ڪارا ڪڪر اچا به گهاٽا ٿي ويا . هوريان هوريان وهندڙ دريا جي ڪناري تي دونهون اٿڻ لڳو ... دونهون... جو زمين جي دل مان نڪتل دردن جو دونهون هو. آسمان ڏانهن وڌندو ويو - ۽ بادل بڻجي ڇانئجي ويو - ان کي محسوس ڪري آسمان جي اکين مان هلڪا هلڪا لڙڪ برسات جي شڪل ۾ وسڻ لڳا - ڪائنات کي سهارو ڏيڻ واري زمين شڪست خورده انسان وانگر خاموش هئي . ڇو ته هن کي تمام گهڻا ڏک هئا هن جو اندر ڏک ۽ غم سببان ڦلوڪڙا بڻجي ويو هو .

جيئن جيئن ڪڪر وڌندا ويا، تيئن تيئن آسمان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريڪي ڇانئجي وئي . رات جي تاريڪي... گهري... تمام گهري، جنهن سيني تارن کي لڪائي ڇڏيو .

زمين! هڪ معصوم ۽ نرم آواز ۾ سرگوشي ڪئي .

" ڇُهُ آسمان..." هن جي آواز مان مظلوميت ظاهر ٿي رهي هئي " اڄوڪي رات پنهنجي آخري رات آهي..." آسمان ڏکويل لهجي ۾ چيو. "ها... آءٌ ڄاڻان ٿي... "

" پوءِ تون خاموش ڇو آهين؟..."

" آءٌ ڇُئي به ڇا ٿي سگهان..."

"زمين... آءٌ قدرت جي قانون جو پابند آهيان، ۽ ان جي حڪم کان سواءِ هڪ ذري برابر به نٿو چري سگهان... آءٌ هيٺ نٿو لهي سگهان زمين... زمين! آءٌ بي حد مجبور آهيان... بي حد... آءٌ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان، ڪجهه به نه... مونکي بلندين تي رهندي به آزاديءَ جو حق ناهي . مون کي پل توسان محبت هجي... تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجي دل پل ٽڪر ٽڪر ٿيندي هجي مگر تڏهن به مونکي اختيار ناهي ته توسان ملان . ان لاءِ ته آءٌ مجبور آهيان... بيوس آهيان... منهنجي زمين... منهنجي پياري زمين..." آسمان سڏڪي ٿو...

" آءٌ تنهنجون مجبوريون سمجهان ٿي آسمان! مونکي ڪا به شڪايت ناهي... آءٌ پست آهيان! انهيءَ لاءِ ته توکان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽو هيٺ آهيان... آءٌ گنهگار آهيان! انهيءَ لاءِ ته دنيا جو هر گناه منهنجي مٿان ٿئي ٿو ۽ تيستائين ائين ٿيندو رهندو، جيستائين هي دنيا قائم آهي."

"ائين نه چئه زمين ... ائين نه چئه ... تون گنهگار ناهين، گنهگارن تو کي ان جو احساس ڏياريو آهي. گناه سماج سان تعلق رکن ٿا . تنهن جو انهن سان ڪهڙو واسطو؟".

"ڪاش! دل رکڻ وارين ڳالهين سان دل جا زخم ڀرجي سگهن ... پر اها حقيقت آهي آسمان ! ته آئون تنهنجي قابل ناهيان..." تون بلند آهين... روشن آهين... ۽ آئون... آئون..."

"زمين! زمين! منهنجي زمين...خدا جي واسطي ائين نه چئه ... ائين نه چئه ... منهنجي دل ڳيا ڳيا ٿي ٿئي... ڪاش زمين! آئون به تنهنجو ئي هڪ حصو هجان ها ته اڄ مون کي فخر محسوس ٿئي ها. تون ڪيتري بلند آهين. تون ڪيڏي نه عظيم آهين. ڪاش! تو کي ڪو منهنجين اکين سان ڏسي ۽ محسوس ڪري..."

"آسمان... ! اهي انسان، جيڪي منهنجي مٿان رهن ٿا، جن جو آئون سهارو آهيان. جيئڻ ۽ مرڻ تائين اهي مونکي حقارت جي نظر سان ڇو ٿا ڏسن؟ ڪنهن جي گهٽتائي جو مثال پيش ڪرڻ مهل به اهو ئي چيو ويندو آهي "مون تو کي آسمان جي بلندين جهڙو سمجهيو هو، مگر تون زمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙي پست ثابت ٿئينءَ ... ذليل نيچ". آسمان! اهو پڌي منهنجي ڪھڙي حالت ٿيندي هوندي. ان بابت ڇا چوان؟ ايترو سو احساس ضرور ٿيندو اٿم ته خدا وٽ مون لاءِ انصاف ناهي. مونکي ڪھڙي گناه جي سزا ملي آهي جو منهنجي لاءِ هر قدم تي ڪنڊا پوکيا ويا آهن. جڏهن مونکي انهن جو سهارو سمجهي بنايو ويو آهي ته مون سان اهڙي هلت ڇو ٿي ڪئي وڃي. آسمان! اهو ته آئون روز پڌندي آهيان ته "هو هڪ شريف، امير گهراڻي جو چشم و چراغ ۽ هوءَ هڪ نيچ گهراڻي جي ڇوڪري، پنهنجي جو جوڙ ڪيئن ممڪن ٿيندو؟ زمين ۽ آسمان جيترو فرق آهي"... هر ڪو پنهنجو پنهنجو مثال پيش ڪري ٿو. جڏهن دنيا وارا پنهنجي ميلاپ کي ناممڪن ٿا سمجهن ته سچ ۽ چنڊ ته بلند هستيون آهن. اهي ڪيئن گوارا ڪندا؟ خود قدرت به ته اهو نٿي چاهي آسمان! پوءِ پنهنجي ڇا مجال آهي؟ آسمان! گناه هڪڙا ڪن ۽ سزا مون کي ڇو ٿي ملي؟ پستيءَ تي پرورش ڪندڙن کي به خدا بلنديءَ جو درجو ڏئي ٿو. ڪيترا عظيم انسان منهنجي مٿان گذري ويا آهن ۽ مون ۾ دفن آهن. اهي سڀ بلند هئا. ليڪن آئون اها ئي پست رهيس. آسمان! آئون ڪيتري نه مظلوم آهيان..." زمين جو آواز ڏک سبب پرجي ٿو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪاش! آئون ڪنهن قانون جو پابند نه هجان ها ته اڄ تنهنجي سيني سان لڳي، تنهنجا سڀ غم دور ڪريان ها، پر منهنجي زمين ... آئون هاڻي به تو کان جدا ناهيان ... تو کي نٿو وساري سگهان زمين! تنهنجي ياد منهنجي دل ۾ ڪنهن ڪنواري ڪنول جيان سدائين ٽڙندي رهندي ...... آئون خاموش هوندس، مگر جڏهن منهنجون اکيون وسنديون تڏهن تنهنجي مٿان سرسبز ۽ شاداب ٻوٽا، وڻ ٽڻ ۽ گل ڦل لهرائيندا. اهڙيءَ طرح مونکي اهو سڪون ملندو ته آءٌ تنهنجي ويجهو اچي ويو آهيان ... ايترو ويجهو جو تنهنجو هڪ حصو بڻجي ويو آهيان! ۽ زمين! ڇا تون پوءِ مونکي پاڻ وٽ ڏسي خوش نه ٿينديءَ؟ ٻڌاءِ ...؟

” اوه آسمان!“ سڏڪا ... آهون ...

” ۽ ٻـڌ زمين! منهنجي تصوير به، تنهنجي سيني ۾ سدائين محفوظ رهندي. اهڙي ڪا صورت ئي ناهي، جا تنهنجي سيني جي شفاف سمنڊ، درياءُن ۽ چشمن کـي مونکي تو کان الڳ رهڻ لاءِ بند ڪري ڇڏي.“

” آسمان ...!“ سڏڪا ... خاموشي

”زمين! جڏهن تنهنجو عڪس سج ۽ چنڊ تي پوندو آهي تڏهن هو پنهنجي حسن کي داغدار سمجهندا آهن. پر زمين! مونکي ان مهل هو ٻئي ڏاڍا حسين لڳندا آهن. مونکي ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ گھڻو هيٺ لھي آيو. يڪا يڪ گرمي وڌي وئي. تمام گھڻي گرمي. پھاڙ ڀڳھرجڻ لڳا. زمين تي رھندڙ انسان چريئن وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا.

"قيامت اچي وئي... ! قيامت اچي وئي... ڀڄو ڊڪو... قيامت اچي وئي ... گناه بخشايو ... قيامت اچي وئي ...

" ڏسو ! ڏسو ! آسمان پنھنجين بلندين تان هيٺ اچي رهيو آهي."

هر طرف توبہ توبہ ٿي رهي هئي، پوري فضا ۾ هڪ خوفناڪ اداسائي ڇانئجي وئي. هاڻي ڪنھن بہ نٿي مسڪرايو ... سواءِ زمين ۽ آسمان جي.

سج ۽ بي نور چنڊ هڪ نا معلوم قوت جي ذريعي آسمان سان گڏ زمين طرف ڌڪجي رهيا هئا. ۽ پوءِ ٻولار ۾ دير تائين هڪ آواز بلند ٿيندو رهيو.

" عرش جون بلنديون فرش جي پستين سان آهن !"

آسمان هيٺ لهندو آيو... لهندو آيو... زمين جو مدتن کان ڏکويل سينو، هڪ فاتح وانگر مسرت کان ڦهلجي ويو. آسمان، زمين جي قريب ايندو ويو. ڏاڍو ويجهو ... ۽ پوءِ آسمان، زمين سان بلڪل ملي ويو. زمين ويڙهجي وئي. آسمان هن جي سيني سان لڳو. ۽ پوءِ نہ زمين، زمين رهي ۽ نہ آسمان، آسمان، ... بلڪ ٻئي هڪ ٻئي ۾ گم ٿي ويا.

# خَيْران

”آئي ... آئي امان ڪئران، ترس ته سهي، ڪارو مٿو ٿئي منهنجو...“ پيت وڏائيندي سمونءَ جي گهر واري ذري گهٽ واڪو ڪيو. هڪدم ڏوئي ديگ ۾ چڙهي، ٽپ ڏيئي آئي، خيران کان تباخ ورتائين.

”ڏئي! منهنجي ٻه مت ڪينهي... هاڻ شهر جي پڙهيل لکيل ماڙهوءَ کي ٻه تباخ ۾ ٿي موڪليم، ڇا خيال ڪري ها.“

هوءَ هڪدم ڪٽ تي ڪڙيون ڪٽي ويٺي ۽ طاق تان رنگين گلن وارين لوهه چيني جي ٿالهين کي لاهي، ڪنديءَ جي پلاند سان چارو آڳهي تباخ وارو پت ورائي ٿالهيءَ ۾ وڌو ۽ ڳاڙهو پوش ويڙهي، خيران جي حوالي ڪيائين.

”هاڻ پل وڃ.“ سندس سانوري گول چهري تي اطمينان جي مرڪ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيران سدورين ڏين وانگر، سهاجهڙائي سان مرڪندي، هڙ ڪري ڪچ ۾ ڪئي. ڪيس ٻوٽار سائينءَ جي ٻنين جي ٻئي پر وچٽو هو، جتي گهر نما اسڪول ۾ ماسترٻارڙا پڙهائيندو هو ۽ آت ئي ڪراڙي ماءُ سان گڏ رهندو هو. ڳوٺ جا ننڍڙا ننڍڙا واٽر ۽ ويڙها اورانگهي خيران سهڪندي ٻنيءَ جي ٻئي پر اچي پهتي.

"ڪڙ... ڪڙ... ڪڙ". هن ڪڙو ڪڙڪايو.

"هائو، هائو." معصوم ڳوٺاٺو آواز آيو.

"آڙي! تون وري هت." ممونءَ جي نون ورهين جي نينگر رمون، درڪوليندي خيران کي ڏمي ڏند ٽيڙيا.

ٻارن کي موڪل ٻه هاڻ ئي ملي هئي، جو هل ڪندا ٻاهر نڪتا، جڻ سمنڊ جي وڏي چولي اچي خيران سان ٽڪرائي.

"اي ادا ڪيرايو ٿا، سنڀاليو ته سهي." هن ٻارن جي ٽيلهن کان پاڻ بچائيندي چيو.

"ترس ته رمون، گڏجي ٿا هلون."

"نه بابا. اسان کي دير ٿي ٿئي، تون پاڻهي پئي اچجان."

"هائو هائو. پاڻهي پئي اچجان"، علوءَ به ٻاءُ کي سر ڪٽايو ۽ هو ٻين ٻارن سان گڏ ٽپندا ڪڏندا هليا ويا.

گهر اندر پير رکڻ سان ئي ماسترصاحب ڪيس سواليه نظرن سان ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين، هي آدي ممونءَ وارن عرس ڏنو آهي.“ ڪيتري نہ معصوميت هئي هنجي ادائيگيءَ ۾ ... پل ڪن لاءِ هن سوچيو، ”اندر وجي ڏي.“

پوڻار سائين جي اوطاق تي اڪثر ماستر صاحب بہ حاضري ڀريندو هو، ۽ آت ئي سندس ملاقات ممون ڪمدار سان ٿيندي هئي، هنجا ٻئي پٽ ونس پڙهندا هئا، پر خيران ڪي اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئائين.

خيران ڳاڙهي پوش واري هڙ وجي ماستر جي ماڻهُ کي ڏني، ۽ پاڻ ڪر موڙي ٽڪ ڪان ساڻي ٽي زمين تي ئي ويهي رهي.

”جيجي هت هيڪلي منجهين ڪين؟“ هن ڪجھ دير ٽڪ لاهڻ خاطر سوال ڪڙو ڪيو.

”ڏيءَ، منجهڻ وري ڇا جو، شڪر آهي خدا جو. مڙيوئي پيو ڪم ڪار ۽ ڳوٺاڻن سان اوڙارين لهوارين ۾ وقت گذري.“ ماستر جي ماڻهُ کيس خالي ٽانو واپس ڪندي چيو.

”هائو جيجي، پر تڏهن بہ هيڪلائي ٿيندي هوندو، سائين جي بہ، جي نہ شادي ٿي پوي، تہ هڪ ڪان بہ هجو جيڪر.“

”لکئي جون ڳالهيون آهن ڏيءَ، جڏهن حڪم رب جو ٿئي. اجان سندس چمار ئي گهٽي آهي، اهي پاويھ چوويھ ورهيہ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”امان نينگري ڇا ٿي چوي؟“ ماستر صاحب، جنهن پريان ئي پنهنجي شادي جو ذڪر ڇڏيو پئي، تنهن ڪمري ۾ اچي مشڪندي پڇيو.

”ابا ويچاري سونکي هيڪلو ڏسي دل پئي وندرائيم.“

”ڇا نالو آهي تنهنجو؟

”ڪثران.“ خيران لڄ سان پاڻ وڌيندي سڱيندي وراڻيو. ڪي گهڙيون هو مسلسل ڏانهس نهاريندو رهيو.

”ايندي وچ نه امان وٽ.“ هنجي لهجي ۾ پنهنجائپ هئي.

”هائو سائين، هاڻ ايندس پئي.“ ڳوٺڙي جي اپوجهه خيران لڄ سان اکيون هيٺ ڪري مرڪي وراڻيو.

”ڇگو جيجي هاڻ موڪلائي.“ هو ڳوڙن ڪي جهلي ڇڻ وڏي مشڪل سان آيي ٿي.

”ڀلي ڪري آئين امان، پنهنجو گهر سمجهي ايندي وچ.“ لهجي ۾ شفقت هئي.

وقت ساڳيءَ رفتار سان گذرندو رهيو. هاڻ خيران ماستر جي گهر اچڻ وڃڻ لڳي هئي. ڳوٺ جون ٻيون نينگريون سادگيءَ سان گڏ ڪجهه شوخي ۽ رڪنديون هيون، ڪجهه شرارت ۽ چاڻنديون هيون. آنڌ ويهڻ جون چست، شوقين، اڳ ڪان اڳريون، ڳائڻ جون ڪوڏيون، وري ڳالهڻ جون ۽ ڳوٺريون، پر هيءَ ... هيءَ انهن سڀني کان مختلف هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيران ايندي هئي ، تڏهن اوپاسين مٿان اوپاسيون اچڻ لڳنديون هئس. ان ۾ سندس ڏوهہ بہ تہ نہ هو، خيران هئي جو اهڙي.

”اڙي خيران! تون تہ پارهوئي بيمار آهين، ڪڏهن تہ خدا جو شڪر بہ ڪندي وچ.“ هو خيران کي ماٺس وٺ ڇيلهہ جي تڪليف بيان ڪندي ٻڌندو هو، تہ پريان ئي ٽوڪ هڻندو هوس.

”هائو سائين، شڪر آهي.“ خيران مشڪي ۽ ڪجهہ شرمائجي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندي هئي. ماستر جي ماءُ بہ سندس بيمارين ۽ تڪليفن ٻڌڻ جي عادي ٿي وئي هئي. ماستر بہ خيران جي عادت سمجهي، ان طرف ڪو ڌيان نہ ڏيندو هو، البت ڪيس بہ خيران وڻندي هئي. سندس سڀاجهي شڪل واري شرميلي مرڪ، سندس دل ۾ بہ گهر ڪري وئي هئي. نفسيات سان ٿوري گهڻي دلچسپي رکڻ باعث، هو ان نتيجي تي پهتو، تہ ڪي ماڻهو همدردي ۽ توجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ مستقل بيمار بڻجي ويندا آهن، ۽ هوءَ، هئي بہ تہ همدردي جي مستحق.

خيران کيس ٻڌايو هو تہ ڪيئن نہ ننڍپڻ ۾ سندس شادي ٿي ۽ پوءِ ڪيئن کيس ڏک مليا. پهرين سس جا سور، پوءِ مڙس جا سوچڙا، تنهن بعد ڏهاڳ جا ڏجها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي نہ معصوم آهي. اها سادگي، اهو خلوص ۽ روح جي پاڪيزگي، پنهنجائپ جو احساس شهرن ۾ ڪٿي. اسين شهري تہ ڪوڪلا آهيون. اسانجي نئين تهذيب اسانکي ڪائي چڏيو آهي. اسانجي تهذيب، اسانجو تمدن ڇو ڪنهن وزني بوٽ هيٺان دٻجي ويا هجن. اسان وٽ پيو ڇا هي، جنهن تي ناز ڪريون. اهي ڳوٺڙا ئي تہ آهن، جن تي ناز آهي. اسانجي عزت، اسانجو شان، اسانجو حسن... شال سدائين هن سنڌڙي جا ڳوٺڙا وسن."

"الائجي ڇا پيو وڦلين ماريا." ماڻس ڪجهہ نہ سمجهندي وڃي ڪم کي لڳي.

شام موڪلائڻ واري هئي، ماستر گهر ۾ اڪيلو پنهنجي امتحان جي تياري ۾ مصروف هو. ماڻس بہ ڪجهہ ڏينهن کان شهر ويل هئي. اوچتو خيران کي پاڻ وٽ ڏسي هو ڪجهہ حيران ٿي ويو.

"ڇو خيران؟ ڇا ڳالهہ آهي." هن سندس لٿل چهرو ڏسي پڇيو.

"سائين، مونکي ڏاڍي تڪليف آهي، ڪا گرم دوا آهي توهان وٽ؟"

"گرم دوا!... ڇو؟ هو وڌيڪ حيران ٿي ويو.

"آهي ڇا؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ڇو؟“

”ڇيلهه جو سور لهي ويو شايد.“

”ڇري، هو ڪليو، ڪنهن توکي ڇيو ته گرم دوا ۽ سوڙ لا هيندي؟“

هن ڪوبه جواب نه ڏنو.

”پر مون وٽ ته ڪابه دوا ڪانهي“

هنجي جي چهري تي اداسي ڇانئجي وئي.

”ڇگو...ڏس. تون سياڻي منجهند جو اڇج، ته هتي منهنجو دوست ڊاڪٽر آهي، اُت توکي وٺي هلندس.“ هنکي، سندس لٽل منهن ڏسي مٿس رحم اچي ويو.

ٻئي ڏينهن وعدي پٽاندڙ ماسترڪيس ڊاڪٽر وٽ وٺي ويو.

”هنکي ٽن مهينن جو ٻار آهي.“

”جي!“ وگهريل شيهو ڪنن جي رستي هنجي دل ۾ لهي آيو.

”ڪٽي وڃي ڦاٿو آهين؟“ ڊاڪٽر هوريان ڪيس اک هڻندي چيو.

”پر ڊاڪٽر خدا جو قسم...“

”ڇڏ يار.“

”اوهان مون تي يقين نٿا ڪريو ڊاڪٽر...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڊاڪٽر بدستور مسڪرائيندو رهيو.

ماستر حيران ڏانهن نهاريو. هن جو ڪنڌ جهڪي ويو هو ڪيس ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ ٽڪرا ٽڪرا پير گسٽيندو گهر اچي اڪيلو پوڻي ليٽي پيو. هنجو دماغ ته چڻ هڪ گول چڪر بڻجي ويو هو. انهيءَ چڪر ۾ سندس سڀ پراڻا ۽ نوان خيال هڪ زنجير جي شڪل ۾ جڙي ويا... سهاجهڙي صورت ... معصوم مرڪ... ٽڪاوٽ ... ڊاڪٽر جي طنزيه مرڪ... گرم دوا ...

”هون ... گرم دوا.“ گرم دوا جي خيال اچڻ سان ئي، نفرت کان ڪنڌ جون رڳون اڀري آيس.

”بد بخت شايد سمجهيو ٿي، ته مونکي ماستريءَ ۾ اهي گُر سيکاريا ويا آهن.“

هنجي بيچيني وڌندي وئي. آخر ڊاڪٽر هن تي يقين ڇو نه ڪيو...

هو هڪدم اٿي ڪڙو ٿيو ۽ سچي حقيقت وجي سهڻيءَ کي ٻڌائڻ چاهي ۽ پڻ اهو به، ته اهڙي بد ڪردار ۽ مڪار عورت کي آئينده وٽن نه موڪليو وڃي. هن سهڻيءَ جي گهر جي واٽ ورتي. ڪاڙهي تتي ۾ ٻجهن، مثل گڏهه کي اچي ورتو هو. مٿانئس لامارا ڏيئي ماس پٽي رهيون هيون......

”آف... !“ بدبوءِ کان سندس ساهه پوساٽجڻ لڳو. هن اهو پاسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممڻ خاطر جاءِ جي پٺ ورتي. وٽاڻ وٽ هن کي ممڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن خاطري ڪرڻ لاءِ ڪانن ڀويان نهاريو. هن ڏٺو ته ممون ڪتر واري کوکي تي ويهي ڪانو ڪٽي ڪڍهن ڇپاڙيو ٿي، ته ڪڏهن پڇي ٿي اڇلايو. حيران سندس وارن ۾ پنهنجيون آڱريون ڦيرائيندي چئي رهي هئي: "تون ڦڪر نه ڪر ممون... گم نه ڪر. جي يار نه ڪريو، ته مان پڌرو ڪري ڇڏينديس ته يار ماستر جو آهي."

ماستر کي ان مهل ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ڪجهه دير پهرين ڏٺل ڳجهون سندس ڪيپراٽي مان مغز پٽي رهيون هجن.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بُلِبُن

"ڀلي ڪري آئينءَ استاد."

"امان منهنجي ـــــ." استاد، "مئڪلين" جي اشتهار جو مظاهرو ڪندي، وڏي پاپوهه مان رئيسياڻيءَ کي ڪيڪر جو جواب ڏيئي، پاڻ ڪٽي کٽ تي اڇلايو.

هو ماڙ ڏاڪڻ چڙهي سندس ساهه بنهه قابوءَ کان ٻاهر ٿيو پيو هو. اڇي چادريءَ کي مونجهه وچان اصل اهڙي ست سان جسم تان آزاد ڪيائين جيئن ڪو مردو ڪفن ڦاڙي نڪتو هجي. مگر فرق صرف هيءُ هو ته مردي ۽ هن ۾ وڏو فرق هو. قدآور رستم نما زال هئي. اڌ وهيءَ کان ڪجهه مٿيرو، رنگ سفيد، مگر رت جي گهٽتائي سببان پيلاڻ ڏانهن مائل. سفيد ڪپڙن ۽ سفيد چادريءَ سان سندس چهرو به چانديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وڏو ڪاشڪو نظر ايندو هو. جڏهن ڪلندي هئي تڏهن "ٿيف آف بغداد" جي ديو جي به جاءِ ڪونہ هوندي هئي. نالو تہ سندس خبر ناهي ڇا هو، مگر عام طرح سان "استاد" ۽ پرائيويٽ طرح سان "بليٽن" جي نالي سان مشهور هئي. بقول سندس هوءَ اخبار آهي. دنيا جون خبرون ڪانئس ڳجهيون ڪا هن، پر هوءَ "بليٽن" جي نالي سان انڪري مشهور ٿي جو اخبار تہ پوري ڏينهن جي انتظار بعد نڪرندي آهي، مگر "بليٽن" خاص طرح سان تازيون خبرون يڪدم ڪنهن وقت بہ ڏيئي سگهي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو تہ سندس خانداني شجرو يا اصل نسل ڪنهن " شاهي بورچيءَ" سان ٿي مليو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ " چمچہ گيري " جي فن ۾ خطرناڪ حد تائين مهارت حاصل ڪئي هئائين، ۽ اهو فن ڪيس گهر گهر وڃي قرآن پڙهائڻ، از راهِ ڪرم ضرورتمندن کي بازار مان ڪپڙو گندي، سودو سلف خريد ڪري آڻي ڏيڻ، اوپاريون لهواريون پڌڻ ۽ پڌائڻ ڪانپوءِ ئي حاصل ٿيو هو ۽ سندس اهو فن وڏو اهم ۽ خطرناڪ پارٽ ادا ڪري رهيو هو.

هي ستون سال هو جو رئيسياڻي ياڳ پريءَ جي حاويليءَ تي نينگريءَ کي قرآن پڙهائڻ ايندي هئي. پنج سال گذري ويا جو نينگري بابن وارو سيپارو پڙهندي پئي آئي، اهو بہ طوطي وانگر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نعرو هڻي، ڳچيءَ ڏانهن هٿ وڌائي چانديءَ جي لٽڪيل ڏند کوٽڻي کان ڪم وٺڻ شروع ڪيائين.

رئيسياڻي جي حڪم سان هڪ ٻانهيءَ چلمچي اڳيان آڻي رکيس.

”استاد، ڪا خبرچار؟“ رئيسياڻي پلنگ تي ليٽندي پڇيو. ڪيس ٻه خبرن ٻڌڻ جي چوس پٺجي وئي هئي.

”امان خبرون مڙئي خير جون. ڪالهه جا وچان ڪٽي وڏيري الهندي جي گهر، سو پئي خدا جي در تان توبهن ڪريان——.“

”چو چا ٿيو؟“ رئيسياڻي جي خبرن سان دلچسپي وڌي.

”بس امان، هوندي سوندي نه الله شال ڪنهن کي اهڙو ڪري؛ چنل کٿون گهر ۾، ڪو ٽيڙ سليقي سان نه رکيل، چئبو ته زالن کي افعال ئي ڪونهي. گهران ميرن ڪپڙن جون ڳنڍيون ڍويو وچن پاڻ جي در تيءَ ڏوئڻ. سونکي ته عجب وٺي ويو؛ آءٌ ته وچان ئي ڪونه، پر پرايا ڀهراڻ هئم پرائٽا؛ سو ٻڌو هئم ته وڏيريءَ وٽ ڏاڍا سٺا نمونا آهن- تنهن ڪري چائنٽ لنگهي ويس. پر وڏيري گهر ۾ هئي ڪونه. الائي چو گهر ۾ ويهڻ ئي نٿو اچيس. رکو نهون ڏيون ويٺيون هيون. انهن جواب ڏنم ته اسانکي ڀهراڻن جي خبر ڪانهي. وري سياڻي جڏهن پنڌ ڪريان.“ ائين چئي نينگريءَ کي سڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين ته اڄ سبق وٺي. ٻه سٺون سبق جون ڏيئي، چادريءَ
کي ڪنبيندي، رئيسياڻي کي مخاطب ٿي: ”اماں آءٌ هينئر
وڃان ٿي ٻئي پاسي، سياڻي وڃڻو اٿم شهر، ڪو ڪم هجي
ته ٻڌائي ڇڏ.“

”ها استاد، چڱو جو ياد ڏياريئي. ولايتي بوسڪي ملي
ته پارهن وال وٺيو اچجانءِ.“

ائين چئي رئيسياڻي پن سون جا ساوا نوٽ ڪڍي مان
آڻي استاد جي هٿ ۾ ڏنا.

”بوسڪيون ڪٿي ٿيون ملن اڄڪلهه، ولايتيءَ وري ته
آءٌ سڄي بازار رلنديس.“

رئيسياڻيءَ کي اطمينان ڏياري ٻليڻن هيٺ لٿي.

... ... ... ...

”اماں، ماڻهين آهي گهر ۾؟“ استاد وڏيري آلهنڊي جي
گهر ۾ پير پائيندي ڏيڻس کان سوال ڪيو.

”توهان اندر ته اچو، هوندي ڪيئن نه.“ ڇوڪريءَ
رڪائيءَ سان وراڻيو، جيئن ڪيس ساڻس ڪا دلچسپي نه هجي.
غالباً هوءَ ٻليڻن جي ڪارناس کان واقف هئي. ٻليڻن کٽ
تي ويٺي. گهر جو سامان بدستور پکڙيل هو. وڏيري به
کيڪاري اچي گڏ کٽ تي ويٺس.

”خوش آهيو، چڱا ڀلا؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دعا آهي توهانجي استاد.“

”مان ڪالهه به آئي هئس، توهان مليا ئي ڪونه.“

”مبارڪ ڏيڻ وئي هئس سومرن ۾ شاديءَ جي.“

”پڌجي پيو ته ڇوڪريءَ وارن شادي ڪري اچي پڇتايو آهي. ماڻهو ڏنگا آهن.“ استاد پَرُ وڪيل جيان اڳ ورتو.

”خدا ڄاڻي استاد، مون ته ڏٺو ڇوڪري ڏاڍي خوش هئي. سڀني ڏاڍو پانيس پئي. الله ڪري جڳ جون ڇايون خوش هجن.“

”ها شال سڀ ڪو خوش هجي.“ مجبوراً بلينه به دعا ڪئي.

”ادي، پڌو اٿم ته توهان وٽ سڻا پهراڻ آهن. مون کي نمونو گهرجي.“

”استاد پهراڻ ته برابر مون وٽ آهن، پر هتي ڪونهن، اوهين خود ڏسو پيا ته جاءِ ٺهي رهي آهي، گهر جي حالت ڪيئن بگڙي پئي آهي ـ ڪا شئي سڌ ۾ رکيل ئي ڪانهي. سامان سڄو سپ پاڙي جي گهر رکيل آهي. هيتان هُتان اچ وڃ لڳي پئي آهي. جڏهن اتي ويس ته اوهان لاءِ پهراڻ ڪنيو ايندس.“

”ها، برابر جاين ٺهڻ ۾ وڏي تڪليف ٿيندي آهي. جلدي ٺهي ويندي الله چڱو ڪندو.“

”سامان جو حال ڏسو ته ڪيئن ٿيو پيو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مڙئـي خير آهي، اهـي تہ جاين ٺهڻ جا ڪم آهن .
توهانجو ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ. هونءَ جاءِ تڏهن بہ پنهنجو مـٽ
پاڻ آهي، ڇا سنڌس وائڪ! ڇا سنڌس بيهڪ!“

”بس، غريباڻي جاءِ آهي.“ وڏيريءَ ڪسر نفسيءَ کان
ڪم ورتو.

”ڇگو ادي، سان وڃان ٿي، هيڏانهن رئيس الهہ بخش
جي گهر واريءَ ڪپڙو گهرائڻو ڏنو آهي. پرائو ڪم ڪندي
بہ ڊپ پيو لڳي. الائجي وٺيس، نہ وٺيس. سون تہ جواب ڏنو سانس
پر ڇيائين پيو ڪير آڻي ڏيندم، ان لاءِ وڃان ٿي. ڇگو هاڻي
الله ڪي پرتينءَ.“

... ... ... ...

”مائي تون پراڻو گراڪ آهين. اسين توسان ڪوڙ ڪيئن
ڳـالهائينداسين . ولايتي مال ختم ٿي ويـو آهي . شايد ٻين
دڪـانن تي ملي وڃئـي. هي ڏس ديسي مـال ڪهـڙو نہ
فسٽڪلاس آهي.“ دڪاندار استاد کي ڇئي رهيو هو.

”ٺهيو ابا، ٻين دڪانن تي ڪير رلي. ڀلا ڪيتري وال
ڏيندين هن بوسڪيءَ جو؟“

”مائي اتين رپئن کان گهٽ وال نہ ملندءِ، اصلي خيرپور
ملز جو ڪپڙو آهي.“

”ڇگو ٻـارنهن وال ڪپڙو ڏي، پر هي خيرپور ملز جـو
ٺپو ڪڍي ڇڏ.“

... ... ... ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سچي بازار رلي آهيان تڏهن وچي مس مس ولايتي بوسڪي ملي آهي.“ استاد چئي رهي هئي.

”مهرباني استاد! نہ تہ مونکي ڪٿان ملي ها.“

”بس امان! تنهنجي پاڪ ۾ هئي، چيائين تہ ارڙهين رپئن وال پئي پر آءٌ چوڏهن رپئن ۾ ڪرائي آيس.“ استاد باقي پنجھ رپيا رئيسياڻي جي حوالي ڪندي چيو. هوءَ دل ئي دل ۾ استاد جي شڪرگذار ٿي، جنهن وڏي مشڪل سان ڪيس ولايتي بوسڪي سستي اگھہ ۾ آڻي ڏني هئي.

”ڪٿي آهي نينگري تہ سبق ڏيئي وڃانس، وري وچٿو اٿم پرائي وي سيءَ لاءِ نوابن ۾.“

”ماني تہ کائي وڃو پهريائين.“

انهيءَ تي استاد خاموشيءَ سان رڌڻي جو رخ ڪيو، هو ورچياڻي نڪ کي موڙو ڏيئي اڳ جيان استاد لاءِ ڏوڌيون پرڻ لڳي. مانيءَ مان فارغ ٿي، استاد نينگريءَ کي ٻہ سڻون سبق جون ڏيئي چادري مٿي تي ڪئي، هو ڏاڪڻون لتاڙي ٿهہ اچي نوابن جي حويلي تي ڪيائين. نوابڻ جي ننهن جو استاد کي ڏنو، سا دهلجي وئي. استاد کي پنهنجي ڏهٽي، نوابڻ جي ننهن جي حيثيت سان ڏسڻ جو وڏو ارمان هو. پر حالتن آڏو، هوءَ بي وس ٿي سور پي وئي. پر دل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گوگي چوهاڻ“ جو قسم ڪاڏل هئس تہ ڪاري نانگ وارو ويرُ ضرور وٺندي.

چوڪريءَ کي پريان ڏسي واڇن کي زوردار جنبش سان ڪاپي ۽ ساڄي ڪسڪائي خوش اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪندي چيائين:

”امان ڪنوار خوش آهين؟ سسٽين ڪٿي آهي؟“

”دعا آهي توهانجي. چاچي تہ سکر ويل آهي.“

”چو خير سان ــــ؟“

”ها بس ائين ئي، ڪو ڪم ٿي پيو.“

”ٻچا ٻار سڀ ويل آهن؟“

”ها ـــ!“

”تنهنجو گهر وارو؟“

”اِتي ئي آهي.“

”سيڏو ساماڻ کٽي وئي؟“

”ڪجھ کٽي وئي ۽ ٻيو سڀ گهر لاءِ رکيل آهي.“

”انهن جا نوڪرا؟“

”اهي بہ اتي پيل آهن.“

”چڱو امان، آءٌ وڃان ٿي وري ٻيءَ مهل ايندي س.“

”ويهو استاد، چانهہ پي وڃو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ امان، هيئنر وچان ٿي، پنهنجو گهر آهي.“

...            ...            ...            ...

”استاد، اڇو خوش چڱا ڀلا.“

”امان منهنجي، دعائون آهن توهانجون، توهان خوش چڱا ڀلا؟ سکر وڃي ڏينهن لاتوَ، گهر اڀاڻڪو ٿيو پيو هو جڻ ته ڪائڻ پئي آيو.“

”توهان ته ايندا ئي ڪونہ هئا.“

”امان ڪهڙيون ٿي ڳالهيون پڇين، ڪنهن وٽ اچان؟ جڏهن اچان تڏهن ننهٽي ڪوٺيءَ جو در بند ڪيو مڙس سان ويٺي آهي. پوءِ اچي ڇا ڪريان؟ هڪ دفعو ملي هئم تڏهن بہ اهڙيون ڳالهيون ڪٽي ويٺي جو پنهنجي دل بنهہ پرجي آئي. سچ چيو اٿن تہ مالڪن ڪانسواءِ گهر گهر نہ هوندو آهي. پاڳن پريون آهن اهي سسون، جن کي ڏيئن جهڙيون ننهون ملن.“ استاد ڏڏو ساهہ کڻي ڳالهہ پوري ڪئي.

”ڇا ٿيو استاد؟“ نوابڻ جو آواز سندس دلي ڪيفيت لڪائي نہ سگهيو.

”اهو ئي جيڪو هميشہ ٿيندو آيو آهي.“ استاد پنهنجي ڳالهہ ۾ وڌيڪ Suspense پيدا ڪيو.

”تڏهن بہ؟“

”امان ڊپ ٿو لڳيم، اڄايا گهرن ۾ جهيڙا ٿين تنهن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو فائدو. دل ۾ رکين ته پڌي، توکي ڏيءَ ڪيو اٿم، سو سچ ٿي پچين ته تنهنجي نه ڪيرگلا ٿو ڪري ته هيئنئين ۾ چڻ وڍ ٿا پون.“

”ها استاد، سچ ٿي چئين، پرايون ڌيون پنهنجون ڪونه ٿينديون آهن.“

”امان انهيءَ ڏينهن جو اچان ته مونکي چيائين ته سسٽم پٽ تي ڪک به نه ڇڏيو آهي ـــ سيڏو سامان، ويندي انبن جا ٽوڪرا جي پنيءَ تان آيا هئا سي به ساڻ کڻي وئي، ائين نه سمجهيائين ته پٺيان به ڪي ماڻهو آهن.“

”استاد، خدا جو قسم ته سڀ ڪجهه ڇڏي ويئي هئس.“

”ها امان، اهوئي ته چوان پئي، دنيا ۾ ڪيترو نه انڌير آهي، توبان، توبان، الله توکي پلائيءَ جا پاڙا ڏيندو.“

”استاد ڪهڙي نه ڏک جهڙي ڳالهه پڌائي اٿئي. ڪنوار مان مونکي اها اميد ڪونه هئي.“

”ٺهيو امان، ڇڏ انهيءَ ڳالهه کي، الله هميشه صبر ڪرڻ وارن سان هوندو آهي.“

”رئيسياڻي جي خبر ڏيو؟ ڪيئن خوش آهي؟ اچان اتي وينداآهيو.“

”ها امان، لاچار ويندي آهيان، رڳو نينگريءَ کي سبق ڏيڻي پوين پيرن تي موٽندي آهيان. منهنجي ته انهيءَ ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان دل ڀڳي جڏهن ڀاڳان اوهانجي باري ۾ خراب خيـال ظاهر ڪيا هئا . چي: ”پوءِ ڏائي نوابڻ ٿي آهي. نواب سان پرڻي ته پاڻ کي ڪا ”شئي“ ٿي سمجهي.“

” پوءِ ڏائي هئس جو وتس پنـڻ وئي هئم. “ امان خير گهر، ڀاڳان جي وات ۾ خاڪ، تون ته نه چئو پنهنجي وات سان.“

”جوش ٿو اچي، ڏريل اکين کي اجايو تپائڻ مان دنيا کي الائجي ڇا ٿو ملي؟“

”پاڻ وري کهڙي رئيساڻي آهي، جڏهن سڄاڻاس ٿي ڪونه!“ استاد موڙو ڏيئي چيو.

”ڪير ڪيئن به هجي، آءٌ چو چوان؟ سڀ ڪنهن جي پنهنجي نيت.“

”سچ ٿي چوين امان، جنهن جو جهڙو شان اهـو ائين ٿي چوندو. چڱو امـان ، آءٌ وڃان ٿي وري سڀاڻي شام جو ايندي س.“

”چڱو استاد، پر هيءَ ته ڪنيو وڃو توهان لاءِ سکر مان سو ڪڙي آندي اٿم.“ ائين چئي استاد ڏانهن ويڙهيل وڏو بنڊل وڌايائين .

استاد بيڪ وقت واڇن ۽ ناسن کي جنبش ڏيندي بنڊل ڏانهن هٿ وڌايو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”امان، ڪھڙيون هلاڪيون ڪيون اٿئي!“

”هلاڪيون ڇا جون آهن استاد، ياد گيري آهي.“

... ... ... ...

”امان ياڳان، منهنجي جيجل ڪٿي آهين؟“ ڏاڪڻ چڙهندي استاد سڏ ڪيو.

”اڇها استاد، ڪپڙا پئي ڌوئي ٿا هيان.“

” ها پلي پلي، آءٌ به اچان پئي، ڪالھ توسان ويٺس ئي ڪونه. اڄ مس مس واندي ٿي آهيان. ڪالھ ويس نوابڻ وٽ ـــ امان بس، توبه آهي سائين جي در تي، زال، زال نه پر ڪا خطرناڪ بلا آهي. مونکي چوي ٿي ته تون رئيسياڻي جي نينگري کي پڙهائڻ ڇڏي ڏي. منهنجين نينگرين کي پڙهاءِ. پيٽي پگهار ڏينديمانءِ. مون چيو ته منهنجو سر لڳي رئيسياڻي سان. پر پاڻ گهٽوئي ڪجھ. ڇئي وئي، آءٌ پنهنجي زبان سان ڇا چوان!“

”پر مون ڪھڙو ڏوھ ڪيو آهي سندس استاد؟“

”پر امان......“

جيستائين ڳالھ ختم ٿئي تيستائين ڪنهنجي ڏاڪڻ تي چڙهڻ جو آواز آيو ۽ ڪاريءَ چادري سان نوابزادي نمودار ٿي.

استاد کي گهگي پئجي وئي. رئيسياڻي حيران هئي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” ادي اڄ مان تو کان پنهنجي ڪجهه پڇڻ آئي آهيان.“

”ڇا پئي چوين ادي...؟“

”مونکي سڄي رات ننڊ نه آئي... مون توهانجو ڪهڙو ڏوهه...“

ڳالهه ختم ٿيڻ کان اڳ استاد پيچ پائي ڏاڪڻ طرف ائين ڀڳي جيئن خود ڪشي ڪرڻ مهل ڪير پاڻ کي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي.

اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن وري ڪنهن استاد کي ڏاڪڻ چڙهندي نه ڏٺو.

★ ★



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مَان ٻِئِي وَار وجود ٿي....

تنهن هوندي بہ جيڪڏهن هن کي ڪنهن ٻئي پاسي ڪونڙي ملي وڃي ها تڏهن بہ هن اڪيلي سر لاءِ غنيمت هئي. گهٽ ۾ گهٽ ڪارخاني جي ٻڙ واري موجوده جاءِ کان تہ هن جي جند آزاد ٿئي ها، جنهن ۾ سواءِ جمع جي هر روز مشينن جي کِچ کِچ ۽ چڪ چڪ ٻڌي هن جي مغز جون رڳون چڪجي وينديون هيون.

هر روز مشينن جي چڪ چڪ ۽ هنجي ستار جي مڌ ھ آواز جي چڙاپيڙي ٿيندي هئي. هو تيز کان تيز ستار وڄائي مشينن جي آوازکي ستار جي تارن سان ٽڪرندڙ آواز ۾ گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

پر ائين ڪرڻ سان آٽلندو سندس ستار جون نازڪ تارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل کي مسحور ڪرڻ واري چمڪ... نور هوندي به هو ڦڪيون ۽ بي نور نظر ايندڙيون هيون.

بي ڊول ڇپن، ڪاري رنگت ۽ غير معمولي طور تي ڪمزور جسم هن جي شڪل کي وڌيڪ ڀوائتو بنائي ڇڏيو هو.

هنکي پنهنجي بدصورتيءَ جو شديد احساس شروع کان ئي هو. هن ۾ اهو جذبو نه هو، جنهن سان هو پنهنجي انهي احساس تي غالب اچي سگهي ها.

ليڪن قدرت هنکي ڪمال جو فن ڏنو هو، جيڪو حسن کان به گهڻو حسين هو. هن جي دل چوندي هئي ته زور زور سان واڪا ڪري، دنيا کي ٻڌائي ته هنکي ڪيترو نه غم آهي، پر شرم آڏو هو. هو ائين نٿي ڪري سگهيو ۽ خاموشيءَ سان پنهنجي دل جو خون پيئندو رهيو. ائين ڪرڻ سان هن کي گهٽ محسوس ٿيندي هئي، جنهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي دل جو سارو درد ستار جي هر تار ۾ وجهي ڇڏيو هو. ۽ اهو ئي سبب هو جڏهن هو ستار وڄائيندو هو، تڏهن ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻڪ ستار جون تارون رڙي رڙي هنجو درد بيان ڪري رهيون هجن. اهڙيءَ ريت پنهنجو درد ظاهر ڪري هو ڪجهه سکون محسوس ڪرڻ لڳندو هو.

”جهان زيب“ ڪاليج ۾ شام جو هڪ تقريب هئي. ملڪ جي مشهور معروف آرٽسٽن کي پنهنجي فن پيش ڪرڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو هو، عارف جو نالو انهيءَ ۾ سر فهرست هو... هن جو تقريب ۾ وڃڻ جو ڪو به ارادو نه هو جيڪڏهن زيبا هن کي مجبور نه ڪري ها... زيبا هن جي پرستارن مان هئي. ريڊيو اسٽيشن جي معرفت هن عارف کي سندس ستار جي تعريف ۾ ڪيترا خط لکيا هئا، ۽ پوءِ عارف اهو محسوس ڪيو هو ته زيبا سندس ستار کي نه، بلڪ کيس به پسند ڪري ٿي.

هن کي اهو ڊپ ٿي رهيو هو ته ڪٿي هوءَ به هن جي شڪل کي ڏسي هن کان نفرت نه ڪرڻ لڳي... پر سندس خوش ذوق تحريرون هن اڳيان ڦري آيون، جن هن جي انهيءَ احساس کي سندس وهم سمجهي غلط ثابت ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

هو پنهنجو مخصوص سفيد لباس پهري ڪاليج ڏانهن وڃي رهيو هو، چٽڪ ننڊ ۾ هلي رهيو هجي... فٽ پاٿ تان ٽن چئن ڇوڪرن جي ٽولي هنکي معنيٰ خيز نظرن سان گهوريندي پاسي مان لنگهي وئي.

”يار ڏنئي؟ هلندو چلندو وساٽيل سگريٽ.“ هن جي سفيد لباس سان ڍڪيل پوري جسم کي ۽ غير معمولي ڪاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهري کي ڏسي هڪ ڇوڪري ۾ چار قدم اڳتي هلي وساٽيل سگريٽ سان تشبيهه ڏيندي ريمارڪ پاس ڪيو.

هن پڌي ورتو ... هن جي دل وسامي وئي ... هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جيئن ڪيترا وساٽيل سگريٽ هن جي مٿان ڪري پيا هجن. ۽ هو انهيءَ وساٽيل سگريٽن جي ڍير ۾ دفن ٿي ويو هجي. تصور ئي تصور ۾ هن پنهنجو پاڻ کي سگريٽن جي ڍير مان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي...لاتعداد وساٽيل سگريٽ هن جي اڳيان ائين ڦرڻ لڳا جيئن رقص ڪري رهيا هجن، هو غور سان اکيون ڦاڙي چرين وانگر انهن کي ڏسندو رهيو... هرڪنهن سگريٽ جي وساٽيل ٽڪر تي هن کي پنهنجي شڪل ٿي نظر آئي. هن ڇڪرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪجهه گهڙين لاءِ هو اتي ئي بجليءَ جي ٿنڀي هيٺان بيهي رهيو. هن دل ئي دل ۾ ارادو ڪيو ته هاڻي هو ڪڏهن به سگريٽ نه پيئندو، ڇو جو ڇوڪري جو ريمارڪ، پوءِ هروقت تازو ٿي هنجي دماغ تي سوار رهي ها...ايڏي وڏي سزا هن پاڻ کي نٿي ڏيڻ چاهي.

هن رستي تان ئي واپس وڃڻ لاءِ سوچيو، مگر زيبا جو خيال هنکي ڪاليج وڃڻ کان روڪي نه سگهيو. ۽ جڏهن هو ڪاليج پهتو تڏهن زيبا هن کي ڏسي تمام خوش ٿي. هن جو پسنديده فنڪار هن جي سامهون هو. زيبا کي خوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندو ڏسي عارف جي دل ۾ خوشيءَ کان ٽمٽار ٿي وئي. وهم ۽ وسوسا، جيڪي ڪجهه دير پهرين زيبا جي متعلق هن جي دل ۾ هئا، هڪ پل ۾ منجهي چڪا هئا. وساٽيل سگريٽ واري چوٽ جو احساس به گهٽجي ويو هو.

ڪاليج جو پورو ”هال“ مهمانن ۽ شاگردن سان ڀريل هو. هوءَ بار بار اسٽيج تي وچي پردي جي سائيڊ ۾ عارف کي پنهنجي پسنديده ڌن وڄائڻ لاءِ تاڪيد ڪري رهي هئي، ۽ عارف هڪ خاص ادا سان مسڪرائي، ڪنڌ جهڪائي اطمينان جو اظهار ڪندو رهيو.

پنهنجي حسين پرستار کي پهريون دفعو سامهون ڏسي، هو ڏاڍو خوش هو. سندس چهري تي غير معمولي شادماني نظر اچي رهي هئي. هنکي، جنهن همدرد ساٿي جي مدتن کان تلاش هئي، اهو اڄ هن جي سامهون هو.

”عارف صاحب! ڪنهن شيءِ جي ضرورت ته ناهي.“

زيبا، عارف کي چانهه پيش ڪندي ڪاليج سوشل سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت سان پڇيو. ۽ هو سندس آواز جي مٺاس ۾ گم ٿي هنکي ائين ڏسڻ لڳو جيئن ڪو دلڪش خواب ڏسي رهيو هجي، ليڪن جلد ئي پاڻ کي سنڀالي ڏاڍي نوڙت سان چيو:

”اوهانجي مهرباني ... سڀ ضرورتون پوريون آهن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ زيبا پڻ مهمان فنڪارن ڏانهن وڌي وئي.
چانهه جي پيالي هٿ ۾ جهلي هو وري خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويو.
”ڪهڙي نه بلند ذهنيت واري آهي زيبا ...... مون کي ڏسڻ سان هنجي چهري تي ڪنهن به قسم جي مايوسيءَ جا آثار به نه نظر نه اچي رهيا هئا... منهنجي شڪل و صورت سان هنکي ڪوبه واسطو نا هي...۽ هجي به ڇو؟ هوءَ جڏهن منهنجي روح سان پيار ڪري ٿي ... منهنجن نغمن کي پسند ڪري ٿي...“ هو سوچيندو رهيو ۽ جڏهن زيبا کي سندس شوخ سهيلي مذاق ۾ چيو: ”معلوم ٿو ٿئي ته محترمه کي فنڪار سان عشق ٿي ويو آهي، تڏهن زيبا اي پرواهيءَ سان کلندي چيو.
”توبه ڪر، ڇئين چا ٿي-؟“
مونکي هنجي ستار سان پيار آهي، آءٌ هنجي عزت ڪريان ٿي. ڀلا خيال ته ڪر، ڪا ڇوڪري هن سان محبت ڪري سگهي ٿي؟
جيٽوڻيڪ سائيڊ ۾ پردو هو، ليڪن اهو سڀ ڪجهه هن ٻڌي ورتو.
هن جي خوابن جا محل واريءَ جي ڪوٽ جيان ڦهڪو ڪري اچي پٽ پيا ...... جهڙيءَ طرح صحرا ۾ طوفان لڳڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هر نشان مٽجي ويندو آهي، اهڙي طرح ڪجهه دير پهرين سنڌس چهري تي آيل شادماني جا آثار هڪ پل ۾ مٽجي ويا. هنکي پنهنجي دل ڪنهن اونهي ۽ گهري کوه ۾ غرق ٿيندي محسوس ٿي.

چانهه جي پيالي هن هيٺ رکي ڇڏي. هن هڪ سيڪنڊ به اتي ترسڻ نٿي چاهيو... ۽ طبيعت خراب هجڻ جو بهانو ڪري واپس پنهنجي ويران ۽ تاريڪ ڪوٺڙيءَ ۾ اچي ويو ـــ ۽ دير تائين روئندو ۽ سڏڪندو رهيو.

*     *     *     *     *

هو جيئن ئي پروگرام ختم ڪري اسٽوڊيو کان ٻاهر نڪتو، تيئن هڪ ڇوڪري اڳتي وڌي کانئس آٽوگراف وٺڻ جي خواهش ڏيکاري.

عارف مٿاڇري نظر هن تي وڌي، ۽ هن جي حسن کان مرعوب ٿي خود بخود هن جو سر جهڪي ويو.

”محترم معاف ڪجو، آٽوگراف ته وڏن ماڻهن کان وٺبا آهن، مان ته هڪ غريب فنڪار آهيان، آٽوگراف وٺي مونکي شرمسار نه ڪيو.“ هن نهايت نماڻائي سان چيو.

”عارف صاحب...او هين غلط سمجهي رهيا آهيو، منهنجي آٽوگراف وٺڻ جو مطلب اهو بلڪل ناهي، مان ته صرف فن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بلنديءِ ڏسندي آهيان ۽ يقين ڪندا ته اوهانجي فن مونکي بي حد متاثر ڪيو آهي.“

”نوازش ! ـــ“ پنهنجي پڏنڊڙ لهجي ۾ هو صرف ايترونئي چئي سگهيو.

”آٽوگراف نه ڏيندا ـــ؟“ معصوميت ۽ نا اميدي جاگڏيل سڏيل جذبا هن جي چهري مان بکي رهيا هئا . ۽ انهن کي ڏسي هو نه چاهيندي به انڪار نه ڪري سگهيو ۽ وڌيڪ ڪجهه چوڻ کان سواءِ هن جا هٿ جميلہ کان آٽوگراف بڪ وٺڻ لاءِ وڌيا.

۽ جڏهن هو آٽوگراف ڏيئي رهيو هو ، تڏهن هن کي ڪجهه پريان ڪنهنجي طنز سان ڀريل ٽهڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

*　　*　　*　　*　　*

اڄ جمعہ جو ڏينهن هو ، مل جي مزورن کي موڪل هئي... مشينن جي کچ کچ به بند هئي هو پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ويٺو هو... خيالن جي دنيا ۾ گم ... غير ارادي طور هن جون آڱريون ستار تي هلي رهيون هيون.

ڪنهن جي قدمن جي آواز تي هن پنهنجو جهڪيل متو متي ڪنيو. جميلہ کي سامهون ڏسي هن جون نِنڊڙيون بي جان اکيون حيرت ۾ کلي ويون. ستار هن جي هٿن مان ڪرندي ڪرندي بچي.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

”اوهان!“ هن جا چپ چرياءِ••• هو خالي خالي ويران نظرن سان هنڪي ڏسندو رهيو. ”جي••• سان••• مان.“ هو ڪجهه گهبرائجي ويئي.

”شايد اوهان غلطي ۾ آيون آهيو. هن ائين ئي اندازو لڳايو.

”جي••• جي نه مان اوهان سان ملڻ آئي آهيان!“ هن معصوميت سان مرڪندي چيو، هو به مشڪيو، هن جي اکين ۾ پل کن لاءِ هڪ هلڪي چمڪ پيدا ٿي غائب ٿي وئي•••

”ڪالهه آٽوگراف ڏيئي اوهان ايترو جلدي ويا هليا، جو ڪجهه سوال ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليو؛ آخر مون ڪي ريڊيو اسٽيشن تان اوهانجي گهر جو پتو معلوم ڪري اچڻو پيو.“ هن شڪايت ڪئي.

”جي فرمايو! مونکي افسوس آهي جو اوهانکي هتي اچڻ جي تڪليف سهڻي پيئي.“ ”تڪليف جي ته ڪا ڳالهه نا هي عارف صاحب، البته منهنجي اوچتي اچڻ ڪري اوهين حيران ضرور ٿيا هوندا.“

”نه، ائين ته نا هي.“ هن ڪوڙ ڳالهايو.

”عارف صاحب، ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته مون کي ستار سکڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. اوهانجي نهايت مهرباني ٿيندي، جيڪڏهن منهنجي شوق پوري ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪندا.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”محترمه! مونکي افسوس آهي جو پنهنجين مصروفيتن ڪري مان توهان جي خواهش پوري ڪرڻ ڪان قاصر آهيان.“ هن بهانو ڪيو.

ڪالهج واري واقعي ڪيس ايترو ته دلشڪسته ڪري ڇڏيو هو، جو هن هاڻي ڪنهن به حسين ڇوڪريءَ جي قريب نه ٿي وڃڻ چاهيو.

”ليڪن عارف صاحب، اهڙي به ڪهڙي مصروفيت جنهن جو ڪلاڪ اڌ به نه ڏيئي سگهو؟“

”ڇگو محترمه—!“ هو مجبور ٿي ويو.

”مهرباني. ليڪن اوهين روزانو ڪهڙي ٽائيم تي اچڻ پسند ڪندا.“

”معاف ڪجو، اوهين پاڻ جيڪڏهن هر جمعه تي چئين بجي هتي اچڻ جي تڪليف ڪيو ته بهتر ٿيندو.“

”مونکي منظور آهي عارف صاحب، اوهانجي وڏي مهرباني.“

”ڪا ڳالهه نه آهي.“ هن رسمي طرح چيو.

”پر هفتي ۾ هڪ ڏينهن ته تمام گهٽ آهي.“

”ها اهو ئي ڏينهن آهي جو مان واندو هوندو آهيان، باقي روزانو ڪارخانو ويجهو هئڻ ڪري مشينن جي آواز ۾ اوهان ڪجهه به سکي نه سگهندا.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بهتر آهي، مان هر جمعي، تي ايندي‌س. ليڪن روزانو اهڙين نامناسب حالتن ۾ اوهانکي ستار وڄائڻ ۾ ته ڏاڍي تڪليف ٿيندي هوندي؟“ هن همدردي ڪندي پڇيو.

”منهنجي ڪهڙي ڳالهه، آهي محترم؟ - ڪڏهن پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪڏهن ان ڪان ٻاهر ڪڏهن ڪنهن پرسڪون جاءِ تي.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو.

”هڪ ڳالهه پڇان؟“

”ڇا ــــ!؟“ عارف جون حيران نگاهون جميل جي اکين ۾ ڪا چيز تلاش ڪري رهيون هيون.

”اوهانجي ساز ۾ ايترو سوز ڇو آهي...ائين ٿو محسوس ٿئي جيئن... جيئن...“ هو چوندي چوندي رڪجي ويئي.

”ڪيئن ...... ڪيئن ڏٍ محسوس ٿئي؟“ هن بي تاب ٿي پڇيو.

”ائين ٿو محسوس ٿئي، جيئن اوهانکي ڪو نهايت وڏو صدمو رسيو هجي. اوهانجي دل ڏاڍي ڏکويل ٿي معلوم ٿئي... اوهانجي مرجهايل ۽ خشڪ چپن کي ڏسي ائين ٿو لڳي جيئن انهن کي مرڪندي مدتون گذري ويون هجن...“

” ها ... “ هن جهيڻي ۽ مغموم آواز ۾ چيو، ” مان ڏاڍو ڏکويل آهيان“ هن ٻڌڪيو.

”اوهانکي هي ڏک ... هي غم ڪنهن ڏنو...؟“ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لهجي ۾ التجا ۽ همدردي هئي.

"ڪنهن ــــ؟" عارف جي چهري تي هڪ زهريلي مرڪ ٻڪڙجي وئي. "هن زماني... هن بي‌رحم دنيا... مونکي هميشه ڌوڪو ڏنو ... هميشه ٺڪرايو ... مونکي ڪڏهن به ڪنهن پنهنجو نه سمجهيو... ڪڏهن به نه..." هن جو آواز غم ۽ جذبات جي شدت ڪان ڳرو ٿي ويو.

"عارف صاحب، اوهان ايترو مايوس نه ٿيو دنيا ڪڏهن به اهڙن انسانن کان خالي نا هي، جن جون سچيون همدرديون دلي سڪون جو باعث بنجن ٿيون."

"محترمه... ! خوشيءَ جا شريڪ ملندا آهن ته خوشي وڌي ويندي آهي... غم جا ساٿي ملندا آهن ته اهو گهٽ ٿي ويندو آهي، ليڪن منهنجي غم جو ساٿي ڪير به نا هي... زندگي جي گهري سمنڊ ۾ اڪيلو ئي اڪيلو غوطا کائي رهيو آهيان... ڪو به نه آهي جو سورن ۾ ساٿ ڏي ۽ غم هلڪو ڪرائي."

"عارف صاحب، ڪير همدردي نٿو ڪري ته نه ڪري، خدا کان ته اوهانکي مايوس نه ٿيڻ کپي."

"ڪاش! خدا همدردي ڪري ها."

اهي لفظ هن گهـري معنيٰ سان چيا، جن کي جميله نه سمجهي سگهي.

جميله جي وڃڻ بعد هو خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪڏهن به همدرديءَ جا ٻه ٻول ڪنهنجي واتان نه ٻڌا هئا، هرڪو اڇاتري نظرن سان هن کي گهوري هليو ويندو هو، اها جميله ئي هئي جنهن جون نظرون هن جي محبت ۽ همدرديءَ لاءِ پياسي دل کي ڏڍ ڏينديون هيون.

هن جي ڳالهين ۾ ڪيتري نه همدردي ۽ پنهنجائپ هئي ... اڄ ڏينهن تائين ڪير به هن سان ايتري همدردي سان پيش نه آيو هو... ڪنهن اهو نه پڇيو هو ته تنهنجي ساز ۾ ايترو درد ڇو آهي... هن کي اهي ڏينهن ياد پيا جڏهن زيبا، جميل وانگر هن جي ستارکي پسند ڪندي هئي... ۽ پوءِ اهي اکر به هن جي ذهن ۾ اڀري آيا جيڪي زيبا ڪاليج ۾ پنهنجي سهيليءَ کي چيا هئا.

ليڪن جميل ... اها اهڙي نه هئي... اها مختلف هئي... ۽ گهڻو مختلف... ۽ انهيءَ ڏينهن هن کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته هو هن دنيا ۾ اڪيلو نا هي.

*　　　*　　　*　　　*

هو عارف جي گهر جي ماڙيل ۽ ويران زندگي ۾ بهار بنجي آئي ... هن جي حسن ۾ بي پناه ڪشش هئي ... هر جمعه تي ايندي هئي. هاڻي هو عارف سان ڪافي بي تڪلف ٿي وئي هئي ڪيتري دير تائين هن سان ڳالهيون ڪندي



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

هئي. هن ڪان ستار ٻڌندي ۽ سڪندي هئي.

عارف جي اکين مان هر وقت وهندڙ لڙڪ خشڪ ٿي چڪا هئا... چهري جي اداسي غائب ٿي چڪي هئي، هو جميلہ کي پنهنجي گهڻو ويجهو محسوس ڪرڻ لڳو. جميلہ هن جي ستار جي ديواني هئي... هن جي ستار، جنهن ۾ درد هو، تپش هئي، هن کي پسند هو.

جڏهن هو ستار جي تارن کي ڇوريندو هو، تڏهن هو بي خود ۽ مدهوش ٿي ويندي هئي. هن جي ڪارين ۽ چمڪندڙ اکين ۾ لڙڪ پرجي ايندا هئا، هيءَ انهن کي ڏسي مست ٿي ساز وڄائيندو هو، ڇو جو هو جميلہ جي دل ئي دل ۾ پرستش ڪندو هو، هن سان محبت ڪندو هو، ليڪن ڪڏهن به پنهنجي دل جي حقيقت هن تي ظاهر نہ ڪري سگهيو. هن ۾ ايتري همت، ايتري جرئت ڪٿي هئي، جو پنهنجي محبت جو اظهار ڪري سگهي. هن کي پنهنجي بدصورتيءَ جو شديد احساس هو ۽ اهو احساس ڪمتريءَ جو جذبو هميشہ هن جي سامهون ديوار بڻيو رهيو.

جهڙيءَ طرح فرهاد پٿرن ۾ شيرين جي وجود کي ڳولي ڳوليو، اهڙيءَ طرح عارف به جميلہ جي خاموشيءَ ۾ پنهنجي محبت ڳوليندو رهيو، هن کي يقين هو تہ جميله کي هن سان محبت آهي ۽ هڪ ڏينهن جميلہ خود ئي هن کي سڀ ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي ڏيندي. انهيءَ گهڙي جو هو خاموشيءَ سان انتظار ڪندو رهيو... انتظار... طويل انتظار... ليڪن ائين نہ ٿيو... هاڻي جميلہ جي خاموشي عارف کي ڪجهہ ڪجهہ مايوس ڪرڻ لڳي.

هڪ ڏينهن جميلہ مقرر ڏينهن کان اڳ ۾ اچي عارف کي ٻڌايو تہ هو ڪجهہ عرصي لاءِ لاهور وڃي رهي آهي. جدائيءَ جو ٻڌي عارف اداس ٿي ويو. ڪاش هو جميلہ کي روڪي سگهي... ! ليڪن ڪيئن... هوءَ ڇا چوندي... ! هن جو ذهن سوچ جي اونهي اوڙاهہ ۾ غرق ٿيندو ويو.

هڪ ساڍو جيڪو مهينا ہہ انتظار ڪري سگهي ٿو. ڪڏهن گهڙيون ہہ انتظار نہ ڪري سگهندو آهي... جميلہ جي زبان مان پيار جو لفظ ٻڌڻ لاءِ هو بيچين هو... ۽ دل کان مجبور ٿي هن جميلہ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيو :

”جميلہ... تون ٻڌ ڇو بنجي وئي آهين... ڇا منهنجين اکين ۾ توکي ڪجهہ نظر لڳو اچي... تون انهن ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڇو نٿي ڪرين...؟ آخر ڪيستائين...؟“

”عارف صاحب !“ جميلہ تيزيءَ سان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.

”اوهان سون کي غلط سمجهي رهيا آهيو... مان... مان تہ...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جميلہ ...!“ هن سڏڪندي چيو ”مان تو کي چاهيان ٿو، مون کي سهارو ڏي... نہ تہ ... نہ تہ ... آءٌ مري ويندس... مون کي...“

”عارف صاحب، هوش ۾ اچو.“ هوءَ غصي ۾ ڳاڙهي ٿي وئي. ”آءٌ اوهان جي عزت ڪندي آهيان، منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ عزت آهي، گهڻي عزت......“

”جميلہ“ سڏڪا... التجا... ”ها. منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ عزت آهي، همدردي آهي انهيءَ کانسواءِ پيو ڪجهہ بہ نہ.“

”پيو ڪجهہ بہ نہ...؟“ تلخ مسڪراهٽ هن جي جذبن جو ساٿ ڏيئي رهي هئي. ”تنهنجي دل ۾ عزت آهي، همدردي آهي. ليڪن محبت ناهي، ڇو جو مان بدصورت آهيان، اگر مان بہ حسين هجان ها تہ...“

”عارف صاحب!“

”ها.“ هن تيزيءَ مان چيو: ”اگر مان بہ حسين هجان تہ تو کي بہ مون سان ايتري محبت هجي ها، جيتري منهنجي ستار سانَ آهي. تون منهنجي ستار سان پيار ڪرين ٿي، مون سان نہ. تون خود غرض آهين. مان تنهنجي شڪل نٿو ڏسڻ چاهيان تون... تون...“

الفاظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ هٿو ڪجهہ چوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڏيڪ ڪجھ چئي نہ سگھيو ۽ جميلہ وچي چڪي هئي.

هن ستار کي زور سان فرش تي ڦٽو ڪيو، هن کي پنهنجي فن سان ساڙ ۽ نفرت ٿي چڪي هئي... دنيا هن جي فن سان محبت ٿي ڪري پوءِ هن جي شڪل کان نفرت ڇو ٿي ڪري... هو دنيا جي دلين کان انتقام وٺندو... پنهنجي فن کان انتقام وٺندو، جنهن لاءِ دنيا جي دلہ ۾ محبت آهي... هو تيزيءَ سان پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو.

*       *       *       *

مشينون هلي رهيون هيون، جيئن هو انهن جي قريب ٿيندو ويو تيئن تيئن هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز کان تيز ٿيندي وئي.

ويرم کان پوءِ هڪ تيز ۽ پر درد رڙ جو آواز بلند ٿيو. مشينون بند ڪيون ويون. ڪارخاني جا سڀ مزور رڙ جي طرف ڊوڙيا عارف فرش تي بيهوش پيو هو سندس آڱرين مان رت ريلا ڪري وهي رهيو هو. فن جو خون ٿي چڪو هو، ۽ انهن دلين جو جيڪي هن جي فن سان بي انتها محبت ڪنديون هيون.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روئي ڏلو رات...

ڳوٺ جي چڱي مڙس، وڏيري مراد خان جي حويليءَ جي موڪري آڳر ۾ سندس نپاپل ڌيءَ، ممتاز، جيڏين سرتين سان رليون ڳاهڻ ۾ مصروف هئي. ممتاز جيڏي سونهن ۾ سوپيا ۾ سرس هئي ايترو ئي هٿ جي پڙ ۾ سلڇڻي ... ائين ڪٿي ڇنڇجي ته ويران حويليءَ جي بهار سندس ئي دم سان هئي.

آڳر جي ساڄي پاسي، رتن پاون سان جنڊيءَ جو وڏو هندورو جڳ مڳ ڪري، مالڪ جي آسودي هجڻ جي شاهدي ڏيئي رهيو هو. مراد خان جي پوڙهي ماءُ، هندوري ۾ هلڪا هلڪا جهوٽا کائي رهي هئي... سندس ذهن ڪنهن اڻڄاڻ سوچ ۾ گم هو... هوءَ چلم سان هلڪا هلڪا وارا ڪيدي رهي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” ڏاڏي امان ! ڏاڏي امان ! “ پيار ۽ قرب ڀريو ، دل ٺاريندڙ رڙ جهڙو آواز ڏيڍيءَ مان اڀريو. ڏاڏي امان سوچ جي وادين مان موٽي آئي ۽ سندس چهرو بي پناهه مسرت ۽ خوشيءَ کان ٻهڪي اٿيو... ”اٺي گهوڙا ! هي مڙسالو وري ڪير؟“ ممتاز هلڪي چيٽ ڪئي ۽ سٽ ڏيئي اندر ڪمري ۾ گهڙي ويئي. هوءَ ڳڙکيءَ جي اوٽ مان آڳر جو نظارو ڏسڻ لڳي. هڪ خوبرو ۽ قداوار نوجوان ، انگريزي ڪپڙن ۾، هندوري طرف وڌي رهيو هو. هن جو ذهن زلزلي ۾ اچي ويو... هن کان اڳ، هن ڪڏهن به اهڙو سهڻو ۽ شاندار نوجوان نه ڏٺو هو. ها... فقط خيالن جي دنيا ۾... هن جي اهڙي ئي هڪ شهزادي سان ڏيٺ ويٺ هئي . هن جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. ”هي ته اهوئي شهزادو آهي.“ هن پڪيو. سندس وجود ڪنهن اڻ لکي جذبي ۽ خوف کان ڪنبي رهيو هو.

”ڏاڏي امان! ڏاڏي امان !. مان اشرف آهيان . “ هن ڏاڏيءَ کي ڀاڪر ڀري هندوري مان ٻاهر ڪڍي ورتو. هن جو انگ انگ خوشي کان ائين جهومي رهيو هو جيئن ڪو ننڍڙو ٻار من پسند راندڪي کي ڏسي ڪپڙن ۾ نه ماپندو آهي .

”منهنجا ٻچڙا!... اکين جا ٺار، تون اچي وئين... آءٌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان ٿيان صدقي وڃان!“ خوشيءَ کان ٻيڙيءَ جو آواز ڏڪي رهيو هو. ايڏي وڏي ۽ اوچتي خوشي، هن کي جذبات جي شدت کان اصل بي قابو ڪري ڇڏيو. هوءَ ديوانووار اشرف جي منهن کي چمڻ لڳي. ”جئيم... جڙيم... شل سر وسين... ٻيڙو ٿين... شل ڏهنن پونن وارو ٿين.“ خوشيءَ کان سندس نيڻ، ساوڻ جي ڪاري بدليءَ جيان ڇمڇم ڪري برسڻ لڳا.

”ڏاڏو قد ڪڍيو اٿئي!“ڏسٽي آگر زبان مان پوڙي سندس نرڙ تي هنيائين. ”شل ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳيئي، مان تہ تو کي سڃاڻان بہ نہ ها! پر الائجي ڪهڙي اندر جي ڇڪ هئي... رت ٿهڪو ڏنو... جنهن تنهنجي پهرين ئي واڪي سان، من ۾ اڌما اٿاري ڇڏيا! اڄ تنهنجي جيجل ماءُ جيئري هجي ها تہ تو کي ڏسي ڪيڏي نہ سرهي ٿئي ها...!“ ڏاڏيس ڏڪندڙ آواز ۾ ڳوڙها اگهندي چيو.

”امڙ!“ اشرف ٿڌو شوڪارو ڀري ماٺ ٿي ويو. انهيءَ ماٺ ۾ سندس ماضيءَ جا ڪيترا ئي زخم اڪلي پيا جيڪي ماءُ جي موت کان پوءِ کيس سهڻا پيا ها.

ممتاز خاموشيءَ سان کيس ڏسي رهي هئي. اشرف جيئن ئي ڪنڌ مٿي کنيو تہ هن جي نظرن، ڳرڪيءَ وٽ بيٺل ممتاز کي ڏسي ورتو. ”چاچي سائين ہي شادي ڪئي آهي ڇا؟“ هن ڏاڏيس کان پڇو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر روانو ٿيو ۽ ٻئي ساعت اچڻ جو چئي موڪلائي اٿي کڙو ٿيو. ڏاڏي کيس دعائون ڪندي رهي.

اشرف اڃان صرف ڇئن سالن جو ئي هو جو ٻئس گلڻ خان ٻي شادي ڪئي. ناز نخري واري ساران، جنهن جو رنگ مثل ڇڇٻيءَ جي پيٽ وانگر پيلو هو، تنهن کي شاديءَ جي پنجين سال جڏهن روئي ٻٽي وڃي کمون چائو تڏهن سندس لاڏن ۾ وڏيڪ اضافو ٿي ويو. گلڻ خان سندس خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرحوم زال جي نشاني، اشرف کان بلڪل لاپرواه ٿي ويو هو، تنهن هوندي به ٽڙي ٽاٻڙجي ڏهن يارهن ورهين جي عمر ۾ ڳوٺ جي مڊل اسڪول مان چار درجا انگريزيءَ جا پاس ڪري ورتائين. اهڙو ڪو ظلم نه هو جو ساران مٿس نه ڪيو هجي. ڏينهون ڏينهن سندس وجود کيس هڪ چڀ وانگر محسوس ٿيندو هو. گلڻ سان سندس شڪايتون ڪندي رهندي هئي ته لوفر ٿي پيو آهي، ڪري پيو آهي، پنهنجي ڪمن کي سهي ئي ڪون ـــ آخر صلاح ڪري تعليم حاصل ڪرائڻ خاطر کيس شهر جي هاسٽل ۾ داخل ڪيائون. جت ڪجهه وقت لاءِ ته کيس خرچ پکو ملندو رهيو، پر اهو به ساران کان سٺو نه ٿيو ۽ هڪ ڏينهن مڙس کي اعتماد ۾ آڻيندي چيائين: ”پيءَ جو پئسو اٿس، قدر ڪونهيس ڪو شهر مان ڳوٺ جا نينگرا جٽوا ڪندي اکين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏسي آيا آتس، بند ڪريس خرچ، پل ته ڪٿ پويس. ننڍڙو ڪونهي پاڻهي پيو ڪمائيندو“ ـــ ۽ ان بعد ڪيس گهران خرچ ملڻ بند ٿي ويو. پر قدرت هڪ واٽ بند ڪري ٻي ضرور کوليندي آهي. سندس قسمت زور هئي. هو ذهين شاگرد هجڻ سان گڏوگڏ هڪ بهترين رانديگر به هو. ڪيس سندس صلاحيتين جي بنياد تي، تعليم کاتي طرفان، ڪاليج جي پرنسيپال جي سفارش تي هر سال اسڪالرشپ ۽ فري بورڊنگ جي سهولت، سندس تعليم ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وڌي ۽ Bsc. Agr: جو امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪري ڏهن سالن جي ڊگهي عرصي بعد پهريون ڀيرو ڳوٺ آيل هو.

ساران اشرف کي اهڙو ٺهيل جڙيل ڏسي اندر ئي اندر ۾ ڪامي خاڪ بنجي وئي. اهو سندس وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته ڪو هو ائين پاڻ کي ٺاهي وٺندو. هن ته سمجهيو هو لولي ڪاڻ ليلائيندو ۽ در در جا ڌڪا کائيندو هوندو ـــ اشرف جي پيٽ ۾ اڄ پهريون ڀيرو سندس سڪيلڌو ۽ لاڏلو پٽ ڪمون کيس گهٽ حيثيت وارو، نڪمو، ۽ بي وقوف محسوس ٿيڻ لڳو. ٽي دفعا لڳاتار مئٽرڪ ۾ فيل ٿيڻ بعد هن مورڳو پڙهڻ تان ئي هٿ کڻي ڇڏيو هو. سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر موالين ۽ خوشامدڙين سان پنگ پيو اوتاري تي راڳ ڳائيندو هو يا ڪڪڙ ويڙهائي، اوسي پاسي ناسون ڏيئي وقت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسو زيان ڪري پيءُ جي شان ۽ مان کي چمڪائيندو رهندو هو. ماڻهو ساران جي چوٽ تي ڪڏهن ڪڏهن زمين جو چڪر به هڻي ايندو هو- جتي زمين جي سار سنڀار گهٽ ۽ هارين نارين جي نياڻين ۽ زالن سان هٿ چراند گهڻي ڪندو هو.

ساران پٽ جي ڳڻتي ۾ ٿي هئي ته ايتري ۾ ماسي شاهو لش لش ڪندي اڱڻ مان لنگهي وراندي ۾ ساران سان گڏ کٽ تي ويهه ڪري اچي ويٺي. کٽ تي رکيل بصرن جي ٽوڪري هيٺ اڇلي پئي. ڪمونءَ جو کٽ هيٺان ٻيلڙي ڪڪڙ ٺاهه ڪائي پيرن مٿان ٽپي ويس. "سٺو نياڻيو ڪڪڙ... !" هوءَ ڪڙڪڙ ڪري پير تان رت آگهڻ لڳي.

"موئي کي ڪاتي هڻي سڄو پير پري وڌئيم"! هن ڪڪڙ کي پٽيو. ڪمون جيڪو چيلهه چپي ڪيو ڪرسيءَ تي ويٺو هو، ڪڪڙ جي ڪارستاني ڏسي مٺڄن ٿي مٺڄن ۾ مرڪڻ لڳو- ماسي شاهو ٻن ڳالهين ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٽهيل گهر ڦٽائڻ ٻيو خدمت خلق لاءِ پاڻ پتوڙڻ. مثلاً نياڻيو نڙو پهچائڻ، شاديون ڪرائڻ، تعويذ ڦيٽو، هٽ بازار وغيره ڪري ڏيڻ ڪان سڄي ڳوٺ ۾ مشهور آهي. هرڪنهن جي گهر بنا روڪ ٽوڪ ايندي ويندي آهي. هن پيري اچڻ سان ئي هن نئون انڪشاف ڪيو.

"ٻڌين تي پڻن ماڻهو؟ اهڙو ڪو انڌير" هن ڪنڌيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ۽ لوڪ ڏسندو... ادو مراد کو اٺجاڻ ۽ اڻ‌وجهه ته ڪونهي... تو واري سڪليڊي جي لڇڻ جي سڀ خبر اٿس."
ساران مرچن جي دونهين جيان، گلن جي هستيءَ کي پوساڻيندي چيو.

"هون..." مجو گلن، ساران جي تقرير کان مرعوب ٿي، تائيد ۾ ڪنڌ ڏوٽيو.

ممتاز کي ان ڳالهه تي اچرج هو ته هيڏو سارو زمانو، اشرف گهر کان ٻاهر رهيو ...... حويليءَ جي خوبصورت ۽ مضبوط در ۽ ديوارن تي ڪيتريون ئي بهارون ۽ خزائون آيون ليڪن ڪنهن به ڪڏهن اشرف جو ذڪر نه ڪيو... ۽ جڏهن کان اشرف هتي آيو هو... پين چا به ڪٿي محسوس ڪيو هجي، پر هن ڀانيو هو ته اشرف، هن لاءِ ئي تخليق ٿيو آهي.

وڏيري مراد خان، اها کهڙي خوشي هئي جيڪا هن ممتاز لاءِ خريد نه ڪئي هجي... هئو مئانس ڪڏهن مادرانه شفقت جو ميٺهن تي وسندو هو ته ڪڏهن پيءُ بنجي هن تي پيار ۽ محبت جي گلن جي ورکا ڪندو هو...پر تنهن هوندي به هن کي، پنهنجي گهٽ حيثيت هئڻ جو شدت سان احساس هو... هوءَ اهو ڪيئن ٿي وساري سگهي ته سندس ابا ڏاڏا، وڏيري مراد ۽ سندس وڏن جي، هن حويليءَ جي چائنٽ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان.“ اشرف جي ڪنن ۾ ڪنهن لا فانـي ۽ پرڪيف نغمي جا ٻول پرڻ لڳا .

اشرف جيستائين ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا، مراد خان جي حويليءَ جو طواف نه ڪندو هو، هن کي ڪنهن پل سڪون نه ملندو هو... ها، ڪيس قرار به ڪيئن اچي ها... هن پنهنجو من ، پيار جي سنهيءَ سئيءَ سان ، ممتاز جي دل سان سبي ڇڏيو هو... ٻئي ننڍڙا ۽ حقيقي پيار جا بکايل جو هئا... هڪ ٻئي جي قربت ۽ رفاقت جي احساس کان سندن دليون مسرور هيون... شاد هيون . اشرف ته ڪنهن بي پناهه ۽ اڻ لکي نشي کان زمين تي ترندو رهندو هو. سندس دل جي خشڪ اٽيي ۽ ڏرا ڏنل زمين ۾ خوبصورت ڪنول جو آيري آيو هئا. سندن پيار جي ٻرلاءَ واري سرهاڻ حويلي جي مضبوط ۽ ڍگهين ديوارن کان نڪري، ڳوٺ جي وڻ وڻ کي واسي ڇڏيو هو.

مراد خان دل جو مريض هو... ڪيس هر وقت ممتاز جو فڪر رهندو هو ... هن کي ڊپ هو ته متان سندس مرڻ بعد ڪٿي ممتاز هڪ دفعو ٻيهر يتيم نه ٿي وڃي . هن کي اڪ اڪ جي پرک هئي ، هن کي احساس هو ته سندس اڪيو ٻورجي وڃڻ کان پوءِ، ڪيئي اکيون ممتاز تي تير وسائي هن جي معصوم جگر کي گهائل ڪري ڇڏينديون. اشرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اخلاق، نياز ۽ نوڙت هن جي دل تي گهرو اثر ڇڏيو— ڪيس پورو احساس هو ته پاڻ ۽ پاڇائيءَ هنکي اهو پيار نه ڏنو هو جنهن جو هو حقدار هو. ڏاڏيءَ کان به اشرف جي، ممتاز لاءِ چاهت ۽ دلچسپي لڪل ڪانه هئي؛ هن جي به اها خواهش هئي ته ممتاز جو هٿ اشرف جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏجي— ۽ انهيءَ لاءِ مراد کي مناسب موقعي جو انتظار هو.

”ڪمن جو سگ، ممتاز سان ڪرائجي ته هوند ڏاڍو سٺو ٿئي.“ ڏاڏي جي وارن ۾ ڦڻي ڪيندي، شاهوءَ مناسب موقعو ڏسي؛ ساران جو خيال پيش ڪيو. ”پاڳن پري! اهي ته آهن لڪئي جا ليکا. پرائي چائي آهي— مري جهان ڇڏٿو اٿون، آءٌ سنديس مرضيءَ خلاف زور نه ڪنديس!“ ڏاڏيءَ پنهنجي عمر جي خلاف، نهايت نرميءَ سان نئين زماني جي ڳالهه ڪئي. ”هر ساران کي معمولي نوڪر جي ڌيءَ کي ننهن بنائڻ جو خيال ڪيئن آيو!... سندس شان نه گهٽبو؟“ ڏاڏيءَ طنز ڪندي چيو. ”او... هون! اهي ته ساران جون اجايون ڳالهيون آهن... پاڻ ڪهڙي وڏگهرائي آهي ...ڏاڏهنس سارو ڏينهن، رون رون ڪندو، سُرندو ڪلهي تي ڪنيو پيو پنندو هو... جڳ چاڻي ٿوــ پڻ جي ٽُڪرن تي پليل ساران، هاڻ ڪٿي وڏيري ٿي ته ڪو پولو ناهي. باندر پلي رنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽائيندي... امڙ! عادت ٿه اها ٿي رهندي...!" ماسي شاهو منافقت جا ليڪا لتاڙيندي چيو. "نهيو هاڻي ماٺ ڪر، ٻئين کي به ڪَنَ آهن ڪو ٻڌي نه وٺي!" ڏاڏيءَ مشڪندي چيو. "ٻيو نه ته، سچ ٿي چوان." شاهوءَ ايئن ڳالهايو ڄڻ ڪو ڪيپ ڪٽيو هجيس.

"امڙ منهنجي توبهه! زاري!... شهرن ۾ ته اهڙيون ٻي حياڻون ٿينديون ڏٺيون ٻڌيوسين... پر ڳوٺ به هاڻ اجهو ٿا شهر بڻجن." ماسي شاهو پنهنجي هٿ جي ڏٺين سان نڪ گهنڊي ۾ ڪن جون پاپڙيون چڪيندي چيو. "وري ڇا ٿيو...؟" ساران جا ڪن، زخمي مانبر جيان اڀا ٿي ويا. "ٿيندو وري ڇا... مسٽين ٺٺي چوي ته ممتاز، پنهنجي مرضيءَ سان، ڏسي وائسي کهوٽ ڪندي! توبهان! توبهان! چار پنج درجا سنڌي جا پڙهي، پاڻ کي ولايت پاس ٿي سمجهي. مٺي لهڪن ڪاڏي جي ڏيءَ. نياڻي! ڇوڪريءَ ۾ ڪو ڦيرو آيو آهي! شهر جا نوان نوان ڦيشن سکي پئي آهي — اشرف به سڄو ڏينهن وٽن پيو آهي. نه اٽس ڪرڻ ڪار — مراد پنهنجي ڏندن سان، پوڙهيءَ کي ته ڪا ڪل ئي ڪانهي ته گهر ۾ ڇا پيو وهي واپري..." ماسي شاهو وڏ ڦڙي جيان وسي رهي هئي. "ماسي شاهو! تون به ويٺي ڏس — منهنجو نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ساران آهي ـــ ڏينهن جا تارا نہ ڏيکاريانِ تہ چئجانءِ.“
ساران آپ ڏاريندي چيو.

اشرف اڄ بيحد خوش هو، ڇيس شهر مان تار ملي هئي تہ اچي پندرهن ڏينهن اندر نوڪريءَ تي چڙهي ـــ هو خوشيءَ وچان ٽپندو ۽ ڪڏندو سڌو چاچي مراد وٽ حويليءَ ۾ پهتو.
”ابا خير تہ آهي؟ اڄ ڏاڍو سرهو پيو نظر اچين ـــ؟“
”چاچا سائين، ڳالهہ ئي سرهائـي جي آهي.“ اشرف ٽانگر جيان ٽهڪي رهيو هـو. ممتاز جا اشرف جي خيالن ۾ گم هئي، هن جي آواز تي ڪٽ تان ٽپو ڏيئي اٺي ڪڙي ٽي پر هڪدم وڏيري مراد جي موجودگيءَ جي خيال ڪان اٿي ئي ويهي پنهي جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳي.
”ٻٽ، اهڙي ڪهڙي خوشيءَ جـي ڳالهہ آهي. آخـر ٻڌائيندين بہ يا رکو پرولين ۾ پيو ڳالهائيندين؟“
”چاچا سائين... مونکي نوڪري ملي آهي ـــ اڄها ڏسو تار... پندرهن ڏينهن اندر رپورٽ ڪرڻي اٿم ـــ“
”پر ڪهڙي نوڪري ـــ ڇا جي نوڪري ـــ؟“
”توهان کي ٻڌائـڻ وسري ويو هئم تہ شهـر مان ڳوٺ اچڻ کان اڳ هڪ ٻن هنڌن نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئم ـــ هڪ ولائتي پـاڻ ڪمپنيءَ وارن مونکـي پاڻ وٽ اگرانامسٽ (Agranomist) جي پيشڪش ڪئي هئي ۽ چيائون پئي تہ جلد ئي آرڊر موڪلي ڏيندا ـــ اچوڪي تار انهن موڪلي آهي ـــ“

”پٽ توکي الله پنهنجيءَ وارو ڪري ـــ اسان جون دعائون سدائين تو ساڻ هونديون ـــ پر شهر وڃي اڳ وانگر غائب نہ ٿي وڃجانءِ... ! اسان پوڙها ماڻهو ڪا ڪل نٿي پوي تہ ڪڏهن تو سڌ ٿئي ـــ اسانجي اکين جو تون ئي تہ سوجهرو آهين... مونکي تہ تو ۾ وڏيون آسيدون آهن پچا ...“ وڏيري مراد پيار جي ورڪا ڪندي چيو.

ممتاز هڪ دفعو پيهـر اشرف جي شهـر وڃڻ جو ٻڌي، روئي روئي ساٽيٽي پيئي. سندس ڪاريون ۽ ڪجليون اکيون ٽانڊن جيان ڳاڙهيون ۽ منهن ٽامڻي هڻي چڪو هو.

”اڙي ـــ تون روئي رهي آهين؟“ اشرف سندس منهن مٿي ڪندي چيو.

”ڇڏ مونکي ـــ !“

”هيءُ هٿ ڇڏڻ لاءِ ڏورو ئي جهليا هئم“

”ڇڏي ئي تہ وڃين پيو ـــ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توکي ته خوش ٿيڻ گهرجي ته اڄ مان پنهنجن پيرن تي بيهڻ جوڳو ٿيو آهيان ... عملي زندگيءَ جي پهرين ڏاڪي تي پير رکي رهيو آهيان ... ۽ شهر پري ٿورو ئي آهي — مان هر موڪل تي ايندس به، ته پيو نه! ڀلا تون سمجهين ٿي ته مونکي توکان سواءِ قرار ايندو...!“ هن ممتاز کي دلداري ڏيندي چيو.

ڳوٺان موڪلائي هو جڏهن نوڪري تي چڙهڻ لاءِ شهر روانو ٿيو ته هن جي اندر ۾ آنند مانڊ هئي... اڳ شهر ۾ رهندي، ڪيس ڪڏهن به ڳوٺ جو خيال نه آيو هو... پر اڄ سندس ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون، وسي رهيون هيون... سندس ڪائنات ڳوٺ ۾ هئي... هو سڄي واٽ ممتاز جي تصورسان ڳالهيون ڪندو رهيو — فيلڊ ڊيوٽي ۾ اچڻ شرط هن پنهنجي علم ۽ خانداني زميندار هئڻ جي حيثيت سان، پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي نه ڪئي. مختلف قسم جي زمينن بابت، هر قسم جي ننڍن توڙي وڏن زميندارن، هارين ۽ نارين ۽ ٻين واسطيدار ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچي ڪافي تجربو حاصل ڪري ورتو هو... هن ڏينهن کي ڏينهن ۽ رات کي رات نه سمجهيو — پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ ۽ خودداريءَ واري جذبي کي برقرار رکڻ لاءِ هن ڏاڍا جتن ڪيا... سندس، سڀ سان مانائتي هلت ۽ ڀل ماڻهپي نه فقط بالا آفيسرن جو من موهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو هو، پر سنڌس ٻاڻ جي استعمال جا ڏسيل طريقا زميندارن توڙي هارين لاءِ ڏاڍا فائديمند ثابت ٿي رهيا هئا ... تنهن هوندي به هو اڳي کان اڳرو هو... هن پنهنجي مقصد واري هلچل ۾ اڃا به تيزي پيدا ڪري ڇڏي هئي... هن کي وقت ۽ وت کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ ۾ ڏاڍو سڪون ۽ سرور ملندو هو.

پهريان ڏهاڙا ته هو ڪوٽ نه وڃي سگهيو هو پر پٺي ٽئين ڏينهن ڪوٽ خط لکي... اڻ سڌي طرح سان، ممتاز کي ساڻس محبت جي احساس ۽ وابستگي ڏيکارڻ خاطر ڊگها ڊگها خط لکندو هو ... پر پوءِ هر ائين ڏهين ڏينهن کان پوءِ هن اچڻ شروع ڪري ڏنو هو. هو جڏهن پڪن ۽ ڪچن رستن جا سينا چيري چاچي مراد جي حويليءَ آڏو، زرر سان جيپ جو هارن وڄائيندو هو ته اندر حويليءَ ۾ ممتاز جي ڪنن ۾ شرنايون وڄڻ لڳنديون هيون ... هن جي مستيءَ ڀري جواني رقص ڪرڻ لڳندو هئي.

هو ڏينهن جا ڏينهن ڪوٽ ۾ ترسيل هوندو هو... جيتوڻيڪ ڪيس هڪ طرف، ممتاز جو قرب حاصل هو ته پٺي طرف هُو صدين کان ويران ۽ بنجر زمينن کي نئين زندگي ڏيڻ لاءِ، پنهنجي علم ۽ تجربي وسيلي ڪوٽ ڪوٽ وڃي ماڻهن کي سمجهائيندو هو... تڏهن وڏيري مراد ۽ ڳلڻ جا سينا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فخر کان تاڻجي ويندا هئا ... هن ڪڏهن به اهو خيال نه ڪيو هو ته ڪنهن ڪمپني جو نوڪر آهي... پر هن جي هر وک فرض جي صورت ۾، سنڌڙي جي سيني کي سرسبز ۽ شاداب ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌندي هئي... هو ڌرتيءَ جو جيپ ڪاهي منيءَ ۾ پيوت ٻڌجي جڏهن حويليءَ ۾ موٽندو هو ته ممتاز جون نظرون، عقيدت مان، سنــدس قدمن ۾ سجده ريز ٿي پونديون هيون.

اهو ڏينهن قيامت کان ڪنهن به ريت گهٽ نه هو... جڏهن اشرف، فيلڊ ڊيوٽيءَ تان موٽيو هو ته ممتاز کيس هٿ وڌائـي ڏاڍي نـاز ۽ محبت سان لفـافو ڏنو. ”ڏاڍا خط پيـا اچنو... اها وري ڪهڙي ڏائڻ ساماڻي آهي... جيڪا هر پنهن ڏينهن خط پئي لکي؟“ ممتاز جهومندي چيو. هـو خط کولي پڙهڻ لـڳو. خط جي هڪ هڪ اکر جـو مفهوم سندس چهري تان نمايان هو. ”پيچ پيچ“ هن خوشيءَ مان نعـرو هنيو ۽ خط هوا ۾ لهرائي، هو جمالو جي ڌن تي لهـر ڪرڻ لڳو. ”ڇاهي خط ۾؟“ ممتاز بي صبريءَ سان پڇيو. ”ممتاز! ڪمپني مونکي، وڏيڪ ٽريننگ خاطر، ڇهن مهينن جي مـدي لاءِ، ولايت موڪلـي رهي آهي.“ هن جهومندي چيو. ”ڇهه مهينا!“ ممتاز جو چهرو لوساڻجي ويو — غم ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي...“ ممتاز پنهنجي جذبن تي قابو پائيندي وراڻيو.
”سچ ... !“ اشرف جو مکڙو گل جيان ٽڙي پيو. ”آزمائي
ڏسجان ... !“ ممتاز فضا ۾ خوشي ۽ غم جو تاثر پکيڙي
ڇڏيو.

اڄ اشرف کي ولايت وئي پورا ويهه ڏينهن ٿيا ها...
ممتاز، ڏاڏي، وڏيرو مراد ۽ حويليءَ جو هر فرد، کيس ياد
ڪري رهيو هو. ممتاز ته اشرف سان گهاريل ڏينهن جي يادن
جي تصور ۾ گم هئي... حويليءَ جي چپ چپات ۽ نراسائي
ساري ڳوٺ کي سوگوار ڪري ڇڏيو هو... اشرف جي وڃڻ
کانپوءِ، ڪمون، ماءُ جي سيڪارڻ تي، چاچي مراد جي گهر
اچڻ وڃڻ وڌائي ڇڏيو هو... هو جڏهن سچن تي تاءُ ڏيئي،
سگريٽ جو سوٽو هڻندو هو ته فضا ۾ هڪ اڌوٽنڊڙ ۽ آگري
ڌپ جا هڳاءَ ڦهلجي ويندا هئا... ڏاڏي ويچاري ته ان ڌپ ۽
دونهين کان کنگهڻ لڳندي هئي... ممتاز ته ڪمونءَ جي ڪڙڪ
پڌي ڪوٺيءَ ۾ ئي پورجي ويندي هئي... پر ڪمون... اکين
جي اشارن، ميڇن ۽ عامياني قسم جي ٻٽي معنيٰ رکندڙ جملن
جا تير ممتاز تي اڇلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو هو...
اهڙيءَ ريت هڪ طويل عرصو گذري ويو ... پر اشرف وٽان
ڪو حال حوال نه آيو... ممتاز جي تابناڪ ۽ روشن مستقبل

جي ماڙي ڦهڪو ڪري اچي پٽ پئي هئي... اج اشرف کي وئي پورا نو مهينا ٿي ويا هئا... هوءَ پاڻ کي، ڪاڪ جا ڪانوَ اڏائي اڏائي، نراسائي ۽ نا اميدي جي تاريڪ غارن ۾ محسوس ڪرڻ لڳي هئي... ڪمونءَ جي ڪيچل بازي، شاهو ۽ ساران جي سازشن، محبت جي حسين تاج محل کي لوڏي ڇڏيو هو.

صبح مهل ماسي شاهو، ممتاز جي ساهيڙيءَ جي گهران ڏُڌُ وٺيو پئي نڪتي ته هڪ جيپ ڌڌڙ اڏائيندي اوچتو اچي لوڙهي جي ٻاهران بيٺي. اشرف کي هڪ ميم سان گڏ ڏسي ذري گهٽ هٿ مان ڏ کي ٿي ڇڏايس. "اَئي متل! هيڏانهن ته اچ" هوءَ سٽ پائي وري گهر اندر وئي- متل ۽ عاشيءَ جو ڪيس اهڙو گهبرايل ڏٺو، سي پنهنجا ڪُم ڪاريون ڦٽي ڪري وٺي ٻاهر ڀڳيون، عجب کان سندن وات کُلي ويا. ايتري ۾ سهڻي ميم به ٽپ ڏيئي جيپ مان ٻاهر نڪتي، ۽ ماسي شاهوءَ جي ويجهو اچي انگريزي انداز سان اڙدوءَ ۾ پر واري ڳوٺ جي زميندار جو ڏس پڇيائين ته کهڙو رستو وٺي وڃجي، جو هو پئي سندس دعوت تي شڪار ڪرڻ لاءِ آيل هئا. ماسي شاهوءَ جون اکيون حيرت وچان ڦاٽي ويون ۽ ڳوٺاڻي سنڌيءَ ۾ اشرف ڏانهن اشارو ڪري چيائينس، "اهو جيڪو گڏ ويٺو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منٿن تي ممتاز جو سڳ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو. هوءَ جا روايتي سنڌي گهراڻي جي نينگري هئي ۽ اها به خبر هئس ته سندس اصل حيثيت ڇا آهي انهيءَ شاديءَ کان انڪار نه ڪيائين. درد کان سندس دل ڳيا ٿـي پيئي هئي. اشرف جـي بيوفائي سندس دل کي لهولهو ڪري ڇڏيو هو.

ڪمون ماءَ جا نوان نوان لاڏ هـُن لاءِ شروع ٿـي ويا. ڪمون به وارن ۾ ٽيٽون چنٽون تيل مکي ڇاتي ٽاٽي هلڻ لڳو، ممتاز غور سان سندس بيهوده ادائن کي ڏسندي هئي ۽ پوءِ ڪيس بيوفا اشرف جو صاف سٿرو چهرو نظر ايندو هئو. بغير تيل ڦليل جي چمڪندڙ نڪريل وارن جون لٽون، اهي خوشبودار ۽ صاف هٿ... خاموش التجائون... ۽ ڪٿي هي آچارجهڙا سنڌيل ڇهنيل وار... کهرا پيرٽيءَ ۽ چرس جي ڏپ وارا هٿ ... اگهاڙيـون خــواهشون ... هـوءَ دل ئـي دل ۾ ڳـوڙها ڳاڙيندي هئي.

وڏيري مراد، ممتاز کي ڏاڏي لاڏ ۽ ڪـوڏ سان نپايو هو... ممتاز جي هوندي ڪيس پنهنجي بنا اولادي هجڻ جـو ڪڏهن به خيـال نه آيو هو... اڄ ڪمـونءَ سان ممتـاز جي شادي هئي... حويليءَ ۽ اوطاق کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو هو ... وڏيرو مـراد اڄ پنهنجي دل جي حسرتن کي پـوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ، پاڻيءَ وانگيان پئسو خرچ ڪري رهيو هو ... اڄ
هو بيحد خوش هو ... پر تنهن هوندي بہ جڏهن ڪيس اشرف
جو خيال ٿي آيو تہ سندس دل ۾ ودِ ٿي پئجي ويا. ليڪن
هو خاموش هو... خوش هو... هن جي آتما ڪي اڄ
ڏاڍو سڪون هو — هُو اڄ سمجهي رهيو هو تہ هن رمونءَ
جي روح کي خوش ڪيو آهي ... رمون سندس وفادار نوڪر
... جنهن پاڻ ماري ڪيس نئين حياتي ڏني هئي ... وڏيري
مراد جو وجود خوشي ۽ غم جي گڏيل سڏيل وهڪري ۾
وهي رهيو هو. شاديءَ جا سڀ انتظام مڪمل ٿي چڪا
هئا ... آس پاس ڏوڙي پري پري جا وڏا رئيس ۽ ڪامورا
ڪڙا شريڪ ٿيا ... نڪاح جو وقت ٿي چڪو هو، پر
وڏيري مراد کي پنهنجي جگري دوست، رئيس ميرڻ جو
انتظار هو. رئيس ميرڻ جيتوڻيڪ اڌوڙ عمر جو هو پر
ڏاڍو دلچسپ ۽ نئين خيالن جو ماڻهو هو. هن جي دوستن ۾
هر طرح جا ماڻهو شامل هئا. شڪل ۽ شڪار جو تہ ڏاڍو
شوقين هو.

جيپ جي زوڪاٽ تي، وڏيري مراد جون اکيون چمڪي
اٿيون. هُو سَڄي ڏيئي اوطاق جي دروڏي وڌيو. رئيس ميرڻ پنهنجي
لاکيڻي لوڏ سان جهومندو پئي آيو. وڏيري مراد وڌي وڃي
کيس ڀاڪر ۾ وڌو. ”اشرف تون! ڪميڻا هي ڪٿي هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو آندي اٿئي؟“ وڏيري مراد، رئيس ميرڻ جي پويان هڪ نوجوان جوڙي کي ڏسي رڙ ڪئي. ”اڙي! چريو ٿيو آهين ڇا؟... هي اسانجو دوست والٽر ۽ سندس گهر واري آهي... والٽر صاحب، پاڻ واري ائگريڪلچرل بئنڪ جو نئون ڊئريڪٽر آهي ۽ منهنجي دعوت تي ڪجهه ڏينهن ٿيا جو هتي آيل آهي.“ رئيس ميرڻ لوڙا هڻي، مراد کي سمجهائيندي چيو.

”پر هي ته بنهه اشرف مهاڻدي آهي!“ وڏيري مراد ڏڪندي چيو.

”نه چريا... هي والٽرصاحب اٿئي!... مان ڏاڍو مصروف هيس... مان پاڻ توکي والٽر سان ملائڻ ٿي چاهيو... پر وقت ئي نه ملي سگهيو، پوءِ سوچيم ته اڳوپوءِ شاديءَ واري موقعي تي گڏباسين ...... مان پاڻ جڏهن والٽر صاحب کي سندس آفيس ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو ته چڪرائجي ويو هوس، پر پوءِ اها غلط فهمي دور ٿي ويئي.“ ميرڻ، مراد کي وڌيڪ سمجهائي ڏني — وڏيري مراد اڳيان گهڻي ڏينهن اڳ، ماسي شاهو ۽ عاشيءَ وارو پڌايل واقعو اڀري آيو... سندس نبضون ڍريون ٿيڻ لڳيون... پر هو هٿ ڪپائي چڪو هو... هٿو پاڻ کي ڪنهن اونهي ۽ اونداهي کڏ ۾ ڪرندو محسوس ڪري رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪاح پڙهجي چڪو هو... شرنائين جو آواز جيڪو
پن جسمن ۾ دلين جي ميلاپ جي علامت سمجهيو ويندو
آهي... پري پري تائين پولار ۽ سڃڻ جي سرهاڻ ڦهلائي
رهيو هو.

اشرف جي دل اڄ خوشيءَ کان جهومي رهي هئي... هو
دل جي ڌڪ ڌڪ کان به تيز رفتار سان جيپ ڪاهيو ڳوٺ طرف
وڌي رهيو هو...هن جلد کان جلد ڳوٺ ۾ پهچڻ چاهيو...نون
مهينن جي وڇوڙي ۾ المناڪ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيڻ
واريون هيون... هن سوچيو : ”ممتاز جيڪا، سندس اوسيئڙي
۾ اکين جا چراغ ٻاري ويٺي هوندي، هن کي ڏسي ڪيڏو
نه خوش ٿيندي... ڪاوڙبي ... ۽ پوءِ هيءَ ڪيس ڳراٽڙيون
پائي پرچائيندو...“ هن جي چپن تي مٺڙي مرڪ تري آئي .
”چاچو مراد... ها، هو جڏهن کيس ڪرڙي اکين سان ڏسي
پاڪر پريندو... تڏهن... “هو خوشيءَ کان بيتاب ٿي ويو.
”ڏاڏي...“ ڏاڏي جي تصور سان ئي سندس روح ۾ مامتا جو
ساڪ جيان پاڪ ۽ پوتر چهرو جهرمر جهرمر ڪرڻ لڳو ـــ
هو سڀني ڳالهين کان بي خبر ۽ بي نياز اڳتي وڌي رهيو هو...
وطاق ۽ حويليءَ جي وچ واري ميدان ۾ وڏا وڏا شاميانه
لڳل هئا. هو ڪجهه نه سمجهي سگهيو . اوطاق جي ويجهو
پچي، هن زور سان بريڪ هنيو. بريڪ لڳڻ ڪري ، اوطاق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ شاميانا، مٽيءَ جي بادلن ۾ گم ٿي ويا.
جيپ مان، سوڪڙين پاڪڙين ۾ پين شين جا بنڊل لاهي
هو خوشيءَ مان، اوطاق ۾ داخل ٿيو. وڏيري مراد جي جيئن
اشرف تي نظر پئي، سندس دل ۾ درد جو دريا اٿلي پيو.

”پٽ! ڏاڏا ڏينهن لاتئي.“ هن چوٽ ڪائيندي پڇيو
”ڪا مار سنيارڻ نه لڌءِ!؟“ سندس دل جو سمورو سوراڪيئن
۾ آيري آيو. ”چاچا سائين! ڏٺيءَ رحم ڪيو جو آءٌ جيئرو
جاڳندو اوهان آڏو موجود آهيان، ٽريننگ پوري ڪرڻ بعد
واپس موٽڻ مهل، اتي ئي ايئر پورٽ تي، منهنجي ٽئڪسيءَ
جو ايڪسيڊنٽ ٿـي پيو... مري مري بچيو آهيان، اطلاع
ڏيئي اوهان کي پريشان ڪـرڻ مناسب نه سمجهيم.“ اشرف
هڪ ئي ساهيءَ ۾ چئي ويو.

”پلا گهر ۾ ته سڀ خيريت آهي نه... ڏاڏي ۽ ممتاز
چاڪ آهن؟“

”ها پٽ...! سڀ چاڪ آهن. پر... مان... مان...“
وڏيري مراد جي جملي پوري ڪرڻ کان اڳ ئي رئيس ميرڻ
والٽر سوڊو اڳتي وڌي آيو.

“This man Exactly looks like me! I am looking my self in mirror”.

(هي ته بنهه سون مهاندو آهي! ائين ٿو لڳي جڻ آئيني ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجو ئي عڪس ڏسي رهيو آهيان.) والٽر اشرف کي ڏسي حيرانيءَ وچان رڙ ڪندي چيو. اشرف پڻ، والٽر کي پنهنجو همشڪل ڏسي حيران هو. ”والٽر صاحب! اوهان ۽ اشرف جي همشڪل هجڻ ڪري، هت ته معاملو ئي اور ٿي پيو آهي. ياد اٿوَ! پهريون ڀيرو، جڏهن پنهنجي ميمڻ سميت اسان وٽ شڪار تي اچو، گوٺ وارن، اوهان کي اشرف سمجهي، وڏيري مراد کي ٻڌايو ته هُو ولايت ٻلايت ڪونه ويو آهي؛ هتي ئي ڪنهن ميم سان شادي ڪيو ويٺو آهي ـــ اسان واري رئيس به پڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ئي، اشرف جي مڱ ڪمونءَ سان پرڻائي ڇڏي.“ ”هان!“ اشرف هانوَ ڦاڙ رڙ ڪئي. بنبل سندس هٿن مان ڇڏائجي هيٺ پڪڙجي ويا.

بظاهر ته خوشيءَ جو موقعو هو... پر ممتاز جي هڏڪين ۽ سڏڪن جي آواز سڀني کي غمگين ڪري ڇڏيو هو... وڏيرو مراد، اشرف کان اکيون هيٺ ڪري هلي رهيو هو... ڇو ته هن ئي سندس دل جي دنيا کي پائمال ڪيو هو... هن رمونءَ جي روح کي رنجايو هو... هن ممتاز کي هڪ دفعو ٻيهر ڪنڊن تي اڇلايو هو... هو اداس هو، سوڳوار هو... ساري حويلي اداس ۽ ويران هئي ـــ اشرف خاموش هو... سندس اکيون ٻڏرائجي چڪيون هيون، سندس چهري تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوبہ تاثر نہ هو... هو رات جي ٿاريڪين ۾ جيپ ڪاهي ڪنهن اڻ ڏٺل منزل طرف وڌي رهيو هو... سندس ڪنن ۾، ممتاز جا اکر گونجي رهيا هئا. ”پوڄاري جيڪي گل، پنهنجي ديوتا تي چاڙهيندو آهي... انهن گلن سان ٻئي ڪنهن جو تصور وابستہ ڪرڻ پوڄاري جو موت هوندو آهي...“ ديوتا جي سيني کي چيريو ويو هو... گل لتاڙيا ويا هئا. سندس اکين مان ٻہ لڙڪ، جيپ جي اسٽيئرنگ تي ماڪ جيان اپري پيا... هو روئي رهيو هو... ڪائنات روئي رهي هئي، پوئين پهر رات ڳوڙها ڳاڙي مکڙين کي گل بڻائي ڪنهن ٻئي ديوتا جي سيني ۾ جهير وجهڻ جا سانباها ڪري رهي هئي.

★ ★



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نَڪُ

”منيشس! هاڻ ڪوهه ٿيندو؟“

”هاڻ باقي ڇا آهي جو ٿيندو، نَڪ جيڪو ورهين کان ساهه سين سانڍيندا آياسين سو وڍجي ويو.“

ڪريمت پنهنجي طوطي جهڙي نڪ کي آڱر جو گهڪو ڏيئي پٽ تي اهڙي چنبڙ ڏني جڻ نڪ هيٺ اڇلجي ويو.

”ادي وڏل کي ڇاڻ آهي؟ انهيءَ جي ٻڌو پوءِ ته قهر ٿي ويندو.“

”تنهنجي ليکي اهڙيون ڳالهيون ڳجهيون رهي سگهنديون ڇا؟ پاڇائي ڪتل ڪُي ٻه پانيان ٿي ته ڪجهه ڪُرڙڪ آهي. جڏهن شهر اچي توسين حال ڪيم، ته پٽڪ سندس ڪنن ٻه پيئي، پر ننڍڙي وٺي رنو ته آسالڪ اوڏو ٻڪي وئي —“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هائو پيئڻ، ڳالھ تہ بروبر لڪڻ جهڙي آهي ئي ڪين،
پر ادي وڏل ڪي جي سڌ پئي تہ اهو تہ ڪنهن ڪي بہ جيئرو
ڪين ڇڏيندو. بابي مرحيات ڪان پوءِ اهو ئي تہ اسانجو
وڏو آهي. اسانجي هٿن ۾ ننڍو ئي وڏو ٿيو، وهي وچائي
ڪراڙي اچي ٿي آهيان تہ بہ وڏل جو نالو پڌڻ سين ڪمبڻي
وٺيو وڃي.“

”چوڪين، سدائين شان وارو مان وارو ورلي ڪو جهڙس
دلير مڙس هوندو، پر چوريءَ هٽي اسان جو اوچو ڳاٽ
پچي وڌو— ست پيڙهيون ڪاريون ڪري ڇڏيائين، هاڻ
ڪهڙو منهن ڪٽي برادريءَ ۾ هلنداسين سڀ ڪو آڱريون
ڪٽندو تہ اجهي اهي آهن، فلاڻا وڏ گهرا ڪامورا جن جي
نينگري ...“

”هاءِ قسمت! ادي وڏل تہ انهيءَ مهل دانهن ڪئي، تہ
پاچائي ۾ نينگري شهر نہ وڃن. پر شهباز مچيوئي ڪين.
ڇي جڏهن ڏنڌو ئي قسمت سانگي شهر ۾ ٿيو آهي تہ ات ئي
گهر ڪري پارن ٻچن سميت رهڻو بہ اٿئون، هيڪلائي ۾
هلاڪي ٿيندي. مون بہ گهڻو ئي مٿو هنيومانس تہ زالون گهر
جون شان هونديون آهن ڪو مڙسن ڪيڏ ائين گهنڊيءَ وانگر
پٺتون نہ ٿي لڳنديون آهن. ڪم ڪاج لاءِ نوڪر ڪٽي
رکجان مهني ٻئي اچيو ٻارن ٻچن کي ڏسيو وڃجانءِ پر شهباز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هوڏ تئون مڙيئي نہ چئي آءُ تہ زينب کي وٺي ويندس. ادي مردن لاءِ ڪي زالون ڪٿيون آهن. الائجي ڪهڙو جادو ڪيس ڀاچائي، مون ڪٿي مات ڪئي. ادو وڏل بہ سور پي ڳاڙهو بنهہ ٿاٽيءَ وانگر ٿي ويو پر ڪجهو اصلي ڪين. پيءَ کان پوءِ اهو تہ سندس سنڀال لهندو پئي آيو. ڪيس ڪيئن رنجائي ها." "پر اهو ڏوهہ سڄو ڀاڄائي جو آهي جنهن هٿ وٺي اسانجي نينگريءَ جي پيڙي ٻوڙي، جهنگ جي ٻڪري ڇا ڄاڻي شهرن مان. ڏاري آخر ڏاري هئي ڪيس اسان جي آڪهہ جي ڪهڙي ڪاڻ. قسمت ڪٿي ادي جو انگ ات اڙايو نہ تہ حورون ٿي مليون ادي کي تہ."

"ها پيڻ، برو بر پر قسمت!"

"مون بہ شهر وچي اکين سين ڏٺو تہ ڪل پيم. ادي جي پيٽ ۾ بہ الائجي ڪهڙا حرام وجهي ڇڏيا اٿس جو اکئينءَ سڀ ڪجهہ ويٺو ڏسي پر ڪجهي ڪين."

"اسان جو ڀاءُ اُبوجهہ غريب ڦاسجي ويو!"

"قسمت— !"

"پر آئي ڪريمت، ڳالهہ بروبر سچي آهي ڪين ماڻهن اجايو دشمنيءَ کان..."

"ادي ماڻهن کي ڪهڙو لاچار پيو آهي، جو ڪوڙ ڳالهائين. اکين ڏٺو اچن، ڏندين آڱريون وجهي پاڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبرون ڪندا هئا. ڳالهه هلي هلي مون تونئي به پهتي. پائين؛ جيت توکي باهه وئي آت من مون کي به سيڪ اچي؟ گهٽي جٽ ڪئي مانس شرم کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين بس ايترو سو چيائين ته ”چوڪريءَ جي قسمت ۾ جو اٿين لکيل هو—“

”چيرو لکيس قسمت ۾. اصل نهوڙي نيو چوريءَ اسانکي. انهيءَ ندوريءَ کي موت اچي ها ته ڀلو هو.“

”موت وري اهڙين کي ايندو ڇا؟ باقي اسان لاءِ سو موت ئي آهي. خاندان جو موت—“

”هاءِ منهنجا رب! هي ڇا ڪري ڇڏيئي!“

”چوندا آهن ته سنگت جو به ته اثر ٿيندو آهي.“

”اهو ڪيئن—؟“

”سندس پاڙي واريون به ڏنم ته ڏاڍيون هوشيار پئي ڏسڻ ۾ آيون“

”پر ادي، انسان پاڻ سولو هجي ته ڪنهن جي مجال ئي ڪونهي جو وار به ونگو ٿئي. ٻهڙي کي پنهنجي مت هوندي آهي.“

”سچ ٿي چوين، مونکي ته اهو ڏينهن زهر ٿي آيو، ڇا جا ڪاڏا ڇا جا پيتا. ٻک کان پيٽ وڃي پٽيءَ سين لڳم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو حال اڪين ڏسڻ سين چڙ اوندهه ڦري آيم. اهڙو حال ٽيم جو دشمن جو به نه ٿئي. دل جو دهڪو ته چڙ پـدم ئي ڪين ٿي. چيم ته ياربا سنجهيئي وجي پنهنجي ڪکين پيڙو ڪرينم."

"ڳالهه پڌڻ سهون منهنجو به هنيانءَ ويو هليو. الائجي ڇا ٿيندو. اجهو وڏل به ڇاڻ آيو ڪي آيو. ڳالهه پـڌي نه ڇاڻي ڪهـڙو حال ٿيندس دشمن جو، مون ڪي ته پڻ آهي ته ڪٿ آپگهات نه ڪري!"

"هاڻ ڪهڙا آپگهات ٿيندا. مٺا ته ائين ئي پيا آهيون."

"هاءِ ندوري! تنهنجي ڪري اڄ هيءَ ڏينهن ڏٺوسين. تون ته چمڻ سين مري وڃين ها ـــ"

"توپان زاري، توپان زاري."

وڏل جي زال جنهن پينگهي ۾ پار ڪي ڪيـر ويئي ڏنـو تنهن ڪي سمهاري نڙاڻ وٽ آئي.

"ادي بختاور خير ته آهي، اوهين موڳيون ڪوه آهيو. گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ هيڏ هارجي ويئي اٿـو، منهن تي، مونکي به ته ڪجهه ستايو ڪين..."

"ڇا پڌندينءَ پاڇائي؟"

"توهان جي ليکي آئون گهـر جو ماڻهو ڪين آهيان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏي پوڙي آهيان، لاڏين ڪوڏين أئي آهيان، ڪو ائين ته ڪونه آئي آهيان." ڪتوءَ چڙ مان چيو.

"توکي ته چڙ بس نڪ تي رکي آهي، ڪهڙي خوشخبري آهي جو سڀني ٻڌي، باقي تون رهجي ويئينءَ؟ هيانءَ هجنيئي ٻڌڻ جهڙو ته ٻڌ. ڏيرهن جي جوان ڄماڻ ٻارهين ورهين جي ڌيءَ اسان جو نڪ وڍائي اسڪول ۾ پڙهڻ ويئي آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نَاسُوْر

محرم خان جڏهن معمولي پوليس جمعدار هو تڏهن ڪان ني زهره ٻائيءَ جو خوبصورت جسم سندس توجهه جو باعث هو ۽ ڪئين دفعا اظهار محبت ڪرڻ بعد به زهره ڪيس ڪنگهندي ني ڪونه هئي. زهره، جنهن جي در تي وڏا وڏا رئيس زاده، نواب زاده ٻهاريون ڏيندا هئا، تنهن جي هڪ فاقن ماريل پوليس واري تي ڪٿان ٿي اک پڙي.

جيئن ته بازار حسن ڳائي جي حد ۾ هو، تنهن ڪري محرم خان جي ڊيوٽي به اتي لڳندي ايندي هئي ۽ جڏهن پورو ڏينهن گذرڻ بعد به زهره جي جهلڪ ڪيس نظر نه ايندي هئي ته روايتي عاشقن وانگر مايوس ٿي پنهنجي پاڏي جهڙي آواز ۾ راڳ ڳائيندو هو.

”تو ڪون سي بدلي ميں ميرے چاند هے آجا.“

۽ عين ان وقت اتفاق سان جي زهر ٻائي پنهنجي ڪوٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي درياءَ مان نظر اچي ويندي هئس ته سندس للچايل اکيون منجهس ائين کپي ويندڙيون هيون، جيئن ڪنهن ٻکايل کي اوچتو ئي اوچتو ونڻ ۾ پڪل ميوو نظر اچي ويو هجي. سندس وات پاڻي پاڻي ٿي ويندو هو ۽ چپن تي زبان ڦيرائيندي اعتماد سان چوندو هو:

”پهلو نشين اي حور!
ٿيندين ءَ تون ضرور،
تنهنجو حجاب، تنهنجو شباب،
بس لاجواب آ“

زهره کيس پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، حقارت جو اظهار ڪرڻ واري انداز سان ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي درياءَ تي پردو ڪيرائي ڇڏيندي هئي ۽ محرم خان اونهو ۽ ڪڙهيل ساهه کڻي رهجي ويندو هو.

محرم خان، جيڪو زهره جي نگاهه ڪرم جو منتظر هو، تنهن جي اميدن تي هڪ ڏينهن پاڻي ڦري ويو. ٿيو ائين جو کيس انهيءَ ڏاڏي تان بدلي ڪري ٻر واري ڳوٺ جي چونڪي تي رکيو ويو، جتي کيس سخت بيزاري محسوس ٿيڻ لڳي. هڪ هڪ گهڙي ڇڻ سالن برابر ٿي گذريس. شهر ۾ ته چهل قدمي سان گڏ ”چهل چشمي“ جو به موقعو ملي ويندو هئس، پر هتي ته سڄ هئي. ڳوٺ ڪتن جي ڀونڪار ۽ گدڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اوناڙ، اها ٻڪا زندگي هئي. ڊيوٽي ختم ڪري پنهنجي ڪوارٽر ۾ پيل "ڪائي" جهڙي ڪٽ تي اچي ڊهندو هو ۽ پنهنجي لوڪل زخمي ٽرانسٽر مان حسب معمول نڪرندڙ سُر "ڏِن ڪيتا! ڏِن ڪيتا" ۽ "جاڳي اٿي تنهائي، مايوسي" وغيره جهڙن "سنڌي" نغمن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي ننڊ ۾ الوٽ ٿي ويندو هو.

چوندا آهن ته بخت نه ڏسي وقت، جي وري ته ويرم ئي نه ڪري. محرم خان جو به بخت وريو ۽ جيڪو عهدو ڪيس پنجويهن سالن تائين به نه مليو ها سو ٻن ڏينهن ۾ ڪيس ملي ويو. ڳوٺ ۾ ڏاڙيلن ويل ڀاري ڏنو هو. نامي گرامي ڏاڙيل سهراب سولنگي ته ڳوٺن جا ڳوٺ هيسائي ڇڏيا هئا، جنهن جي زنده يا مرده گرفتاري لاءِ پوليس بي آرام هئي. انهيءَ ڪم لاءِ حد جي صوبيدار، همت ڀرئي جمعدار شيرل سان گڏ محرم خان کي به آماڻيو. محرم خان جهڙي بزدل ۽ رنگيلي شخص لاءِ انهن ڪمن ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي، پر لاچار فرض پوري ڪرڻ لاءِ وڃڻو پيس.

ڳهاٽو ٻيلو ۽ اونداهي هئڻ ڪري شيرل ۽ محرم خان کي ڪجهه دير تائين ڏاڙيل سهراب جي پناهگاهه هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي دقت ٿي، پر اوچتو شيرل جي نظر سامهون روشنيءَ تي پئي ۽ هڪل ڪيائين "ڪير آهين؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس انهيءَ مهل سهراب جي مثل چهري ۾ پنهنجو چمڪندڙ مستقبل نظر اچي رهيو هو.

پيلي ڪان ٻاهر نڪري، ٻه واري زميندار وٽ مدد لاءِ ويو، جتان ڪيس هڪ ڏڪي گاڏي، لاش ڪٽي ٽاٽي تائين پهچائڻ لاءِ ملي.

سهراب سولنگي جي موت جي خبر ڀرواڙي مان ڳوٺن تائين ۽ ڳوٺن ڪان شهرن تائين هوا وانگر پکڙجي وئي ۽ مشهور ٿي ويو ته اهو ڪارنامو محرم خان سرانجام ڏنو. جلد ئي ڪيس، "اعليٰ حڪام" طرفان ترقيءَ سان گڏ ساڳئي شهر جي ساڳئي ٿاڻي ۾ بدلي جا آرڊر پڻ مليا.

محرم خان اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر ٿي جڏهن هڪ ڏني وقت ۾ ٻه ميدان ماري ورتا. زهره ٻائيءَ جي ٻاهڻ کي ديسي شراب وڪڻڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ هوءَ ڪيس ڇڏائڻ لاءِ محرم خان کي سندس نئين عهدي جي مبارڪ ڏيڻ وئي.

"اڄ هڪ عرض ڪٽي آئي آهيان..." زهره جون اکيون الفت جي نشي ۾ مخمور ڏسي هو بي تاب ٿي ويو.

"مان ته مدت ڪان تنهنجين اکين جي تيرن جو گهائل آهيان! ڀلا ڀاڳ، اڄ تون مرهم رکڻ آئي آهين."

"منهنجي درد جي دوا ته هن وقت صرف اوهان آهيو — صوبيدار صاحب!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”حڪم!“ هن پاليل ڪتي وانگر زهره جي اڳيان سر
ڪي ڪي قدر جهڪايو.

زهره ٻائي ڪيس پنهنجي ڀاءُ جي گرفتاري بابت تفصيل
ٻڌائي. محرم خان هڪدم ٽيليفون ۾ هٿ وجهي نمبر گهمائي
ايڪسائيز وارن کي فون ڪيو ته ”پيار عليءَ کي هڪدم
رها ڪيو وڃي، پنهنجو ماڻهو آهي.“ ۽ ائين چئي هن رسيور
کي ائين سٽيو جيئن ڪريڊل تي نه پر پيارعلي کي گرفتار
ڪرڻ واري جي مٿي تي هٽي ڪڍيو هجيس. پراڻيون ڳالهيون
ختم ٿي ويون، خود بخود هڪ نئون ماحول پيدا ٿي ويو ۽
۽ انهيءَ شام جو ئي زهره ٻائي جي ڪوٺي تي محفل ڄمي.

* * * * *

محرم خان صوبيدار ٿيڻ بعد سڄي ڏاڍي تي دهڙدونس
مچائي ڏني هئي، فريادي ۽ جوابدار ته الڳ پر
پنهنجي زيردستن تي به ڳار جي وٺي پئي پوندي هئس. ظلم
سندس پيشو ۽ رشوت سندس ايمان هو. مٿس پئسي جي بارش
ٿيڻ لڳي. هر طرف نوٽ ئي نوٽ، ڪالهه جنهن کي ڪير
پڇندو ئي ڪين هو اڄ پنهنجو مٽ پاڻ هو. اڳ جنهن جي
گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪڪ هوندا هئا، تنهن وٽ ڪيترائي
عرض دار صبح شام سندس اوطاق جي ڳلم تي ويٺل نظر
ايندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهره ٻائي سان سندس لاڳاپا ڏينهون ڏينهن گهاٽا ٿيندا ويا. سندس راتيون وٽس گذرڻ لڳيون، جت ٻي گناهن جي خون پسيني جو پئسو هڪ ڌاڙيل وانگر لٽي ۽ ضايع ڪندو هو.

ڪجهه عرصي کان زهره ٻائي، محرم خان مان ڪڪ ٿي چڪي هئي، سندس خاص شڪايت هئي ته محرم خان ڪڏهن ٻه ڏندڻ ڪونه ڏي تنهن ڪري سندس وات ۾ هميشه ڪتو مٺو پيو هوندو آهي. جيستائين وهنجڻ جو تعلق هو محرم خان جو اهو ايمان هو ته هڪ دفعو ماءُ جي پيٽ مان ڄمڻ سان وهتو آهيان پيو دفعو غوسلي غسل ڏيندم.

زهره عطر عنبير سرخيون پائوڊر لڳائي محرم خان جو انتظار ڪندي هئي ۽ هو جڏهن پنهنجو سڪي ويل اچو پگهر ۽ مٽي، مٽُن ۽ چاتيءَ تان، آڱوٺي ۽ آڱر جي زور سان مهٽي ڪڍندو هو ته زهره ٻائي جي سيني تي هڪ نانگ گهمي ويندو هو.

چوٽي آهي ته طوائف پئسي جي ٿيندي آهي ليڪن دل جا شيشي کان ٻه نازڪ ٿئي ٿي سا طوائف ڪي ٻه ٿي ٿئي ۽ هن جي دل محرم خان پنهنجي گدلائيءَ ڪري پرزا پرزا ڪري ڇڏي هئي.

هيڏانهن محرم خان جون ٻه مصروفيتون ايتري قدر وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويون هيون جو ڪيس زهره بائيءَ سان ملڻ جو وقت به مشڪل سان ملندو هو ۽ هوڏانهن زهره به نيون نيون سنگتون ڳولي ڪڍيون هيون ۽ هڪ ڏينهن خبر پئي ته اهو شهر ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي هلي وئي. محرم خان به سڪ جو ساهه کنيو. ڇو ته هن جو به زهره سان جيءُ پرچي چڪو هو ۽ خبر ناهي ته ڪيتريون زهرائون هن جي زندگي ۾ داخل ٿيون ۽ هليون ويون. ارڙهن سالن جو ڊگهو عرصو گذري ويو. هاڻ سندس گهڻو وقت شهر جي سڀ کان وڏي هوٽل جي مخصوص ڪمري ۾ گذرڻ لڳو جيڪا جوا، شراب ۽ عصمت فروشي جو خاص اڏو هوندي هئي ۽ جيڪا ڏينهن ٿيڻ بعد هن ٺهرائي ٻ. انهيءَ مقصد سان هئي ته پيريءَ ۾ به سک ۽ تفريح سان وقت گذرندو رهي.

سرمائيدار انهيءَ هوٽل ۾ کلي آزاديءَ سان عيش ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. هن هوٽل ۾ ڪنهن به قسم جي ڇاپا ڇاپي پاپي جو خطره وغيره نه هو ڇاڪاڻ ته هو پاڻ رٽائرڊ پوليس آفيسر هو.

هوٽل جو مئنيجر جيڪو بئڪ گرائونڊ ۾ دلاليءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو هو تنهن محرم خان سان اڄ هڪ نئين زهره بائيءَ جو ذڪر ڪيو.

”ڪٿي آهي؟“ محرم خان پانهن ۾ ٻڌل روليڪس تي نظر وڌي. رات جا ٻه لڳا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مٽي، سائين جن جي اسپيشل روم ۾“ ائين منزل جي اسپيشل روم ۾ شاندار بيڊ تي هڪ قيامت محوِ خواب هئي. محرم خان هن جي سنگ مرمر جهڙي جسم ڏانهن ڏٺو ۽ کيس پنهنجن پوڙهين رڳن ۾ بجلي ڊوڙندي محسوس ٿي. واقعي مئنيجر ڪمال ڪري ڇڏيو...

هن جهڪي کيس پيار ڪرڻ چاهيو ليڪن هوءَ انهيءَ وقت بيدار ٿي وئي ۽ اٿي ويٺي ۽ پنهنجن خمارِ آلود نگاهن، سان محرم خان ڪي ڏٺائين. پنجونجاهه سالن جو محرم خان هن جي جواني تي فدا ٿي ويو ۽ بي اختيار سندس وات مان هڪ پراڻو گٺل جملو نڪتو ”تون بيحد ... بي حد خوبصورت آهين... چنڊ جهڙي“ ۽ پر ۾ اچي ويٺس ۽ چنڊ هڪ بناوتي شرم پاڻ تي طاري ڪري ڇڏيو.

*    *    *    *

هدايت موجب صبح جو ڏهين بجي بيرو چانهه کڻي آيو. ”تنهنجو نالو ڇا آهي ڊارلنگ ... رات ته تو کان پڇڻ ئي ياد نه رهيو...“ محرم خان چانهه ۾ سيڪرين وجهندي چيو.

”الماس“ هن ڪنڌ مٿي ڪري فخر سان چيو ”اوه... واقعي تون الماس آهين هڪ انمول هيرو“ اهڙن موقعن بعد هو وڏيڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو بلڪل عادي نه هو. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الماس جي حسن جو مٿس ڪجهه اهڙو رعب پيو جو ساڻس ڳالهائڻ لاءِ مجبور ٿي ويو. اهڙي ڪشش پنهنجي زندگيءَ ۾ يا ته هن زهره لاءِ محسوس ڪئي هئي يا پوءِ اڄ الماس لاءِ.

”تون هتي ڪيئن آئينءَ.“

”جيئن ٻيون سڀ ايندڙيون آهن.“

۽ هو وائڙو ٿي ويو... پر پاڻ تي قابو پائي نهايت نرميءَ سان چيائين.

”منهنجو مطلب هو ته... اهو ته... هي... يعني تون هن ماحول ۾ ڪيئن؟ تنهنجا ماءُ پيءُ... وغيره؟“

”اسانجا وري ڪهڙا پيءُ؟ هوندا ڪي توهان جهڙا مهربان ۽ چڱا مڙس، معاشري جا ” ناسور“ هن طنز سان مشڪيو.

”قربان وڃان، تنهنجي ان ادائن تان، تون اهڙي سنگدل ڇو آهين الماس! توکي ته پوليس واري ٿيڻ گهرجي ها.“

”منهنجي ماءُ چوندي آهي ته اهو ڪمبخت به پوليس وارو هو“.

”خوب! خوب!“ هن ٽهڪ ڏنو ” خون جو اثر رنگ ڏيکاريندو ئي آهي آخر مان به ته پراڻو پوليس آفيسر آهيان، ڪيئن صحيح ڪري ورتم“ محرم خان ڪامياب دوڪاندار وانگر مٿس هڪ شوخ نظر وڌي، ايتري ۾ ٻيري اچي اطلاع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ته الماس جي گاڏي ڪيس وٺڻ لاءِ آئي آهي. هوءَ ڏاڍي ناز و ادا سان پاڻ سنڀاليندي آئي ۽ آئيني تي آخري نظر وجهندي محرم خان کي هٿ جي اشاري سان مشڪي خدا حافظ ڪيو.

”ترس ته مان به تو توکي هيٺ ڇڏڻ هلان.“ ٻئي لفٽ ۾ اچي ويٺا ۽ گرائونڊ فلور تي لهي آيا. موٽر ۾ ڊرائيور جي سيٽ تي هڪ مرد ۽ پوئين تي اڌيڙ عمر جي عورت ويٺل هئي.

”هي منهنجي ماءُ ۽ ماسون آهن“ الماس تعارف ڪرايو.

”تسليمات“ عورت ادب مان سر تسليم خم ڪيو ۽ پوءِ پنهي هڪ ٻئي جي چهري تي پيل ڀڄاپي جي تهن کي پل کن لاءِ ڪسڪندو محسوس ڪيو.

”زهره! تون.“

”هائو سائين، مان ئي توهانجي زهره آهيان... ڪهڙا نه عجيب اتفاق آهن... ڪهڙي نه عجيب موڙ تي ملاقات ٿي آهي... ۽ سائين هن کي ته توهان شايد سڃاڻو ئي ڪونه، هي توهانجي ڌيءَ الماس ئي ته آهي، جيڪا اڄ کان ارڙهن سال اڳ ڄائي هئي!“

”منهنجي ڌيءَ!!... آف خدا!“ کيس ائين محسوس ٿيو جيئن هوٽل جون ائي منزلون مٿس ڪري پيون هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇڏيو سائين! مڙئي خير آهي (زهره پنهنجي مخصوص ادا سان اک پٽيندي، هٿ محرم خان جي هٿ تي هٽڻ واري انداز سان وڌايو) کهڙي توهانجي نڪاح پڙهي زال جي ڏيءَ آهي جو توهانجي لاءِ قيامت ايندي.“

”هائو سائين وڏيرا! بزنس، بزنس!“ الماس چيو. پيءُ جي خلوص، پيار ۽ رتبي کان بي خبر سندس اکين جي چمڪندڙ مرڪ محرم خان جي اکين ۾ چڻ لوهه جي پريل سيخ وانگر کپي وئي.

”آهه...نهه“ هن پٽي هٿ منهن تي رکيا ۽ هوٺڙ ڏانهن پڇي ويو.

”نيچ ... ڪمينو.“ زهره چيو.

”دلو!“ الماس زمين تي ٿڪيو.

۽ گاڏي اسٽارٽ ٿي.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪارونانڪ

علي ماڻ زماني جي گتيل پيٽيل هئي، ڪيس زماني سازيءَ جا گهٽا گٺر ايندا هئا، انهن مان سندس خاص گٺر الله ۾ گهڻ ويساهه رکندڙن تي تعويذ تڙي جو وار هو. جڏهن ڪان ڪنوار ٻڄي گهر ۾ پير پاتو هئائين تڏهن ڪان ئي پنهنجي مڙس کي محسوس ڪرايو هئائون ته هو ”ولي الله“ آهي — ۽ جيئن پوءِ ڪيس علي ۾ پيا پار ٻه ٽيا، تيئن انهن سيني کي ٻه اهو احساس ڏياريندي آئي هئي ته هئو سيئي ”ولي الله“ آهن.

اڄ دستور موجب هڪ غريب ڪوٺاڻو سندس در تي صدا ڪئي آيو، انهيءَ ويچاري جي ڏاندن جي جوڙي چور ڪاهي ويا، ڪنهن علي ماڻ جو ڏس ڏنس ۽ هو به علي ماڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شرلاڪ هومز“ جاسوس سمجهي سنڌس در تي اچي بيٺو.

علڻ ماڻهيءَ نياڻين سياڻون جو پردو ڪرائي، پنهنجي چلم سميت هاريءَ ڪي اوطاق ۾ بارياييءَ جو شرف ڏنو. هيڏانهن هو پانهون پڌيو عقيدت منداڻ نظرن سان پنهنجي ڏاڏيءَ جيڏي علڻ ماڻهيءَ کي پاڏائي رهيو هو ۽ هوڏانهن علڻ ماڻهيءَ ڏوئيءَ ڏانهن هٿ وڌائيندي ٻه وڏا ڪارا ليڪا منڊيٽڙي جي صورت ۾ فرش تي ڪيڏي، ڏوئيءَ کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيون. اوڏي مهل ڏوئي ڏٽڙيلن جي ڏاتار هئي.

”او مائي ڏوئي! سچ سچ ٻڌاءِ! ڪاري ٻڪري اچو کير— ! نه ته دوزخ جو ٽنبو ٽيندينءَ!— سچ ٻڌاءِ! ته بهشت جي گلزارين ۾ هوندينءَ.“

ائين ئي علڻ ماڻهيءَ جي هٿ کي جنبش آئي، ڏوئي لڏڻ شروع ڪيو ۽ آن سان گڏ علڻ ماڻهيءَ به جهولڻ لڳي.

”سچ ٻڌاءِ! مائي ڏوئي، چور ڪراچي ويو؟

(پاڻ مرادو) ها، ها، ڪراچي ويو! نه، نه! ڪراچي ڪونه ويو. ابا، ڪراچي ڪونه ويو اٿئي.“

پوءِ علڻ ماڻهيءَ پنهنجي حافظي کان ڪم وٺندي جن جن ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا کيس ياد هئا انهن جا نالا وٺندي ڏوئي کي واسطا وجهندي آخر ”ڏاند وڪڻي، پئسا ڪٽي هندستان پهچي ويو!“ چئي، ڏوئيءَ کي اهڙو ته ڪجهو لوڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنئين جو ڏوئي اقراري طرز سان لڏڻ لڳي ۽ هاريءَ جي اميدن تي پاڻي ڦري ويو، هو دستوري سوا پنج آنا نذرانو رکي پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو.

*　　　*

علڻ ماڻ دل ئي دل ۾ مستقبل لاءِ سوچون سوچڻ لڳي ۽ دليل ڊوڙائڻ لڳي. اڄ انهن دليلن ڊوڙائيندي ڊوڙائيندي جيئن اوچتو پنهنجو منهن آرسيءَ ۾ ڏٺائين ته ڪيس پنهنجو مرجهائيندڙ چهرو ڏسي ڌڪ ٿيو، پر اوچتو ڪنهن خيال ايندي سندس ڏند "ڪي ڪي" ڪرڻ لڳا. روزانو ميٺ کائڻ ۽ انجي مٿان سوپاري ۽ گهٽي تماڪ جي استعمال ڪري ۽ ڪڏهن به پلجي ڏندڻ نه ڪرڻ ڪري، جي پائريا جا شڪار ٿي چڪا هئا سي هن وقت آرسيءَ ۾ ڪيس موتيءَ جي داڻن وانگر ڊاڪٽر ڪرپال جي ٿا هيل پنيهي جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳا، ۽ وات جنهن مان سڄو وقت هڙپون هڙپون جو آواز ايندو هئس سو ڪيس هينئر بند مکڙيءَ وانگر نظر آيو. ڳلن تي لالائي ۽ اکين ۾ "قلوپطره ڪجل" پاتل نظر آيس ۽ پاڻ کي تمام اوچي وڳي ۾ ميناڪاريل ڏسڻ لڳي ۽ سندس خيال اوڏيءَ مهل منتشر ٿيا جنهن مهل پاڙي جي نينگر جو ڪرڪيٽ بال اچي مٿي تي ٺڪاءُ ٿيس ۽ نتيجي طور سندس منهن وڃي آرسيءَ سان لڳو، پر ذهن ۾ آيل



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

شاندار اسڪيم ڪيس اهو سور پي وجهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، پيو ڪو وقت هجي ها ته علڻ ماڻ نينگر جي سٿڻ پيڙهين کي لتاڙي ڇڏي ها .

* * *

علڻ ماڻ پنهنجي دل ۾ سٽيل منصوبي کي عملي جامو پهرائيندي پنهنجي نور نظر ڪنواري ڀائٽيءَ کي "ڪارو نانگ ۽ ست قران بيبيءَ" جي روپ ۾ پيش ڪيو ۽ جلد ئي اصلي پاڙو ڇڏي شهر جي ٻي ڪنڊ وسايائين ، جت ٿورن ڏينهن اندر اهو مشهور ٿي ويو ته هت هڪ اهڙي ست قران، ڪارو نانگ بيبي رهندي آهي جا مثل جياري ، بنا اولادين کي اولاد ڏي، مريضن کي شفا ڏئي، وڇڙيا ملائي، مطلب ته هر درد جو دارو وٽس هو صرف وجهڻ جي دير هئي .

علڻ ماڻ اڄ اها علڻ ماڻ نه هئي. اڄ سنڌس در تي سوين سوالي، ڪي اولاد لاءِ، ڪي نوڪريءَ لاءِ مطلب ته هر بري ۽ چڱي ڪم لاءِ سنڌس در تي موجود هئا، پاڻ "تاج الاوليا" جي خطاب سان پنهنجن نندن کي سڀ قسم جا گر سمجهائيندي رهندي هئي. علڻ جنهن ڏڪ منشي گيريءَ مان چڱا پئسا ڪمايا هئا پر هن اهي تماشبينيءَ ۾ ڦوڪي ڇڏيا، ۽ اڄ سرڪار ڪيس سنڌس عملن ڪري ڪنهن اهڙي ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيو جو چوليون پيو ڪٽي ، تنهن پڻ وڏي سوڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي اچي ماڻ جو پاسو ورتو، جتي ڪيس ”ڪاري نانگ“ جي آڙ ۾ سڀ ڪجهه پئي مليو.

*　　　*　　　*

”چوريون سيکه ڪريو، ماڻهن جي اچڻ جي مهل ٿي آهي! (ڀائنيءَ کي مخاطب ٿيندي) امان، تون به ڪي سولا ڪپڙا گندي پائي، جلدي ڪر! مائي ڀاڳل، تون ڇا ويٺي ڪرين؟ جلدي ڪر، وجهه چار مٽي ۾، ڪر ڪاري نانگ اڳيان فرياد! فرياد!! جيڪو بي بي چوي ته چئجئين سبحان الله! دلين جي مالڪ تون، ۽ مائي ڇڱي! تون هڪدم پيرن تي ڪري پئجيئنس، سڀني زالن اڳيان چئجان ته مون کي پٽ ”ڪاري نانگ“ بي بيءَ واپس وٺي ڏنو آهي، قاسيءَ جو رسو ڳچيءَ ۾ پيو هئس، پر شهباز وانگر جهٽي ڪٺي آيس. صدقو وڃان بي بيءَ جي نالي تان!!“

خليفياڻين کي ضروري هدايتون ڏيئي علڻ ماڻ پنهنجي ڀائنيءَ کي ڪن ۾ سُس پُس ڪري ڪجهه سمجهايو ۽ پاڻ قان ٿي اچي کٽ تي ڪري ۽ چلم مان وارا ڪيڻ لڳي. ايتري ۾ دروازي تي وڏي وڪٽوريه گاڏيءَ جي ”چرچر“ ٿي ۽ ”ڪارو نانگ بي بي“ خليفياڻين سميت، پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

نورل ماڻ جا اڳ ئي هن در تي مٿو ٽيڪي وئي هئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن سس ۽ ننڍهن سوڏو دروازي کان ٻاهر جتيون لاٿيون ۽ هٿ ٻڌي ٻلي پيرڙو ڪري اندر گهڙيون، عين انهيءَ مهل علڻ جون نگاهون مرادوند ننهن تي پيون، ۽ هو پنهنجي ليکي ساڻس تصور ئي تصور ۾ راهه رسم جون منزلون طي ڪرڻ لڳو. اڳيان ”ڪارو نانگ“ ٻه هوشيار هئي، سمجهي وئي ته ننڍي نيڻي ڪنوار ٻارڙو جو هنج ۾ ڪونه کٽي آئي آهي؛ ضرور اولاد لاءِ آئي هوندي. يڪدم رڙ ڪري چيائين: ”مائي! پٽ ائين ڪونه ملندا آهن. ڏهه خميسون هتي جي حاضري ڀر.“

”حاضر بي بي سڳوري! ٻارهو ئي پئي تنهنجيون خدمتون ڪندي.“ سس نمائي ٿي چيو، ايتري ۾ ٽيپ رڪارڊر (جيڪو اهڙن موقعن تي مخفي طور استعمال ڪيو ويندو هو) تان مصري خان جون مستيءَ ڀريون ڌنون وڄڻ شروع ٿيون، ”ڪارو نانگ بي بي“ جا اڳ ئي هسٽيريا جي مريضه آهي، تنهن وٺي نچڻ شروع ڪيو. علڻ پنهنجي موقعي جي تاڙ ۾ هو، هڪدم ”صدق! صدق!“ ڪندو اڳڻ ۾ ڪاهي پيو، پر خطرناڪ نگاهون ننهن ۾ کپيل هئس، جنهن لاءِ هو اڳ ئي ٻڌي چڪو هو ته ڏهه خميسون ايندي. ”ڪاري نانگ“ جڏهن ڏٺو ته علڻ ٿو ڪم خراب ڪري تنهن رڙ ڪري چيس ته: ”بي شرما! نياڻين سياڻين جو خيال ڪر وڃي ڪپڙا پاءِ.“ علڻ جو اُن مهل صرف شلوار تي گنجي پا يو سگريٽ جا سوٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺي هنيا سو موقعي جي نزاڪت کي محسوس ڪندي يڪدم ڪمري ڏانهن ويو ۽ من موهڻي ننهن جي ملاقات لاءِ پنهنجي ماءُ جا پير دٻائڻ لڳو.

علڻ ماءُ جنهن گهڻن ئي مرشدن جا هٿ ڌوئاريا آهن ۽ پاڻ "مرشدن جي نانيءَ" جي نالي سان مشهور آهي سا پٽ کي دلداري ڏيندي، ٽپ ڏئي کٽ تان آٿي ۽ آهستي آهستي "ڪاري نانگ" جي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. اڪين ئي اڪين سان آيل مهمانن کي ڪيڪاريائين ڪنوار کي ڀراڻي وجهي چيائين: "امان ـــ ڏهه خميسون پري رهيون، تون هفتو اصل رهه ئي بي بي سڳوريءَ سان اڪيلي، سڳوريءَ جي دعائن سان هن مهيني ۾ ئي تون اميد سان ٿيندينءَ" ۽ سٽس نورل ماءُ کي چيائين، "وڃه نه وڃايو، ڇڏي وڃو ڪنوار کي هينئر ئي."

انڌو عقيدو رکندڙ سس ۽ نورل ماءُ ڪنوار کي ڇڏي پنهنجي گهر روانيون ٿيون، ۽ دنيا ڏٺو ته هڪ مهيني اندر ڪنوار اميد سان ٿي وئي. هيءَ ڪرامت "ڪاري نانگ" ۽ بيءَ جي وڏين ڪرامتن سان هڪ ليکي وينديي آهي.

*     *     *

ماڻهو "ننهن واري ڪرامت" کان ٻوءِ گهڻي انداز ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ لڳا. علڻ ماءُ جا هڏ چم ٿي پئي سيٽ چيڀندي هئي ، سچي عمر ڪڏهن ڪوڙو چلو ۽ ڪونڌ پاتو هٺائين سا مچي مچي دنب ٿي پئي هئي ۽ سونا هار ڳچيءَ ۾ وجهيو ڪٽ تي ويٺي ڳڙ ڳڙ ڪري چلم پيئندي هئي. سندس در تي گهٽئي نوڪر ۽ نوڪرياڻيون پلجڻ لڳا. حسب معمول ”ڪارو نانگ“ بي بي هڪ نئين بروڪيڊ جي وڳي ۾ سينگاريل (جيڪو چيئرمئن جي زال پٽ جي پاس ٿيڻ تي نذرانو ڏنو هو) وار کوليو پلنگ تي ويٺي جهولي، چوگرد خليفياڻيون ۽ مرادوند زالون پلنگ سان مٿو ٽيڪي روئي ۽ پاڏائي رهيون هيون . ڪي دل ئي دل ۾ پنهنجو سوال دهرائي رهيون هيون.

اوچتو سيني جون نگاهون اچڻ واري وڏ گهريءَ ڪاموري جي زال تي پيون جيڪا نهايت عقيدت سان پير اگهاڙا ڪري اچي گلم تي ويٺي. علڻ ماءُ پريان ئي ڪٽ تي ويٺي ويٺي چلم چڪيندي، پرون مٿــــي چاڙهي اک جي اشاري سان ڪيڪر ڪيس ۽ پئي لمحي سندس نگاهون ”ڪاري نانگ“ جو جائزو وٺڻ لڳيون جيئن ڪو فنڪار پنهنجي ڪاميــاب تخليق کي ڏسندو هجي. ”ڪاري نانگ“ گهڙي ڪن لاءِ جهولڻ بند ڪري پکڙيل وارن کي شاندار جهٽڪي سان مٿي ڪيو ۽ اچڻ واريءَ کي طنز سان مشڪي گهوريائين وري فوراً ئي سخت ڪاوڙ جو مظاهرو ڪندي چيائين :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ نذرِ عقيدت طور موڪليا ئون. ماڻس ۾ خوش هئي ته سنئين راهه تي آيو آهي، علي ماءُ ۾ بهار هئي، نينگر ۾ ئي نئي ڏينهن ۾ ردي ۾ويان اچي دعا وٺيو ويندو هو.

هڪ ڏينهن ڪلم غاليچا انهن تي وڇيا پيا هئا. سيني ڏٺو ته علي ماءُ جي مٿي ۾ چار پنج ڦلمي اخبار پئي هئي، جنهن ۾ ”ڪالا سانپ“ پروڊڪشن طرفان ڏنل اشتهار ۾ هيرو سان گڏ نئين هيروئن، ”ڪارو نانگ بي بيءَ“ جي تصوير به هئي.

★ ★



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چانديءَ جون تارون

اڄ ٻن حويليءَ ۾ ڪهرام متل هو. هي ٻيو پيرو هو جو رئيس زادي راحت رڙيون ڪري، ڪپڙا ڦاڙي هٿ پير مٿي هڻي، بيهوش ٿي وئي هئي. يڪدم اوطاق تي رئيس ڏانهن ماڻهو ڊوڙايو ويو.

دايون ۽ ٻانهيون پلنگ کي وڪوڙيو ويٺيون هيون. بلقيس ۽ ماڻس ته پلنگ جي سيراندي کان چڙهيون ويٺيون هيون. ڇوڪريءَ جي حالت ڏسي اوڇنگار مٿان اوڇنگار ٿي ڏنائون. ٻانهن ۾ ڪهڻايو ڪين پئي، هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي وڃڻ کان رکي رکي اهڙيون ته فلڪ شگاف اوڇنگارون ٿي ڏنائون، جو پريان رئيس، جو سهڪندو پئي آيو، سو به ڏڪي ويو.

”قهر پئيو، ڪهڙو وٺي ڌمچر مچايو اٿوَ، ڪجهه سمجهه نه ڏيو؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آءٌ ڪهوري وڃانس! مٺيس! منهنجي سائڻ مڱوريءَ ڪي الائي ڇا ٿيو!“

”هاءِ! هاءِ!! منهنجي جيجل.“

مختلف آواز هر طرف کان اچي رهيا هئا. ”سائين وري ٻه ساڳي حالت آهيس!“

”ڪهڙي ساڳي حالت.؟“ ”اهو ئي ٻاڇو اٿس پرين جو، عطر مکي ساهيڙين سان چانڊوڪي ۾ وڃي ويٺي، اتان جهڙپ اچي وئي اٿس.“

”اڄ شاه صاحب کان تعويذ لکائي ٿي ڏيانس، تون ڪوهه پئي اجايو مٿو هڻين!“ رئيساڻي ڏجاڻ ٻاچاڻيءَ کي اکيون ڏيکاريندي چيو ۽ ٻاچايس هيسجي ماٺ ٿي ويٺي.

”آئي ڪريمت ڏسين ڇا پئي، لوبان ڪٽي اچ ته گهر ۾ دکايون، سڙندي واري کي ٻه گهرايو ته لهرو وڃائي من ڪجهه جهولي ته بدن هلڪو ٿي پئيس.“

ڪريمت يڪدم ڏجاڻ جي حڪم جي تعميل ڪئي. ٻچان کي جا کٽي ٿي کٽي تنهن ڊاڪٽر کي گهرائڻ جي صلاح ڏني. بس صلاح ڏيڻ جي دير هئي. راحت جي پوڙهي، مگر ڪنواري ڀڦيءَ جا ڏند دروازن جي ڍرن ڪواڙن وانگر حرڪت ۾ آيا، چي: ”خبردار نامراد! جو وري موئي ڊاڪٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوراخ مان ٻاهر ڪڍي وجي جيئن ڊاڪٽر نبض ڏسي سگهي
اها ترڪيب سڀني پسند ڪئي ۽ پوءِ ڊاڪٽر آيو. هڪ
ڀيريون موقعو هو جو ڪو ڌاريو مرد گهر ۾ اچي رهيو هو
زائفن جون بڪايل نظرون درين ۽ دروازن جي وٿين مان
ڊاڪٽر جي سنجيده چهري جو طواف ڪرڻ لڳيون ۽ گڏوگڏ
"رمارڪ" به پاس ٿيندا رهيا.
"ڪنجو آهي ماريو."
"آئي ڏسين نٿي؟ ڀڪنپ مٿي ۾ تڏهن به انهن کي ٿڌوٽي
مان ڇمائي آيو آهي."
"مهاندن ۾ مرڻي ٿا هوڪڙو ٿو پائنجي ۾ نڪ هٽي ڪ
ڊاهي ڇڏيو اٿس."
"ڏس ته ا در جي وٿيءَ مان ٿانديءَ لڳي جي اک مون
لڳي پئي آهي."
"آئي! آئي!! ڏس ته سهي ماريو مون ڏانهن ڪيئ
پيو نهاري."
ڊاڪٽر صاحب پنهنجي همدرديءَ مان "پوسٽ مارٽم"
ٿيڻ کان بيخبر ٿي کٽ تي ميل چادر جي سوراخ ۾ نظر
کپايو ويٺو هو گويا پانهن جو منتظر هو. آخر خدا خدا ڪ
سوراخ مان ويڙهيل سيڙهيل پانهن نڪتي ۽ ڊاڪٽر به
شرير تي پانهو تنهن نبض ڏسڻ بعد چيو ته زبان ڏسڻ
ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي رئيس سگورو ڏرو ٿيو. ٻردي جي ٻوبان ٻيڻ جون ڪرڙيون ڪيون ڏاڏائين جنهن هوريان ”هون هون“ ڪئي. ڪريمت ڪي موڪليائين ته رئيس ڪي سڏي آ. رئيس ٻردي جي پويان ليٺو پاتو، ڏياڻ ڇيس.

”مئيس! وڏڙن جي ڪري ٻچي ڇڏيوَ، هاڻي پرايا ماڻهو ويٺا ڏسن.“

”تون هاڻي ساٿ ڪري ويھ، خـــدا جو اٿئي قسم ڪُڇ ٻيُڇ نه، خلق نه مون تي ڪلاءِ، ڇوڪريءَ جو منهن ڪري ڏيک ته ڊاڪٽر زبان ڏسي.“

ان بعد ڊاڪٽر تفصيل سان ڇوڪريءَ جي حالت ڏٺي. جڏهن مرض کي ”هسٽريا“ جو نالو ڏئي ٻئس کي جلد شادي ڪرائڻ لاءِ چيائين ته آن وقت رئيس جو منهن ڳاٽيءَ وانگر تپي بنهه لال ٿي ويو، پر نهايت ٻردباريءَ سان مور ٻي ويو. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن وري ڊاڪٽر گهرائڻ کان توبهه ڪيائون، پر حويليءَ ۾ ڊاڪٽر جون ست پيڙهيون اچا ۾ پيون ٻنبيون هيون، جنهن مڙساڻي وات نياڻي ڏيءَ جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي.

اڄ وري ۾ ساڳي حالت هئس. ٻقيس سيراندي کان هنج ۾ راحت جو مٽو رکيو ويٺي هئي.

”جيجان! تون رڙهي ويھ، آءُ ٿي سگهوريءَ وٽ ويهان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آئي ڪتل، آءٌ پنهنجن پيرن جي ڏنيءَ کي ڪيئن ڇڏيندس، هي ساهه سڪائي پانڊو وڃي ٿي آهيان سو هن جي تڪليف ته نٿي ڏسي سگهان." ائين چئي چپن ۾ ڪجهه پڙهي راحت تي شوڪاريائين. راحت جي ماءُ نٽاڻ کي مشغول ڏسي موقعو غنيمت ڄاڻيندي پلنگ تان هيٺ پير ڪسڪايا، ۽ پر واري ڪمري ۾ رئيس وٽ وڃي ڏاڍي نماڻائيءَ سان چيائين:

"سائين نياڻيءَ جو بار لاهيو ڪٿي اهڙي حالت ڏٺي نٿي وڃي، هڪڙي ته اکين آڏو اٿئون."

نٽاڻس ڪمري مان ٻُڌڪ ٻڌي ورتي، يڪدم راحت کي ڪتل جي حوالي ڪندي ڪوٺيءَ ۾ وارد ٿي، چي: "آءٌ به ته مٽن ڀائرن جي هڪڙي ڀيڻ هئس، مونکي ڪائي هڏ ڪري ڇڏيوَ تڏهن چيوَ ٿي ته اهو ڪهڙو ڄائو آهي جو ٻڪ ٻڌي وچ ۾ ويهندو؟ اسين مٽ ڀائر ڪو مري ويا آهيون ڇا؟ اسان جو هڏ چم ويٺي کاڌ، راڄ ويٺي ڪر، هاڻي پنهنجو اولاد اٿو ته سيڪ ٿو اچيوَ ته بار لاهيون. سو آءٌ به مئي ڪونه آهيان، اڃا ويٺي آهيان. تون به خوش نه ٿي ڀاڄائي ته ڪو راحت لائون لهندي ۽ تون اکين سان ڏسندينءَ، آءٌ جيستائين جيئري آهيان اهو هرگز ٿيڻ نه ڏينديس."

"ڪوهه ڪٿي جهيڙو لاتو اٿو، هاڻي ماٺ به ڪنديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪونہ. نہ تہ ڪٽي ٻاٺو مٿو ڦاڙي ٿو رکانوَ."

"جڙيل ھاڻي ٺھيو، الله کي ياد ڪر. اھا ٻاچائي اوھين رکو پاڻي ولوڙي، اڃو مٿو ٿي ويو اٿس، پر اچا پاڻيءَ جو عقل ڪونھيس ڪو." ڏياڻ ٻاءَ جو موڊ بگڙندو ڏسي ڳالھ کي ٽاھيو. اوچتو رڙ ٿي. گولي ڊوڙندي آئي : "سائڻ جلدي ھلو سڳوريءَ کي وري حساب ٿيو آھي."

"منٺيس! امان چا ڪريان ڪوھ پٺي ائين ڪرين. (ماڻس پلنگ ڏانھن چوندي وئي) آئي مونکان ويرو وڌو منھنجي نياڻي کان ڪوھ پيون وٺو."

"ٺھيو ٻاچائي ھاڻي طعنا ڪوھ ٿي ڏين، پري ٿي تون آءَ پاٺھي وچٽي ٿي ھٽائس" ڏياڻ ٻاچائي کي پري ڪندي چيو.

•

ڏياڻ ڏاڏي خوفناڪ عورت ھئي. ڳالھائڻ لاءِ سندس وات ڪجھ اھڙي انداز سان کلندو ھو جھڙي طرح ليمين نيوڙڻ واري مشين جو کلندو آھي. پوري حويليءَ ۾ سندس رعب ھو، مجال آھي جو سندس حڪم کانسواءِ ڳالھ ھيٺ مٿي ٿئي. ٻاٺيءَ کي بہ ننڍي لاڪر نپايو ھٿائين. شادي ڪرائڻ يا نہ ڪرائڻ سندس ھٿ ۾ ھئي. پر ھو شادي ڇا لاءِ ڪرائيس سندس پيري تہ نہ ڪو سوٽ ھو نہ ماسات، جو

۾ غرق ٿي وئي. گهڻي گهڻي وقت ڪانپوءِ ڪٿ تان اٿي الائي ڇو دري جا ٻئي طاق کولي ڇڏيائين. لهندڙ سج جي نرم روشني ڪيس وڪوڙي وئي ۽ سندس دل زور زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هاڻي هوءَ هرروز شام جو دريءَ جا طاق کولي ڇڏيندي هئي. تازي هوا ۽ سج جا نرم ڪرڻا ڪيس ڏاڍا وڻي ويا هئا. دل جي ڌڪڻي جيئن پوءِ تيئن گهٽبي وئي ۽ انجي جاءِ تي اطمينان ۽ سڪون اچي واسو ڪيو هو. دريءَ جي هن پر هڪ نئون رستو جڙي راس ٿيو هو جنهن تي بيشمار گاڏيون، موٽر ۽ انسان پيا ايندا ويندا هئا، پنهنجي ئي ڌن ۾، پنهنجي ئي موج ۾... سهڻيون گاڏيون... فرحتي موٽرون ۽ عجيب انسان، خوبصورت، بدصورت، ضعيف ۽ صحتمند، هر قسم جا ۽ هر عمر جا.

هڪڙيءَ رات جڏهن آسمان ۾ فقط تارا ئي تارا پئي چمڪيا تڏهن زندگيءَ جي ان وهڪري ۾ هن پاڻ کي ڪٽي اڇلايو. ڪيس ائين محسوس ٿيو ڇڻ ته سندس جسم ۽ روح تي جيڪي چانديءَ جون چمڪندڙ تارون ويڙهيل هيون اهي هڪدم ٽٽي پرزا پرزا ٿي ڪري پيون.

سائس گڏ هڪ سگهارو ۽ مضبوط نوجوان هو، جنهنجي کهري چاتيءَ ۾ منهن لڪائيندي، هوءَ ان شاهراه جي وسيع ۽ تيز وهڪري ۾ گهڻو تمام گهڻو اڳتي نڪري وئي.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مَنزِل

هر انسان پنهنجي زندگي کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن کي پنهنجي معاشري اهو شدت سان محسوس ڪرايو هو ته هو ذاتي طرح اِن لائق نه آهي جو پنهنجي زندگي ٻڌائي سگهي چاڪاڻ ته ابن ڏاڏن جي ڏتڙيل زندگي ۽ پرائي ڪرت ۾ انهن جي معاشري ۾ ڪريل حيثيت هئن آڏو ”واڳون ٿي وريام“ واري ڪيفيت جو پريشان ڪندڙ نظارو پيش ڪندي هئي. هئن کي محنت ڪش طبقي سان ڏاڍو چاهه ۽ رغبت هئي. جڏهن هو مئٽرڪ ۾ پهتو هو ته سندس سوڪس (شهريت) جي استاد جا خشڪ ۽ وار ڪانڊاريندڙ ليڪچر ڏاڍي پاڀوهه مان ٻڌندو هو، هنجو استاد جڏهن مزدور ۽ ڏتڙيل ڪلاس جي ماڻهن جي زندگي سڌارڻ جا جيڪي طريقا ۽ اُپاءَ ڏسيندو هو، انهن، هنجي ذهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ٿيل دروازن جا ڪٽ چڙهيل ڪڙا ڏڪائي ڇڏيا هئا.
هنجي نِنڍپڻ کان ئي خواهش هئي ته مزدور طبقي ۾ ڪم ڪندو. هن اهو ارادو ڪيو هو ته تعليم سان گڏوگڏ نائيٽ شفٽ ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ اپرينٽس جي حيثيت سان ڪم سکندو ۽ اڻ پڙهيل مزدورن کي پنهنجي استاد واري جذبن مطابق منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.
مِنڙڪ جي نتيجي نڪرڻ کان اڳي ئي سندس پيءُ مل ۾ مشين تي ڪم ڪندي حادثي جو شڪار ٿي ويو. هنجي خيالن جي "ڪاڪ محل" پرزا پرزا ٿي پولار ۾ پکڙجي وئي هئي. هنجي لاءِ اهو ئي هڪ رستو وڃي بچيو هو ته هو به پنهنجي پيءُ جيان مل ۾ مزدوري ڪري ۽ تعليم جاري رکي.
پيءُ جي مرڻ کانپوءِ سندس چاچي مٿانئس زور پريو ته هو جلد از جلد نيروءَ سان شادي ڪري، جيڪا سندس ننڍي لاڪو نه فقط مڱ هئي پر هوءَ سندس چاهت ۾ چريو چڪور به هو. چاچهس کيس اهو به چيو هو ته جيڪڏهن هو ترت شادي نٿو ڪري ته هو نيروءَ کي ٻي هنڌ پرڻائي ڇڏيندو. هن نيروءَ کي ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ نٿي چاهيو ۽ ويهن ورهين جي عمر ۾ هنسان شادي ڪئي. شاديءَ کي ڇڻ ورهين جو عرصو گذري چڪو هو پر هنن جو قرب ۽ چاهت اڄ به باک ڦٽي رابيل جيان نوخيز ۽ تازي هئي. هو هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪيڏو نه خيال رکندي هئي. ٽڪي لٽي جڏهن ڪم تان واپس ورندو هو ته هوءَ سندس مٿي ڏاڍي پاٻوهه مان آجيان ڪندي هئي، هن جا ڪارا گريس لڳل ڪپڙا لهرائڻ ۾ سندس مدد ڪندي هئي، ۽ مانيءَ کپو ڪوسو ڪري پٽ تي ڳوٺي وڇائي جڏهن هو گڏجي ماني کائيندا هئا تڏهن هو ٻئي پنهنجو پاڻ کي هن ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو خوش قسمت ڀائيندا هئا. نيرو سچ پچ هئي به ته اهڙي، هن جا گهنڊڙي ڪاڪل ۽ ڪنيڙي اکيون جن ۾ سدائين هن لاءِ پيار ۽ محبت جو جذبو صبح جي صاف ۽ شفاف ڪرڻن جيان جهرمر ڪندو رهندو هو.

رات جا ٻارهن وڄي چڪا هئا هن پنهنجو ڪم ختم ڪيو. مل ۾ روزانو اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بعد هن کي مهيني جي پگهار هڪ سو پنجهتر (١٧٥) رپيا ملي هئي. انهيءَ جي احساس هنجي دل ۾ ڪيترين شمعون روشن ڪري ڇڏيون هيون... جن جي چمڪ سندس چهري مان پڌري ٿي رهي هئي.

ٻاهر سخت برسات پئجي رهي هئي... هن پنهنجي پراڻي پتلون جا پائنچا مٿي ڪنجيا... چنل بوٽ جا ڪشا ٺائيت ڪيا... مل مان ٻاهر نڪرڻ مهل هن ڏاڍي شان سان هڪ نظر آسمان تي وڌي، ۽ پنهنجي منزل ڏانهن پهچڻ جو رستو ورتو... هن جي جهوپڙي شهر کان ڪافي پرڀرو هئي... هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد کان جلد پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ بيقرار هو...ڪاري ۽ ڀيانڪ رات ۾ پنهنجي دراز قد ۽ مضبوط جسم ڪري، هو ڪنهن تاريخي داستان جو بهادر شهزادو معلوم ٿي رهيو هو... خسته حال شهزادو...! هن جا گهنڊيدار وار ميينهن ۾ آلا ٿي سندس چهري تي پٽجي رهيا هئا... ۽ هو ڏاڍي بي نيازيءَ سان بار بار انهن کي جهٽڪي، پري ڪندو رهيو... برسات سان گڏ طوفان به شروع ٿي ويو... ڪوڻ زور زور سان چمڪاٽ ڪرڻ لڳي... سڄو رستو ويران ۽ سنسان هو...ڪچي زمين تي پاڻي پوڻ ڪري مٽي جي هلڪي هلڪي خوشبو هن جي دماغ کي سرور پهچائي رهي هئي... اهڙو سرور هن کي نيروءَ جي ڪارن ڪارن زلفن ڪانسواءِ ڪٿي به نه مليو هو...! ڪنوڻ جي چمڪاٽ هن جي مدهوشي ختم ڪري ڇڏي... هن کي ڪجهه خوف ٿيو... ڪٿي اها وڄ سندس مٿان نه ڪري پوي... ليڪن ڪيسي ۾ پيل هڪ سو پنجهتر رپين جو احساس هن جي روح کي گرمائي رهيو هو... هن جا ٿڌا هٿ وري گرم ٿي ويا... هڪ خوشيءَ جي لهر هن جي جسم ۾ ڊوڙي وئي... هڪ سو پنجهتر رپين جي خيال سان گڏ هن جي اکيان نيروءَ جو سانورو، مگر پر ڪشش چهرو ڦري آيو... ننڍڙن ننڍڙن ٻن ٻارن جون معصوم شڪليون ذهن ۾ اڀري آيون... هن ارادو ڪيو ته هن ڀيري نيروءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ضرور نيريون چوڙيون وٺي ڏيندو ... ڪيترن ڏينهن کان هن کي مجبور ڪري رهي هئي تہ شيشي جون نيريون چوڙيون وٺي ڏي... ليڪن فالتو پئسو نہ هئڻ سبب هو سندس خواهش پوري نہ ڪري سگهيو هو... سندس نازڪ ڪرائيءَ ۾ نيريون چوڙيون ڪهڙيون نہ سهڻيون لڳنديون .. ۽ برسات جي شپ شپ هن کي چوڙين جي ڇم ڇم ۾ تبديل ٿيندي محسوس ٿي ... هن کي ائين لڳو جيئن نيرو پنهنجون پٺي پانهون هن جي ڳلي ۾ وجهي پيار سان پڇي رهي هجي ...

”ڪيئن ٿي لڳان جاني!...؟“

”بيحد حسين ... دلڪش ... بهارن جي راڻي ...!“ هن جون بي تاب پانهون از خود وڌي ويون ... هن بي اختيار چئي ڏنو ... جيئن خواب ڏسي رهيو هجي .... هڪدم هن کي پنهنجي مدهوشيءَ جو خيال آيو .... ۽ هن جا چپ مُرڪڻ کانسواءِ نہ رهي سگهيا ... نيروءَ ۽ گهر جي تصور ۾ هن جي رفتار ڍري ٿي وئي هئي ... هن وري پنهنجي رفتار تيز ڪئي... منزل اڃان پري هئي... هن جي جسم تي پيل ڦاٽل قميص مل مان نڪرڻ وقت ئي آلي ٿي پئي ... سخت سردي هئي ... ليڪن تصورات جي دنيا ۾ گم ٿيڻ سان هن کي انهيءَ جو احساس گهٽ ٿيڻ لڳو ...... ۽ چپن تي پيل مينهن جي ڦڙن تي هو بار بار پنهنجي خشڪ زبان ڦيرائي هڪ عجيب لطف کان سرشار ٿيندو رهيو ...... هو وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچڻ لڳو... نيرو ڪيترن ڏينهن کان هن کي فلم ڏسڻ لاءِ چئي رهي هئي... ليڪن هي هميشہ ٽاريندو رهيو... هنجي دل چوندي هئي تہ نيرو کي وٺي وڃي...، ليڪن گهر ۾ ٻن ٻارن کي ڪير سنڀالي ها، ۽ گڏ وٺي وڃڻ سان انهن جي روئڻ جو انديشو هو، ۽ پوءِ ماڻهو خبر ناهي ڇا ڇا چون ها... ليڪن سياڻي ٻارن کي ٻہ وٺي ويندس... انهن کي ڪئنٽينا ۽ ڪافيون جام وٺي ڏيندس، پوءِ هو نہ روئيندا... هن دل ئي دل ۾ ارادو ڪيو...

اوچتو هڪ زوردار ۽ دل ڏاريندڙ ڌڪاءَ جو آواز بلند ٿيو... ائين محسوس ٿيو، جيئن پوري جهنگ کي باهہ لڳي وئي هجي...! هن جي مضبوط دل دهلجي وئي... هن کي پنهنجو ساهہ مشڪل سان کڄندو محسوس ٿيو...، ليڪن هن هڪدم پاڻ تي قابو پاتو... ”توبہ... ڪهڙي نہ خوفناڪ ڪنوڻ هئي...!“ هن چيو.

ڪارخاني وارو ڪچو رستو ختم ٿي چڪو هو. هن پڪي رستي تي پير رکيا... پاڻيءَ ۾ پوڻ ڪري بوٽ جو چمڙو ويتر ڇڄي پيو... هن اهو بوٽ اتي ئي ڦٽو ڪرڻ گهريو ليڪن انهيءَ خيال کان تہ شايد مرمت ٿيڻ سان ڪجهہ وقت نڪري وڃي، پاڻ سان گڏ هٿ ۾ کنيو... پڪي رستي جي ٻنهي پاسي وڏيون بلڊنگون هيون... آنهن کي ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي پاڻ جهڙن غريبن جون جهوپڙيون ياد اچي ويون ... صاف ڪشادا رستا ڏسي هن کي شڪسته حال گهٽيون ياد اچي ويون، جتي انسان جيتن ۽ ماڪوڙن وانگر گندگي ۽ تاريڪيءَ ۾ زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيا هئا ...... جتي انسان ڦاڙل ليڙن ۾ ويڙهيل زنده لاش آهن ... ائين معلوم ٿيندو هو، ڄڻڪ حالات ۽ مجبورين انهن کان بدحاليءَ جو احساس به کسي ورتو هجي ... هن جي جهوپڙي اگرچه انهن کان پري هئي، جت آبادي گهٽ هوندي آهي، ليڪن تنهن هوندي به غريبي ۽ مفلسي واريون حالتون ته ساڳيون ئي هيون. هن پاڻ جهڙن غريبن کي بيماري ۽ گندگيءَ کان بچائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. مل جي يونين سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت سان، هو ليبر ويلفيئر آفيس ۾ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ ويٺل شهر ۽ مزدورن جي حفاظت جي ٺيڪيدارن کي درخواستون لکي موڪليندو رهيو... اتي جي حالتن کان آگاه ڪندو رهيو... ليڪن انهن کي پلا ايتري واندڪائي ڪٿان آئي ...! انهن ويچارن جو ته سڄو وقت انهي غور ۽ فڪر ۾ گذري ويندو هو ته واٽر ٽئڪس، بجلي ٽئڪس، روڊ ٽيڪس ۽ ڪهڙين ٽيڪسن ۾ ڪيو ڪيترو اضافو ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان ميونسپالٽيءَ جي اوچي عمارت اڃان به بلند ٿي سگهي — ۽ مل جي چمنين ۾ اڃان به اضافو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ۔ ڪاش هو انهن ڪان ٻچي سگهي ته ... نه ... هو اڪيلي ڪجهه سوچي نه سگهيو......، ڇو جو هن کي ڪجهه پڇڻ جو اختيار نه هو... هو غريب هو... غريبن جي زبان تي تالا چڙهيل هوندا آهن ... جن جي ڪنجي سرمايه دارن جي هٿن ۾ هوندي آهي... هن ٿڌو ساهه ڀري انهيءَ ڳالهه کي فراموش ڪرڻ چاهيو.

هو فٽ پاٿ تان هلي رهيو هو... مٿان بلڊنگ مان ٽهڪن جو آواز اچي رهيو هو... هن مٿي نهاريو... دريون کليل هيون... بجلي جي تيز روشني فٽ پاٿ تي پري تائين پکڙيل هئي... نيري رنگ جا ريشمي پردا هوا جي زور تي درين تي لرزي رهيا هئا ــــــ . هو هڪ لمحو آتي شهيد هيٺان بيهي رهيو... نيرن پردن کي ڏسي هنکي نيرو ياد اچي ويئي... ”ڪاش... !“ دل جي حسرت ”ڪاش“ بنجي هن جي زبان تي آئي ... ۽ هو وري سوچڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيو......!

”هن وقت اهڙي رات ۾ هلڻ بجاءِ پنهنجي بلڊنگ ۾ آرام ڪيان ها... نيرو شان سان ڪنهن نيري چادر واري پلنگ تي سمهيل هجي ها ... ۽ ... ۽ ...“ تصور ئي تصور ۾ هو ڪنهن ٻي دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي ويو ... ٽهڪن جو آواز بلند ٿيو... ۽ آهي زور زور سان ڏنل ٽهڪ مدهوش انسانن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي رهيا هئا ... جن سان شراب جي مستي ظاهر ٿي رهي هئي ... هو هوش ۾ آيو ... ۽ حقارت جي نظر بلڊنگ تي وجهي اڳتي روانو ٿيو...

”هون... آءٌ به ڪهڙو نه بيوقوف آهيان؟“ هن پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿيندي چيو —

”منهنجي نيرو ڪنهن پاڪيزه ۽ انهيءَ کان به عاليشان عمارت ۾ رهندي ... جهڙي طرح نيرو آسمان هر شيءِ کان مٿاهون آهي، اهڙي طرح منهنجي نيرو جي بلڊنگ دنيا جي سڀني بلڊنگن کان بلند هوندي ... ۽ انهيءَ بلڊنگ جو نالو به اهڙو رکندس جو نيروءَ جي نالي سان ٺهي اچي ... ها ... "Blue Moon Villa" ... چنڊ جهڙي نيرو جي بلڊنگ لاءِ اهو ئي نالو مناسب ٿي سگهي ٿو...!“

تصور ۾ هن اڳيان هڪ اوچي نيري رنگ جي بلڊنگ ڦرڻ لڳي، "Blue Moon Villa" جا نيرا اکر انهيءَ تي ٽارن وانگر چمڪي رهيا هئا ... درين ۽ دروازن جا نيرا نيرا پرد هن اڳيان لهرائڻ لڳا ... ٽڪجي وڃڻ ڪري هن جي دل ۾ اها خواهش اڀري آئي ته جيڪر هو انهن نيرن نيرن پردن ۾ ويڙهجي سمهي پئي. پر... پر ڪيس فوراً پنهنجي پڪل ٽُٽل جهوپڙي جو خيال آيو، جنهن ۾ هڪ پراڻي کٽ، هڪ پيٽي ۽ ٻن چئن جستي ٿانون کانسواءِ ڪجهه به نه هو، هن جون اکيون پرجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيون ... هنجي مينهن ڀڳل ڇهري تي لڙڪ ڪري پيا ... اوچتو هن کي خيال آيو... گهر ۾ ته ڏيو ٻه ڪونه ٻرنـــدو هوندو... نيرو تيل آڻڻ لاءِ ڇيو هئم ۽ ڪم تي وڃڻ جي تڪڙ ۾ ڳالهه وسري وئي... اوندهه ۾ پاڻ نيرو گهٻرائجي رهيا هوندا... نيرو ته شروع کان وئي ڏڇڻي هئي... شاديءَ کان اڳ جڏهن آءٌ ۽ نيرو باغ ۾ ويا هئاسين ته اوچتو ٻرسات پوڻ تي هوءَ ڪيترو نه پريشان ٿي وئي هئي... ۽ ڪنوڻ جي آواز تي هو بي اختيار گهٻرائجي مونکي چنبڙي پيئي ۽ فوراً ئي شرم جي احساس کان الڳ ٿي وئي... مون کي سندس اها ادا ڏاڍي پسند آئي ـــ!!

هن جي رفتار ڍري ٿي وئي... خبر ناهي ڇو هن جا قدم تکو تکو گهر پهچڻ جي بجاءِ سست ٿي ويا... حسين تصور کي ختم ڪري هن وري هوش جاءِ ڪيو... ۽ ڪِريون ڪِريون وڪون کڻڻ لڳو.

"توبه آهي... مان به ڪهڙو نه بيوقوف آهيان... ڀلا اڄوڪو ڏينهن ئي رهجي ويو آهي ڇا تصور ڪرڻ لاءِ؟... هوءَ منهنجو انتظار ڪري رهي هوندي ، مون کي جلد گهر پهچڻ گهرجي..."

هن جي رفتار وري تيز ٿي وئي.... منزل قريب ٿيندي ٿي وئي... هو هلي رهيو هو... هن سان گڏ ڪڪر به هلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا ... ميٽهن جي رفتار پهرين ڪان گهٽ هئي، چنڊ ڪڪرن جي گرفت ڪان آزاد ٿي ائين ڊوڙي رهيو هو جيئن هڪ نازڪ هرڻي شڪاريءَ ڪان گهٻرائجي ڊوڙندي هجي ...

هن ڪي وري خيال آيو ته نيرو ٻه ٻار تنهائيءَ ۾ گهٻرائجي رهيا هوندا ... نيرو چلهه تي منهنجي ماني گرم ڪري رکي هوندي ... ڪيترو نه خيال رکندي آهي منهنجو ... جيستائين آءٌ گهر نه پهچان، هو جاڳندي رهندي آهي ... منهنجي انتظار ۾ ماني به نه کائيندي آهي ... ڪيترو نه پيار ٿي ڪري ...!

هن وري چنڊ ڏانهن نهاريو، هو پڇجي رهيو هو ... ڪڪر هن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ لاءِ بيتاب هئا ...

”آه! ويچارو چنڊ!!“ ... هن کي چنڊ جي حالت تي رحم اچي ويو ...

هن جي منزل چند قدمن جي فاصلي تي هئي ... آسمان تي وڏيڪ ڪارا ڪڪر چانئجي ويا ... وچون به چمڪي رهيون هيون ... چنڊ ڪڪرن جي گرفت ۾ اچي چڪو هو ... هڪ دفعو وري هر شي تي انڌيرو غالب اچي ويو. هن جا قدم رڪجي ويا ... هن جي منزل اچي وئي! ... وڄ چمڪي ... هن انهيءَ جي روشني ۾ ڏٺو ... سندس جهوپڙي ڍير ٿي رک جي صورت ۾ هن اڳيان پئي هئي ... !! ڪجهه دير پهرين واري زبردست وڄ هن جي آشياني کي هميشه لاءِ جلائي ڇڏيو ... !!!

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پُورِيءَ وَچ

”گلڻ! پٽ، هولي هولي آوين، ڪنڌي نہ لڳني“ لاباري ڪرڻ ۾ مشغول جانڻ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ايندو ڏسي پريان هڪل ڪئي...، پر جيئن ڪيس تسلي نہ ٿي هجي ۽ هو ڏاتي کي آتي ئي رکي پنهنجي پٽ کي هنج ۾ کڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو...

پيءُ کي ويجهو ايندو ڏسي گلڻ پنهنجا ننڍڙا هٿ وڌايا... ۽ پٽس قرب سان کيس هنج ۾ کڻي ڪري چاتيءَ سان لاتو...

”ابا...، تين دير ڪيون ڪيتي، ميڪون ڏاڍي بک لڳي اي...“ گلڻ شڪايت آميز لهجي ۾ چيو.

”بس جاني! باقي ٿولڙا ڪمي، اڄهو گهڙي وچ تيڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاش انب ڳڌي پيا آندان، تيستائين تون وچ راند ڪر“...

هن گلو کي سمجهائيندي چيو ۽ ڪيس ٿورو اڳيرو ڪري، واپس پنهنجي جاءِ تي اچي ڏاڍو سنڀاليائين ۽ ڪم کي لڳي ويو... ڳوٺ جا هاري مرد ۽ عورتون به هن سان پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئا ... سندن چهري تي شادماني هئي ...... ليڪن هن جون اکيون پر نم هيون، هو ڪجهه سوچي رهيو هو...

هو سوچي رهيو هو ته اڄ جيڪڏهن گلوءَ جي ماءُ زنده هجي ها ته ڪيس ٿوري به بک محسوس نه ٿين ڏئي ها... ليڪن هن کي ٽي سال ٿي چڪا هئا جو هوءَ گلوءَ کي پڻ ورهين جي چمار ۾ ئي ڇورو ڪري هلي وئي هئي...

سج مٿي تي اچي چڪو هو... گهر وڃي هن کي گلو لاءِ ماني پچائڻي هئي...

اهو سوچي هن پنهنجو ڪم ختم ڪيو ۽ پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو، جيڪا واهه جي ڪپ تي هئي...

رستي تي هن گلوءَ لاءِ انب به ورتا... ۽ تکا تکا قدم کڻندو اڳتي وڌيو.

”او گلو، گلو! ڏيک مائين تيڏے ڪاڻ انب گهر آيا هان...“ هميشه وانگر گهر جي ويجهي دڳ تي ويهي گلو کي سڏڻ لڳو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر گلو هن دفعي هميشه وانگر ڪونه آيو... هن وري به سڏ ڪيو.

”او گلڻ سگهيرو آ، مين تيڏي ڪاڻ انب گهن آيا هان ......“

گلڻ نه آيو... هن کي ڪجهه تشويش ٿي... اڳتي وڌيو... هن ڏٺو سندس جهوپڙيءَ جي ويجهو واه جي ڪپ تي پار راند ڪري رهيا هئا... ڪن وڻ ننڍيون ننڍيون وڇون به هيون جن کي هو واه تان پاڻي پياري ۽ وهنجاري رهيا هئا... گلو آنهن کي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسي رهيو هو.

هڪ پوري ننڍڙي مينهن هن کي ڏاڍي ٿي وڻي... هن جو پيءُ هن کي جهوپڙيءَ جي پرسان بيهي ڏسي رهيو هو... هن کي پنهنجي پيءُ جي اچڻ جي خبر نه پئي... گلو ڊورو اڳتي وڌيو... ۽ ڪپ تي اچي انهيءَ پوري مينهن کي پيار ڪرڻ لڳو...

”ڇوڙ ڇوڙ ميڏي مينهن ڪون هٿ نه لاءِ.“ غلامو هن جي هٿ کي، جيڪو هو پيار مان مينهن جي مٿان ڦيرائي رهيو هو اڇلي ڇيو.

هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

”روندا ڪيون هين، ايجها سڪيلڏا هين ته پيو ڪون آک چا نه، ته گهن ڏيوئي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانڻ، جنهن اهو سڀ ڪجهہ پي ڏٺو، وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا، سندس چپ، غم ۽ افسوس جي شدت کان ڏڪڻ لڳا، هن هڪدم اڳتي وڌي گلو کي هنج ۾ کنيو، ۽ پيار مان هنجي پيشاني کي چمڻ لڳو، گلو جا لڙڪ جيڪي اڃا اکين ۾ اٽڪيل هئا، شفيق پيءُ جي هنج ۾ وچڙ سانڪري پيا. هو سڏڪا پري روئڻ لڳو.

هن جي پيءُ غريبيءَ سارو سندس پرورش ڏاڍي ناز سان ڪئي هئي، ڪيس ڪڏهين بہ دڙڪو نہ ڏنو هو، اڄ پنهنجن پنجن ورهين جي ننڍڙي ڇمار ۾ هن پهريون پيرو غلامو کان چڙٻ کاڌي، اها هن لاءِ ڏاڍي ڏک جو باعث ٿي، پر هن سڏڪن تي قابو پائيندي پيءُ کي چيو: ”ابا! ميکون ننڍڙي پوري مينهن گهن ڏي.“

”نہ روءِ جاني! مين تيکون اهڙيان ڪوڙ مهين گهن ڏيسان.“ جانڻ هن جي دل رکڻ لاءِ چيو. اڄ پهريون دفعو هن کي پنهنجي غريبي ۽ مجبوري جو شديد احساس ٿيو، چار پئسا ڪمائڻ وارو جانڻ ايترا ڏوڪڙ ڪٿان آڻي جو پنهنجي پٽ لاءِ مينهن خريد ڪري سگهي.

هن دل ئي دل ۾ خدا کان دعا گهري تہ هو کيس ايترو سرمايو ڏئي، جنهن سان هو اهڙن هزارن گلڻ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهشون پوريون ڪري سگهي. پر انهيءَ مان گـڏ ڪيس
رمايه دارانه ذهنيت کان پناهه به رکي!

گلو هن جي سيني ۾ مٿو لڪائي روئندو رهيو ۽ هو
کيس دلاسا ڏيندو پنهنجي جهوپڙي ۾ وٺي آيو، گلوءَ کي
پنجيءَ تي ليٽائي پاڻ ماني پچائڻ لڳو.

* * *

ڪيترا ڏينهن گذري ويا، پر گلو جي خواهش پوري
ٿي. هو لڳو تار ننڍڙي پوري مينهن لاءِ ضد ڪندو ۽
روئندو رهيو، هو پار هو، پيءُ جي مجبورين جي هن کي
ڪهڙي خبر!

واه جي ڪپ تي ننڍڙين وڇن کي ڏسي گهڻيئي دفعا
هن چاهيو ته انهن کي وڃي پيار ڪري، پر غلامو جي
ترپ هن جي ننڍڙي ذهن ۾ نقش ٿي چڪي هئي، هو
ملول رهڻ لڳو. پيءُ جي دلاسن ۾ هن کي ڪا به اميد نظر
نه آئي.

* * *

پنهنجي سڪيلڏي پٽ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ،
ڪانه ڏاڏو پريشان هو، هن قرض وٺڻ جي ڪوشش ڪئي،
پر بکئي کي ڪير ٿو قرض ڏئي! — هن پئسا گڏ ڪرڻ
پئي چاهيا، پر ائين به نٿي ڪري سگهيو. الائي ڪيترن
رهين ۾ وڃي مينهن خريد ڪرڻ جيترا پئسا گڏ ٿين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيستائين گلو ڪيئن ڪندو! لاچار ٿي هن گلو جي ماءُ جي آخري نشاني، نٿ وڪڻڻ چاهي، جيڪا هن انهيءَ اميد تي سنڀالي رکي هئي ته جڏهن گلو وڏو ٿيندو تڏهن سندس زال پائيندي. هاڻي جيستائين گلو وڏو ٿي پرڻجي، تيستائين هو هن کي روئندو نٿي ڏسي سگهيو، ۽ سوا سو جي نٿ سو ۾ وڪڻي هن گلوءَ لاءِ ننڍڙي پوري وچ خريد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو.

*　　　*　　　*

واه جي ڪپ تي ننڍڙي سهڻي پوري وچ سان گڏ پنهنجي پٽ کي ڏسي، هن جون اکيون ٽرنديون هيون، هن جي دل چوندي هئي ته اهڙيءَ طرح ڪيئن خوش ڏسندي هن جي زندگي گذري وڃي.

پر ائين ڪٿي ٿي ٿي سگهيو. هن کي هر هلائڻو هو، زمين کيڙڻي هئي، ٻج پوکڻو هو، اهو سوچي هو اٿي کڙو ٿيندو هو.

گلو هاڻي بي حد خوش هو، سندس چهري تي سڄي دنيا جي شادماني هئي، ۽ سندس اکين ۾ فخر ۽ خوشي جي چمڪ هئي، هو پنهنجي وچ کي "پوري" ڪري سڏيندا هو، هوءَ هئي به ته پوري، سندس پيشانيءَ تي هڪ اڇو ٽڪو هوندو هو، جيڪو هن جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

ڪندو هو، سندس سنهري سنهري وار سج جي روشنيءَ ۾ سون جي تارن وانگر چمڪندا هئا، ڳلو واه جي ڪپ تي هر وقت هن سان گڏ هوندو هو، هو ڏڪندو هو ته ڀوري ۾ سندس پويان ڏڪندي هئي ۽ جڏهن هو ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پوندو هو ته ڀوري ۾ هن وٽ اچي ويهندي هئي ۽ پنهنجي زبان سان هن جا ڪن ۽ ڳل چٽڻ لڳندي هئي. اهي پار، جن جي ميٺهن ڪي ڳلو حسرت جي نظرن سان ڏسندو هو، سي هاڻي هن ڪي رشڪ جي نظر سان ڏسندا هئا... هن جي ڀوري هئي ۾ ته اهڙي، جو ساٿهن ڪي مٿس رشڪ اچي وڃي... سڄي ڳوٺ ۾ ڳلوءَ جي ڀوري جي خبر پکڙجي وئي هئي... اهڙي خوبصورت وچ ڪنهن وٽ ۾ ڪانه هئي... ۽ ڳلو کي انهيءَ تي فخر هو......

* * *

”سائين چا ٿا پڇو، بس ڪو ميٺهن جو ڀچڙو نه آهي! چڻ ته ڪا حور آهي حور! ڏاڍي ملوڪ آهي... اهڙيون ميٺهون تہ سائين جن جي وٿاڻ ۾ نہ هوندي سونهن“ ڪمدار ”ڀوري“ جي تعريف وڏيري دلدار اڳيان ڪندي چيو......

”جي ائين آهي تہ تو اسانکي ڀهرين ڇو نہ ٻڌايو؟“ وڏيري هڪ ڀروُن آڪڙ وڇان مٿي ڪندي چيو.

”سائين، ميٺهن تہ برابرملوڪ آهي پر هو وڪڻندائي ڪين“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪير ڪونہ وڪڻندو...، ڪنهن جي مجال آهي جو اسانکي انڪار ڪري سگهي“ وڏيري مڇن کي ٽرين جي سگنل وانگي ڪڙو ڪندي رعب وچان چيو.

”سائين ٻڌو اٿم تہ هن پنهنجي پٽ لاءِ ڏاڍن سورن سان ورتي آهي. ۽ پٽس جي هن سان ڏاڍي دل آهي.“

”پر آهي ڪنهن جي؟ ڳالهہ تہ ڪر.“

”سائين اهو، پنهنجو هاري آهي نہ، جانڻ، انهيءَ جي آهي.“

”ه. ه. ها... (وڏيري ٽهڪ ڏيندي چيو...) ڪمال ٿو ڪرين ڪرڙ خان! ڀلا هو ٻہ ڪو اسانکان پري آهي. سڏي اچينس تہ اسين هن وقت ئي سودو ڪريون.“ وڏيري حڪم ڪيو.

* * *

”سائين منهنجي پٽ جي وڇ سان ڏاڍي دل آهي... آءٌ هن کي ڪيئن وڪڻندس.“

”نہ جانڻ، ائين ڪيئن ٿيندو، اسان جنهن ڳالهہ ۾ هٿ وجهون، اها ڪڏهن بہ اڌ ۾ نٿي رهي سگهي.“ توکي هر حالت ۾ وڇ وڪڻڻي پوندي. وڏيري حڪم ڪيو......

”صفا ڪو بڪيو آهين، هڪڙي وڇ ڪاڻ ساهہ ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرئي... اسانجو سائين سر گهري تہ بہ حاضر ڪري ڏيونس..." ڪمدار هشي ڏياري.

"سائين رحم ڪريو— منهنجو هڪ ئي ٻچڙو آهي..."

هن ڪمدار جي ڳالهہ کي نظر انداز ڪندي چيو...

"اسين وڏيڪ ڪجهہ نٿا ٻڌڻ گهرون... واه جو اسانجي احسانن جو بدلو تو ڏين... اسين زبردستي بہ ڪري سگهونٿا، پر اها اسانجي شرافت آهي جو توکي سمجهايون ٿا..."

وڏيري کي غصو اچڻ لڳو "سائين...!" هن جو سر جهڪي ويو.

غريبي اميري اڳيان مجبور ٿي وئي... سو رهڻي بہ سودو ٿي چڪو.

ڪرڙ خان، جانڻ سان گڏ سندس گهر آيو. گلو گهر ۾ ڪونہ هو... هن جا قدم واه ڏانهن کڄيا. ڪمدار بہ گڏ هو. گلو پريان پوري کي پاڻي ٻهاري رهيو هو... جانڻ هن کان پوري وٺي ڪمدار جي حوالي ڪئي...

گلو ٻٽ تي ليٽڙيون پائڻ لڳو... ۽ روئي روئي ساڻو ٿي پيو. ٻٽس هن کي گهڻوئي سمجهايو ۽ ٻي وڇ وٺي ڏيڻ لاءِ چيو، پر هن نہ مڃيو ۽ پوري پوري ڪري، زور سان روئڻ لڳو... پوري هن کي نئي چڙڻ چاهيو... پر ڪمدار کيس زوري رسي کان گهلي وٺي هليو......

* * *



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ميڏي پوري ڪون گهن گيا، ابا؟...، ا ... ب... ا ... ميڏي پوري ولوا ڏے......“

هن کي سخت بخار هو...سندس جسم باهه وانگي ٻري رهيو هو... بيهوشيءَ جي حالت ۾ رکي رکي هن پوري جو نالو ٿي ورتو... هن جي اکين مان لڙڪ ٿي لڙيا ... هنجو ڳاڙهو گلاب جهڙو رنگ ، نرگس جي گلن وانگر زرد ٿي چڪو هو...

پريل ڪُل ڪومائجي چڪا هئا... جن چپن تي شادماني رقص ڪندي هئي اتي اداسائي ڪانسواءِ ڪجهه نه هو. هو ڳري ڪنڊا ٿي ويو هو.

هڪ رات هن جي حالت تمام گهڻي خراب ٿي وئي... هو تمام آهستي آهستي ساهه کڻي رهيو هو...ڪجهه گهڙين جو مهمان نظر ٿي آيو... پٽس ڪان اها حالت نٿي ڏٺي وئي...

هو اٿيو...... پنهنجي جهوپڙي مان نڪري وڏيري جي وٿاڻ ۾ ويو ... آهستي آهستي چورن وانگر قدم کڻندو ... وڏيري جا ماڻهو سڀ ڪُنن تي ستا پيا هئا ... هن چوڌاري نظر ڦيرائي... هڪ طرف پوري هن کي نظر آئي ... هو هن ڏانهن وڌيو... ۽ رسيءَ کي ڪلي مان کوليو ... پوري هن کي سڃاتو ۽ پنهنجو ڪنڌ خوشيءَ وچان هيٺ مٿي ڪرڻ لڳي ... چانڊوڪي رات ۾ سندس پيشانيءَ جو اڇو ٽڪو چمڪي رهيو هو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانڻ جي دل بيمار پٽ جي خيال کان ٻڏي رهي هئي...
ن کي پيو ڪو خيال نہ هو... رڳو پنهنجي ٻچڙي جي
ڌگي جو خيال هوس... هن جو هڪڙو معصوم ٻچو...
ن جي زندگي.

هو وٿاڻ مان آهستي آهستي نڪري رهيو هو... سندس
سر مان پکهر ريلا ڏيئي پئي نڪتو...سندس پير ڪليءَ مان
ل هڪ مينهن جي رسي ۾ وچي اٽڪيو... ۽ هو ٿاٻڙجي
ي ڪتر جي ڪوکي مٿان ڪريو... هن جي ڪرڻ جو زور
ان آواز ٿيو... وڏيري جا ماڻهو اٿي ڪرڙا ٿيا......
"چور... چور... پڪڙيوس... مال چورائڻ آيو آهي...
ِ اهو تہ وچي... مٿان ويو آهين..."
مختلف آواز اچڻ لڳا.

هن پوري ڪي جهلي پڃڻ جي ڪوشش ڪئي..... پر
ڪدم پڪڙيو ويو... مٿس ٿڪ لعنت شروع ٿي وئي...
وب ڏڪ هنيائونس. جانڻ بلڪل نستو ٿي چڪو هو ۽
وڏانهن پنس ۾ پوري پوري ڪري پنهنجا آخري پساهہ پورا
ڪري چڪو هو... پئي ڏينهن ڳوٺ ۾ خبر پکڙجي وئي
جانڻ وڏيري جي وٿاڻ مان مينهن چورائڻ آيو هو جنهن جي
ڌهہ ۾ ڪيس ٿي مال سخت پورهئي سان جيل ڪاٽڻو
ندو... !

—:o:—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شڪي

اسانکي هن ننڍڙي، پر نهايت ئي دلڪش علائقي
آئي ٿورا ڏينهن ٿيا آهن. هر طرف پهاڙن... مقدس ۽ سربل
پهاڙن جا سلسلا نظر نهار تائين پکڙيل آهن... مان جڏه
۽ انهن کي ڏسندي آهيان تڏهن انهن تي هڪ نور چانه
نظر ايندو اٿم. ڇهن سالن جي طويل عرصي بعد، جڏه
ٻيهر اسان هن سرزمين تي قدم رکيو، تڏهن ائين محسو
ٿيو جڻ، اهي پهاڙ اسانجي آجيان لاءِ اڳتي وڌي آيا هج
۽ هڪ شفيق ۽ مخلص بزرگ وانگر دعـــائون ڏيئي ر
هجن—ٻهريون دفعو مون ۽ شاد هڪ ٻئي کي اتي ئي ڏ
هو. حالات ڇا هئا؟ اسانجي ملاقات جو اتفاق ڪيئن ٿ
انهيءَ تفصيل سان ڪهڙو مطلب. مگر ايترو سو چونديس
اهو ڏينهن اسان هڪ ٻئي ڏانهن خاموشيءَ سان نهارينڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاريو هو پوءِ اسانجي اهائي بي زباني زبان بنجي وئي هئي.
شهر هتان ڪان پنج ميل ڪن پري آهي. ويجهڙائي ۾ ڪو اهڙو گهر ناهي. سرونٽ ڪوارٽر ۾ مالهيءَ جي زال ٿي رهندي آهي. ويچاري ڏاڍي غريب آهي. گهر جي ڪم ڪار ۾ منهنجو هٿ ونڊائيندي رهندي آهي. ٻاهريون ڪم، جهڙوڪ ڀاڄي وغيره آڻڻ، اسپتال جا نوڪر ڪندا آهن. گهر ۾ سواءِ بورچي مصريءَ جي ٻيو ڪوبه نوڪر ناهي. منهنجو روز جو معمول آهي ته صبح جو اٿي شاد کي اسپتال وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ ۾ مدد ڏيڻ، ناشتو تيار ڪرڻ، گهرداري ڪرڻ، جنهن بعد جي وقت ڪو مشغلو ڪتي ويهڻ ۽ ڪڏهن ته بس صرف سوچڻ ٿي هوندو آهي. در اصل سوچڻ به هڪ سٺو مشغلو آهي. بعض دفعا حقيقتن کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملندي آهي ۽ ائين ڪٿي ڇنجي ته حقيقتون قريب اچي ويندو آهن.

*   *   *

مان سوئيٽر ٺاهڻ ۾ مشغول هئس. ٻيڪڙيل دروازي جي کلڻ تي منهنجو ڌيان اوڏانهن ويو، ڏٺم ته راڻي آجرڪ ۾ ٻڌي سيڙهي اڪـڙي ڪڍيو بيٺي آهي. مونکي ڪل بي وئي.

”اچ، اچ، راڻي، بيٺي ڇو آهين. ڀلا اڪڙي ڪڍڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، هٿ توکي ڪير ٿو ڏسي!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇا ڪريان، بي بي.“ راڻي موڙو ڏيندي چيو.

”ماريو ڇئي تو تہ اجرڪ ويڙهي ۽ اکڙي ڪليڙ
ڪانسواءِ ٻاهر نڪتي آهين تہ ٻئي ڇنگهان ڍڪٽين سميت
جهوري ڇڏيندو مانءِ.“

”ماريو!“ مون حيران ٿيندي پڇيو. ”اهو ڪير آ راڻي؟“

”اهو ئي، مون وارو ڪنڙڪيو ڪانڌ.“

”خير تہ آهي، تون ويچاري کي ائين ڇو ٿ
ڇٿين؟“

”پيو وري ڇا ڇوانس، ڏاڍو ڏاريو آ عزرائيل.“

”ڇو ڇا ڪيو آهيس؟“ منهنجي دلچسپي وڌي.

”منهنجو رت سڪائي ڇڏيو اٿس... ڏسو ٿا، هي منهن
حال ڪهڙا ٿيا آهن.“ هن پنهنجي ڪمزور جسم ۽ ڦاٽل
ڪپڙن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”تو کي ڪهڙو ڏک آهي راڻي؟“ مونکي هاڻي ساڻ
همدردي ٿي رهي هئي.

”وڏو ڏک تہ مونکي اهو آهي تہ منهنجي مائٽن
ڪهڙو الو ڪٺو هو جو منهنجو پلئہ هن جهڙي شڪيءَ م
سان انڪائيون.“

”سمجهيم، تہ تنهنجو مڙس شڪي آهي!“

”ها، بي بي، انهيءَ سورن نہ ڪٿي اچان نہ وڃان. توه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ سو چڏيم ٿو، تڏهن به، اُجرڪ ڍڪائي ۽ منهن ويڙهڻ ڪانسواءِ نٿو چڏي. هاڻي ڪير سمجهائي ته اُن پارن جي ماٺ تي اهو شڪ نهي ٿو.“ راڻي ڳالهه پوري ڪري ٿڌو ساهه کنيو.

سون ڪيئي دفعا راڻيءَ جي مڙس پوري کي باغ ۾ ڪم ڪندي ڏٺو هو. ڏسڻ ۾ ته ڏاڍو سڌو سنئون ۽ غريب پئي آيو، شڪل جي خيال کان به ٺاهوڪو هو، سگهارو ۽ صحتمند. راڻي انجي بلڪل ابتڙ هئي، ڪمزور ڪوجهڙن نقشن واري، جنهن کي پوري جي ڏکن چاليهارو ورهين جي بدران پنجاهه جي قطار ۾ اچي بيهاريو هو. پوءِ هي شڪ ڇا جو؟ مونکي سمجهه ۾ ئي نٿي آيو. اچا راڻي پوري تي شڪ ڪري ته به ڪٿي جڳائي — پر راڻي ٺاهوڪڙي هجي ته پوءِ پوري جو شڪ به ٺهي.

مونکي گهڻي دير کان ماٺ ڏسي راڻيءَ چيو ”ڇا پيا سوچيو بي‌بي.“

”ڪجهه به نه راڻي. تون ڪيتري نه ڏکي آهين... ڪيتري نه تڪليف ۾ آهين.“

”بس دعا ڪريو ته حياتيءَ جا ڏينهڙا جلد پورا ٿين.“

”آخر پورو ايترو شڪي ڇو آهي؟ تون سمجهائينس ڇو نٿي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان ڇا سمجهايانس - هو مونکي انهيءَ لائق ئي نٿو سمجهي. ڪو به مرد پنهنجي پاڻ تي ڳالهائي ته ڏهن ۾ ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندم. هينئر توهان وٽ ايندي آهيان ته مصريءَ کي پاڻ پٽ چاڙهي آءٌ ٻه ٽانـو ڏڏاري وٺندي آهيانس. خبر پئيس ته ساڻهون وڃانس ٿي ته جيڪر ساهه ئي ڪڍي ڇڏي.“

”تڏهن ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو ٿيندو.“

”پيو وري! پلا ڏسو ته سڀ آءٌ ڪهڙي سهڻي آهيان جو مون تي شڪ ٿو ڪري.“ راڻي ناز واري انداز سان ائين چئي ٿورو مرڪي ۽ سچ ته ان مهل مونکي ڏاڍي وڻندڙ لڳي. ڪهڙو عجب جو سندس انهن نازن ئي پوري کي شڪي بنايو هجي.

”سهڻي يا ڀڄڙي جي ڳالهه ناهي، راڻي، ڪن مردن جي فطرت ۾ ئي شڪ هوندو آهي.“

اسانجي ڳالهين تي منهنجو ڪڪو پيو سجاڳ ٿي پيو. مان يڪدم اٿي وڃس ويس ۽ راڻي به وڃي گهر جي چند ڦوڪ کي لڳي.

* * *

ڇا سڀ مرد اهڙا شڪي هوندا آهن؟ مون پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو، ۽ جواب ۾ شاد جو چهرو اکيان ڦري آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر خلوص ۽ پر اعتماد. اسانجي شاديءَ کي چار سال ٿي ويا آهن، مگر سندس ورتاءَ ۾ ڪا به تبديلي نه آئي آهي. هن مون تي ڪڏهن به ڪا سختي نه ڪئي آهي. هڪ دفعو خوشيءَ وچان بي قابو ٿيندي مون کيس چيو، ”توهان مون تي ڪيترو نه مهربان آهيو.“ تڏهن چيائين، ”خدا پاڻ تي مهربان آهي.“ ۽ مان سوچيو ته ها، واقعي خدا اسان تي مهربان آهي. ڪاش هر مرد جي دل، شاد جهڙي پر خلوص ٿي وڃي ۽ هو عورت جي صحيح منزل سڃاڻندو هجي ۽ هر عورت، مرد جي وفادار بنجي وڃي ته جيڪر شڪ ڪڏهن به جنم نه وٺن.

* * *

”بي بي!“

”چؤ راڻي.“

”توهان هت ڪيتري وقت تائين آيل آهيو.“

”ٻه ٽي سال ته ضرور هونداسين. پر ڇو تون هينئر ئي اسان مان بيزار ٿي پئين ڇا؟“

”خدا نه ڪري جو مان اهڙو خيال به دل ۾ آڻيان.“

”پوءِ اڄ اهو خيال ڪيئن آيوءِ.“

”منهنجي مرضي آهي ته جيڏانهن اوهين وڃو، مونکي به پاڻ سان ورتيون هلو.“

”مونکي ته ڏاڍي خوشي ٿيندي، پر پورو تو کي ڪيئن ڇڏيندو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شايد چڙي پئي ڪٿي، ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڍي عزت ڪندو آهي. انهيءَ جو چوڻ ڪونه ٽاريندو. ٻار به ڪو ننڍڙا ڪونهن. پاڻهي گهر سنڀاليو ويٺا هوندا. آءٌ به پئي ايندس منهنجي توهان سان ايتري دل ٿي وئي آهي جو چڙڻ ڏکيو ٿو لڳي.“

راڻي جي ايتري محبت ڏسي قدرتي طرح منهنجي دل ۾ محبت سان پرجي آئي ۽ مون کيس آسرو ڏنو ته وقت اچڻ تي ڪوشش ڪنديس.

* * *

شاد جي اچڻ جو ٽائيم هو، مان رڌڻي ۾ هن لاءِ گجرن جو حلوو تيار ڪري رهي هئس. مصري ڪم سانگي ٻاهر ويل هو. صرف مان ۽ راڻي گهر ۾ هئاسين.

”بي بي، مصري ڪم جو سٺو ٿو ڄاڻجي.“

”ها، چڱو ڪم ڪندو آهي.“ مون ديڳڙيءَ ۾ ڏوئي گهمائيندي وراڻيو.

”توهانجي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڍي تعريف ڪري رهيو هو.“

”هرو ڀرو!“

”بس، توهانکي ڏاڍيون دعائون پئي ڪيائين، چيائين پئي ته مان سندن ٻار نپائيندس، در جو غلام ٿي رهندس جيڏانهن به وڃن مونکي وٺي وڃن منهنجو ڀاڻ خيال آهي ته جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهين وچو تہ هنکي بہ پاڻ سان کڻجو.“

”ڪهڙي ضرورت آهي راڻي؟ جتي ويندا سين سرڪاري نوڪر تہ اسانکي ملندا. پوءِ اجايو ڪنهن کي ڇو کڻون.“

”اهڙا ماڻهو ملڻ، مشڪل هوندا آهن. وڏي ڳالهہ تہ توهان پنهنجي جون ساراهون ٿو ڪري.“

مونکي راڻي جي اها ڳالهہ نہ وڻي جو هوءَ گهڙيءَ گهڙيءَ ”ساراهہ“ جو اکر چئي مونکي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سون ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو.

* * *

مان ۽ پپو لان تي ويٺا شاد جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. منهنجي نظر پريان پوري تي پئي، جيڪو ڇپر ڪتري رهيو هو. مونکي ڏسي اکيون هيٺ ڪري پي پاسي هليو ويو. ڏاڏو شريف معلوم ٿي رهيو هو. راڻيءَ جي ڳالهين تي يقين ئي نہ پئي آيم. خيال ڪيم تہ شڪي آهي تہ اسانجو انهيءَ سان ڪهڙو واسطو اهو سندن گهريلو معاملو آهي. پر شاباس هجي ويچاري کي جو اسانتي اعتبار ڪري راڻي کي ڇڏيو اٿس. پر هوءَ تہ مصري جي سامهون اهڙي آهي. انهيءَ ڏينهن چئي رهي هئي تہ اگر پوري کي اها خبر پئي تہ ساهہ ڪڍي ڇڏيم. پاڻ ڪيتري بہ شريف ڇو نہ هجي پر اسان تي جيڪو اعتبار ڪيو اٿس مونکي انجو احترام ڪندي راڻيءَ کي روڪڻ گهرجي تہ هاڻي مصريءَ جي سامهون وڃڻ جو ڪوبہ ڪم ناهي. جنهن صورت ۾ تنهنجو مڙس اهڙي اجازت نٿو ڏئي، تنهنجو فرض آهي تہ ان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واريءَ سند وکوٽ

اڄ زينت جي گهر ۾ سانت لڳي پئي هئي، رڳو رکي رکي سندس ڪوٺيءَ مان هُنَ جي آواز جا سنهڙا سنهڙا سڏ ڦٽي رهيا هئا. هوءَ پلنگ تي اڌائي مٿي ڳوڻ وانگر ائين ليٽي پئي هئي جيئن ڪانٽي تي ڪا وزني شيءِ تورڻ لاءِ رکي هجي. سامهون سندس ڪچ رڻ جهان ڏڪاريل جسم جهڙو مڙس الھ ڏنو، جنهن جي مجموعي تور ڏيهن سيرن کان وڌ نه ٿيندي، سو حڪم جي ٻندي وانگر ڪاغذ تي پنهنجي زال جون فرمائشون لکي رهيو هو.

الھ ڏنو هو ته ٺيڪدار پر منجهس ٺيڪيدارن واري چُستي ۽ چالاڪي ٻنهي نه هئي. قد هيڪاندو ڊگهو، بدن اهڙو سنهڙو ۽ ڪمزور جو تيز هوا جو جهوٽو به هوند ڪيس اُڏائي وڃي ... طبيعت ۾ گهڻي حد تائين يتيماڻي هئس، ايتري تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش هئي. اها عزت افزائي هن لاءِ ڪا گهٽ هئي، جو چاچيس سنڌس سگهڙائپ مان خوش ۽ مطمئن ٿي گهر جون سموريون ذمہ داريون مٿس وجهي ڇڏيون هيون... هوءَ سڄو ڏينهن گڏهہ وانگر ڪم ڪندي هئي. ڪپڙن سڀڻ جي مشين هلائڻ، استري ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، سوڙون ۽ رليون سبڻ کان وٺي، ٻهاريون، پوچيون ڏيڻ، ڪٽڪ چنڊڻ، چانور چونڊڻ، مصالا ڪٽڻ ۽ ٻارن کي وهنجارڻ سنهجارڻ جا سڀئي ڪم سنڌس ذمي هئا. ڪنهن نوڪر جو ڪم ڪيس وڻندو بہ نہ هو، بس رڳو گهر ۾ هڪ ئي نوڪر هئو جيڪو بورچيءَ جو ڪم ڪندو هو. اڳ جو ايترو پئسو نوڪرن ۾ ظايع ٿيندو هو تنهن جي هاڻ بچت ٿي وئي هئي. ڪيس تہ پگهار ڏيڻ جو سوال ئي نٿي اٿيو، ٻيلا مائٽن کي پگهار ڏيئي ذليل ٿوروئي ڪبو آهي؟ ها۔ عيد برات تي چاچي ۽ چاچيس کي مبارڪ ڏيڻ جو اجورو ڪيس چاچيءَ کان ٻہ ۽ چاچي کان پنج رپيا ملي ويندو هو ۽ ڪنهن نوڪريائيءَ وانگي بي‌بي يا صاحب چوڻ جي بجاءِ ڪيس ”چاچا“ ۽ ”چاچي“ چوڻ جو فخر حاصل هو. هڪ دفعو هن جي ذهن ۾ خيال آيو ”ڪهڙي خبر چاچيس سنڌس سگهڙائپ مان خوش ٿي ڪيس ڪريم جي ڪنوار بڻائي ڇڏي.“ پر جڏهن ڪريم ولايت وڃڻ کان اڳ سيٺ قاسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي جي راڻي، آءُ مري وڃي آهيان جو تو کان ڌار رهندي بيماريون ــ؟ نوڪرن جي هوندي سوندي تون ڇو ڪم ڪرين؟“

”پوءِ ڇا آهي امان، چاچيءَ جي گهر به ته ڪم ڪندي هئس، ۽ هي ته منهنجو پنهنجو گهر آهي، مونکي ته نوڪرن جو ڪم وڻي ئي ڪين.“ زينت ننڍي نينگريءَ ڪنوار جيان شرمائيندي خوشي کان ٻلهار ٻلهار ٿيندي چيو.

”آئي امان، تنهنجا دشمن ڪم ڪن، منهنجو الله ڏنو ڪو سچو آهي ڇا ــ مولا جو ڏنو سيڪي آهي تو لاءِ سو ٻانهيون رکجن تڏهن به ٿوريون. ڇري نه ٿيءُ منهنجي راڻي، سڪيلڌي! منهن ڌوئي پلنگ تي ٿي ويهه مڙسهين جي اچڻ جي مهل ٿي آهي. ڇا چوندو ــ“ سسٽس سر تاپا پيار ٿيندي چيو. زينت مشڪي ٻهاري رکي ڇڏي. پوءِ اهڙا گهڻئي موقعا آيا جنهن ۾ سسٽس کي ڪم ڪندو ڏسي زينت وٽس ادب مان ڊوڙي ويندي هئي، پر هوءَ هميشه جيان کيس راڻيءَ بادشاهزاديءَ جا لقب ڏيئي ڪم کي هٿ نه لائڻ ڏيندي هئي. نتيجو اهو ٿيو جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ زينت جا سنڌ سڪي ويا ۽ ڪانئس ڪو ڪم نه پڄندو هو. غيرمعمولي اهميت ۽ ڏيان ملڻ ڪري هو پنهنجي ليکي پاڻ کي سچ پچ انگلينڊ جي راڻي سمجهڻ لڳي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوا نه ڏا ڪرايوس؟ مان ته پنهنجي آهيانوَ ڪهڙا ٽڪا خرچ ايندوَ ڪو ڪاڙهو ٻاڙهو پياريوس، ڪا سٽي ڦڪي ڏيوس ته عضوا ڪُلي پونس. من ڪا مولا سٺائي ڪريوَ. گهر جي سونهن ته هوندي ئي ٻارن سان آهي. الله ويچاري الاني کي ڪو اولادي ڪري.“ دائي هاسڪاري زينت جي ڪمري ڏانهن منهن ڪندي زور زور سان چوڻ لڳي.

”اميدواري- ڪاڙهو ٻاڙهو- سٽي ڦڪي- عضوا!“ دائيءَ جي اکرن، طوفاني واچوڙي وانگر زينت جي ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏيو. ”مان پنهنجي آهيانوَ ڪهڙا ٽڪا خرچ ايندوَ.“ زينت جو خيال دائي جي انَ لفظن ڏانهن ڪجي ويو، جن مان ڪيس لالچ جي بوءِ پئي آئي. هن هڪ دفعو ٻيهر ٿڌو ۽ اونهو ساهه کنيو، پر هن دفعي سندس ساهه ۾ اطمينان هو.

”اها! واحد جي زال، ڪتو دائي آئي هئي. ڪنوار لاءِ ڪاڙهي ڏاهڻ جو چئي وئي آهي. مون ته حامي ڪونه ڀريس؛ ڏاڍو پنهنجاٿپ مان زور پئي ڀريائين. چيائين ته رکو ست ڏينهن، نيراني هانءِ منهنجو ڪاڙهو پيئي، جي ٻار نه ٿئيس ته منهنجو نالوڪتوءَ دائي مان ڦيرائي... رکجوا مون چيومانس ته پٽ اڃي ته ان ڪان ٻچي توکي ٻڌائيندس“ الهڏني جي گهر ۾ گهرڻ شرط، ماڻس کيس ڪتوءَ دائي جو قصو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو. ”امان! گهر جي وڏي تون آهين... پيو ته اهي زالن جا ڪم آهن، مان ڇا ڄاڻان ڪاڙهڻ مان... جيئن وڻئي تيئن ڪر—“ الهڏنو ائين چوندو، اڳ ۾ مان صفحي ۾ اچي ويٺو. ”پلا ڪاڙهي پيئڻ سان زينت کي...“ الهڏني شرم کان يتيم ۽ مسڪين صورت ڏاهيندي جملي کي ائين ڪيٽ ڏني، ڄڻ نڙيءَ ۾ ڪو ڪنڊو ڦاسي پيو هجيس. ”ابا! ڪتوءَ دلداري ته ڏاڍي پئي ڏني پوءِ به مولا جي هٿ وس آهي.“ ماڻس ڏاڍي نراسائي مان، سندس مطلب سمجهندي چيو. ”چڱو! چڱو!“ الهڏنو ائين چوندو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙڻ لاءِ اٿي وڌيو. ”ڇا هي چڱو چڱو؟ ماسيءَ ڪتوءَ ڪنهن کي ٿي دلداري ڏني؟“ زينت سموري مام کي سمجهڻ جي باوجود به هاسڪاري انجاڻ ٿيندي پڇيو. ”نه نه ڪا ڳالهه نه آهي.“ الهڏني زال کي پانهن کان وٺندي اندر ڪمري ۾ داخل ٿيو.

* * *

ٻئي ڏينهن ڪي مهل، الهڏني اچا پاسا پئي ورايا ته، ٻاٿ روم مان، الٽي ۽ اوڪارن جا آواز، زور زور سان سندس ڪنن تي پيا. هُو حيرت ۽ خاموشيءَ سان، منهن تان چادر لاهي هنڌ تي ئي اٿي ويٺو. ”امان! امان! خير ته آهي؟ ڪير ٿو الٽيون ڪري؟ زينت ته نه آهي! ڇا سندس طبيعت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳي— الهڏنو ڳالهہ کي نہ سمجهندي بہ واچون کنڊريندو اڳتي وڌي ويو.

زينت فقط هڪ سال جي عرصي ۾ چالاڪ نوڪرياڻين ۽ اوڙي پاڙي جي زالن سان اٿڻ ويهڻ ڪري ڏاڍو تجربو حاصل ڪري ورتو هو. سندس پانهپ واري زندگي جي غير شعوري طور سان گذاريل عرصي، هن جي تحت الشعور جي بند ڪڙڪين کي کولي ڇڏيو هو— هوءَ هن وقت اها زينت نہ هئي جيڪا ٢٤ ڪلاڪ مشين جيان گگدام ٻڌجي ڳهندي رهندي هئي— ڪالهوڪي زينت ۽ اڄوڪي زينت ۾ زمين-آسمان جو فرق هو. ڪالهوڪي زينت هڪ ٻانهي هئي ۽ اڄوڪي زينت هڪ گهر ڌياڻي ۽ خود مختيار. هن جي زندگي جا ٻئي دور هن لاءِ هڪ ڏوس تجربي جي صورت ۾، سندس حوصلي ۽ شعور کي وڌيڪ پختي ۽ پڪي ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا— هوءَ ڪنهن ڪتوءَ دائي جي ڪاڙهي وغيره پيئڻ کان اڳ ۾ ئي ”اميد“ سان ٿي پئي هئي. الهڏنو ۽ مائس، سندس مڪر کي حقيقت سمجهي، متاثر گهور گهور پئي ٿيا.

”امڙ زينت اٿي ڪجهہ پيٽ ۾ گرهڙ تہ وجهہ، رات کان نيراني آهين.“ سسٽس ڏاڍي پاپوهہ مان کيس مخاطب ٿيندي چيو. ”امان بک تہ جهجهي اٿم پر نڙيءَ مان ڪا شيءِ هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو سيڪي ٿي ڪيو جيڪو ڪنهن جي وس ۾ ئي نه هو ــــ الهڏنو ۽ سنڌس ڪوٺار ڪالو سڄو ڏينهن، زينت طرفان لکايل فرمائشن جي لسٽ ۽ چليون هٿن ۾ جهليو بازار ۾ رلندا وتندا هئا ـــ الهڏنو ۽ ماڻس، پٽ ۽ پوٽي جي تمنا ۽ آس ۾ ايڏو ته پري نڪري چڪا هئا جو انهن جو پٺتي موٽڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو هو... پر ٿن مهينن جي هڻ هٽان ۽ ڪشمڪش ڪانپوءِ سنڌن اميدن جو گهڙو ٺٺي پرزا پرزا ٿي پيو ـــ زينت هفتو کن ڇاڇيءَ وٽان خير سان گذاري جيئن پنهنجي گهر موٽي رهي هئي ته سنڌس ٽانگو قبرستان جي پٽ واري رستي خراب هئڻ ڪري، قبرستان جي وچ واري ڪچي رستي کان هلڻ لڳو ۽ سنڌس گهر پهچڻ تي هوءَ ٿان ڪري اچي پٽ تي پئي ۽ سيني جي اميدن جو حسين تاج محل گهڙيءَ جي گهاڙي ۾، پرزا پرزا ٿي هوا ۾ تحليل ٿي ويو.

"مئي خميسي کي مار پوي... ڪهڙي کٽي کنيو هوس جو ماڻهو واري قبرستان مان ٿي لنگهيو... سنڌس گهوڙي جي چنگهه پڇي." الهڏني جي ماءُ، زينت جي پار ڪرڻ ۽ بيمار ٿيڻ تي، خميسي ٽانگي واري کي هٿ کٽي پئي رهي هئي. پر الهڏني ته پنهنجي دوست جمعدار بخشڻ کي چئي سنڌس ٽانگي جو ڪوڙو چالان به ڪرائي ڇڏيو هو.

زينت جي ڪوڙي ڪهاڻي جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي • پر دائي ڪتو، جنهن در در تي جتي گسائي هئي، سڄي مام ڪي پروڙي ورتو، پر هوءَ مات هئي. زينت جنهن اڳ ڪيس ليڏيءَ اڪ سان به ڏسڻ نٿي چاهيو انجي ”ماسي ماسي“ واري ورد، ڪتوءَ ڪي خاموش ڪري ڇڏيو هو. زينت ان مات جي قيمت به تہ ادا ڪري رهي هئي... ڪتو، جنهن ڪي هو لالچڻ سمجهي در تي بہ نہ سهندي هئي، اها اڄ سارو ڏينهن سندس پانهيءَ سان لڳي ويٺي هوندي هئي ۽ زينت بہ ڪڏهن ڪليو ڪلايو تہ ڪڏهن لڪ چپ ۾ ڪيس، مالڪ جي تيلن ۽ ستين ڦڪين آڻڻ جي بهاني سان ڳريون ڳريون رقمون ڏيندي رهندي هئي. وقت جي تقاضا ۽ مصلحت جي ڪري ٻئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي چپ هيون. زينت جو علاج ٿي رهيو هو ۽ هو هوريان هوريان مڪمل طرح سان صحتياب ٿي رهي هئي. الهه ڏنو ۽ ماڻس بہ ڏاڍا خوش هئا...... هو ٻئي ڇٽان زينت سوڌو، ڪتو دائيءَ جي علاج مان مطمئن ٿي ڏٺا —

اڄان سوا مهينو ڪن بہ ڪونہ گذريو تہ وري زينت تي الٽين ۽ اوڪارن جو دورو پيو. اڄ ٻيو مهينو شروع ٿي چڪو هو جو ڪيس ”ڪنديون“ نہ آيون هيون. هوءَ، جا هنڪان اڳ، جنهن اداڪاريءَ سان پنهنجي مهيني واري تڪليف کي لڪائيندي ٿي آئي اڄ خود بہ ڏاڍي خوش هئي، ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورهن آنا پڪ هئي ته هوءَ اُميد سان آهي، پر سندس ڪن انهيءَ خوشخبري جو اعلان ڪتو دائيءَ جي واتان ٻڌڻ جا منتظر هئا.

هوءَ جڏهن فخر سان گنبد جهڙو پيٽ ڪڍي ڪتو دائيءَ اڳيان سنئين ٿي ليٽي تڏهن هوشيار ۽ زيرڪ دائي چپن ئي چپن ۾ مرڪندي رهي. پيٽ کي هٿ لائڻ سان ئي ”اندر جي احوال“ جي پوري پروڙ پئجي ويس. سمجهي وئي ته رن ڪراڙ ٿي وئي آهي، وهي چڙهي وئي اٿس ۽ ڪيس ڪنهن معجزي يا ڪرامت سانئي پار ٿي سگهيو ٿي... باقي ڪنهن ڪاڙهي ستي ڦڪي ۽ ”دوهتي مالش جي ڪا جاءِ ئي نه هئي. پر هوءَ خاموش هئي، سندس روزگار اوج تي هو... ٻلا هن دور ۾ هيڊ ۽ ڦڏڪي لڳڻ ڪانسواءِ ئي ڪير ٿو چوکو رنگ چاهيندو. پئسي جي لالچ ۽ پيٽ جي ٻاهر تنهن هڪدم اعلان ڪيو ته: ”اسڙ ڪارڪ جيڏو ٻار ٻيٺو آهي... ! ڪمزور ٿو پانئجي ڏٺي پيو خير ڪري...“

”ٻلا ڪو ڦوٽو ٻوٽو (ايڪسري) ڪڍرائجيس ماسي؟“ الهه ڏني دانائيءَ جا ٻول ٻوليا.

”نه ابا، اهي ڪوڙيون ڳالهيون، ڪوڙا ڪم، ماريا قدرت جي ڳجهه ۾ ٿا هٿ وجهن! متان اهو ڪفر جو ڪم ڪيو اٿئي!“ دائي ڪتوءَ ائين ڳالهايو ڄڻ ڪنهن نڙيءَ تي نشتر رکيو هجيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير سان زينت جي اُميد واريءَ کي ٻارهون مهينو هو مگر اڃان تائين ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو هو. اوڙي پاڙي جي زالن ۾ اڪثر ستُس پس ٿيندي هئي. ڪن اهو شڪ ڏيکاريو تہ ممڪن آهي گهوڙيءَ جي اوبر ڪاڏي هجيس ۽ ڪن وري اهو شڪ ڏيکاريو تہ ٻار سُڪي ويو اٿس. الهہ ڏنو پريشان هو. ڪراڙي، پوڻيءَ يا پوڻي جي چمن ڪان اڳ ۾ ئي دم جي مرض سانگي فوت ٿي چڪي هئي. ڏاڏي ڪا بي صبري هئي.

”آها! ڏاڏي جي ڪم ۾ وار آڇا ڪيا آٿر، روئن تنهنجا دشمن! تون ڇو پاڻ کي ڳارين! اهڙي ڪاهہ ڳالهہ نہ آهي، جوٺهين جو ٻار سڪي ويو آهي. بس اهڙي ئي دوا ڏيانس جو وينو تماشو ڏس. آهي تہ سڀ مولا جي هٿ وس ستين سال بہ ٻار ساوا ٿيو وڃن ... منهنجو نالو بہ ڪتو ڏاڏي آهي ٻار سائو نہ ٿئي تہ ......“ ڪتوءَ، الهہ ڏني کي پريشان ۽ روئندو ڏسي دلداري ڏني.

زينت کي بہ جيتوٺيڪ ٻڪ ٿي چڪي هئي تہ ڪيس ڪوءِ ٻار ٻار ڪونهي پر ڪتو ڏاڏي اڄ ڪانئس گوءِ ڪٽي ويٺي هئي.

”ستين سال بہ ٻار سائو ٿيندو آهي ... رکي رکي اهڙ اڪر سنڌس ڪنن ۾ پڙڻ لڳا — هن جي دل کي ڪڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئت مليو ـــ هن کي پنهنجو مستقبل روشني ۽ تاريڪيءَ جي چو واٽي تي ڦيريون پائيندو نظر اچي رهيو هو. هن زور سان پنج سيري ِمسئيءَ کي جهٽڪو ڏيئي تڪليف ڏيندڙ خيالن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنڌ کي وهاٽي تي لاڙي ڇڏيو.

اڄ هڪ دفعو وري زينت جي گهر ۾ چپ چپاٽ ۽ سانت لڳي پئي هئي، رڳو رڪي رڪي سندس ڪوٺيءَ مان سنهڙا سنهڙا سڏ ڦٽي رهيا هئا. هو پلنگ تي اداڻي مٿي ڳوڻ کان ٻه وزن ۾ ڪجهه سَرسُ، اڻين ليٽي پئي هئي، جيئن ڪانٽي تي ڪا وزني شيءِ تورڻ لاءِ رکي هجي. سندس ڪچ رڻ جيان ڏڪاريل جسم جهڙو مڙس جنهن جي مجموعي تـور ٽيهن سيرن کان ٻه گهٽو گهٽ ٿي چڪي هئي سو حڪم جي غلام وانگر، ڪاغذ تي پنهنجي زال جون فرمائشون لکي رهيو هو.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوڊا واٽر

”سنڌي ادب ترقي ڇو نٿو ڪري؟ ڇو نٿو ڪري!
ساڳيو سوال ڪيئي دفعا نظرن کان گذريو آهي مگر ڪنهن
ان تي ٿڌي دل سان غور ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي
سان چوان ٿو آخر ادب ترقي ڪيئن ڪندو؟ جڏهن اسين
پڙهيل ڪڙهيل نوجوان ان لاءِ ڪجهه به نٿا ڪريون. هڪ
ڏسو، اڄ به ساڳيو ئي بحث شايع ٿيو آهي ته سنڌي ادب
ترقي ئي نٿو ڪري.“ ڪمري ۾ گهڙندي ئي سعيد
اخبار دوستن ڏانهن وڌائيندي پرجوش لهجي ۾ چيو.
”مگر ڇا ٿيو، تو کي ان جو خفقان ڇو لڳو آهي. اهڙ
بحث ته هميشه کان ئي شايع ٿيندا رهندا آهن، هڪ طر
سان ائين سمجهه گهرجي ته پنهنجي پڙهڻ لاءِ لکيا ويندا آهن
ماڻهن تي رعب جو رعب پوي ٿو ۽ رسالي جا صفحا به خ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اسان سنڌي نوجوانن جو ذهن ته صلاحيتن سان مالا مال هي مگر اسان ۾ سستي گهڻي آهي ۽ عمل جو مادو پڻ گهٽ آهي جيڪڏهن اهو هجي ته، الائي ڇا ڪري ڇڏيون، سچ پچ الائي ڇا ڪري ڇڏيون!" "مگر تو ۾ ته علوم ٿي رهيو آهي ۽ تون اسان ۾ به ته پيدا ڪري رهيو آهين." "خدا تنهنجي زبان مبارڪ ڪري آءٌ هڪ ڇٽو ڇا وڪري سگهان، جيستائين توهان منهنجو ساٿ نه ڏيو."

"مان ته تيار آهيان."

"پوءِ ٺيڪ آهي، پنهنجا دوست وغيره به گهڻيئي آهن، ضرور ساٿ ڏيندا، منهنجو خيال آهي، هڪ اهڙي مجلس جو پايو وجهجي، جنهن ۾ اديب پنهنجا مضمون وغيره پڙهن ۽ وءِ انهن تي تنقيد ڪئي وڃي ۽ هر پندرهين ڏينهن اهڙي مجلس ڪوٺائي وڃي." "پر يار اهڙيون مجلسون ته گهڻيئي ڏٺجن ۽ ڏسجن پيون، جن مان ڪو ڪڙتيل اچا تائين ته نه نڪتو آهي، پنهنجي مجلس جو حال اهڙو نه هئڻ گهرجي، جيئن ڪي جوان جوش ۾ اچي جهٽ پٽ هڪ رسالو ڪڍي، ماڻهن کان چندا وغيره وٺي ائين غائب ٿي ويندا آهن، ڄڻ انهن جو اڳ ڪو وجود ئي نه هو." "خدا نه ڪري جو پنهنجي مجلس جو اهڙو حال ٿئي، پنهنجي مجلس انهن کان مختلف هوندي. پاڻ هڪ مثال قائم ڪنداسين." "اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال اُهي سياٽي ۽ تون انهيءَ ٽائيم تي ئي مون وٽ هليو اچجانءِ." "ٺيڪ آهي، چڱو خدا حافظ." "خدا حافظ."

*　　　*　　　*

"اچ سعيد اچ! مونکي تنهنجو ئي انتظار هو." ظفري سگريٽ "ايش ٽري" ۾ ڦٽي ڪندي چيو. "پروگرام لاءِ تيار آهين نه؟" "پروگرام ته انهيءَ ڏينهن ٺاهي چڪا هئاسين باقي اعلان بابت مضمون ضرور ٺاهڻو آهي." "انهيءَ لاءِ ئي ته چٽي رهيو آهيان." "پوءِ ديرچا جي؟" "پهرين اهو ٻڌاءِ ته تو ڪالهه ڪنهن ڪنهن کي في الحال ان مجلس جو ميمبر بنائڻ لاءِ چيو آهي؟" "پنهنجن دوستن جي ڪا ڪميٽوري آهي، هر معاملي ۾ پنهنجو ساٿ ڏيندا، باقي مجلس جي ڪارڪن ۾ في الحال ٻه نالا يعني تنهنجو ۽ منهنجو نالو ڏيڻ ئي ڪافي آهي." "اها به درست ڳالهه آهي. پر اج ئي ان مجلس بابت اخبار ۾ اعلان ڪرائڻ گهرجي." "ضرور. مگر ٺاهوڪو." ظفري معنيٰ خيز نظرن سان چيو. "ها، جيئن پڙهن ۾ به همت ۽ جوش پيدا ٿئي — چڱو اَءُ ٻڌايان ٿو ته. تون لک..................

گهٽي وقت کان سنڌي ادب جي ترقي لاءِ مضمون شايع ٿي رهيا آهن ، پر اج ڏينهن تائين ان ڏس ۾ همت جوڳو قدم نه کنيو ويو آهي. ان ڪمي کي شدت سان محسوس



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

ڪندي اسين ”ادبي مجلس“ قائم ڪري رهيا آهيون. اميد ته عوام اسان سان پورو پورو...“ ”اوهون.“ ظفري ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي نفي ۾ ڪنڌ لوڏيو. ”ائين ٺوروئي؟ مون چيو ته ڪو ٺاهوڪو اعلان.“ ”ٺاهوڪي مان ڀلا تنهنجي ڇا مراد آهي؟“ ”اهو به نٿو سمجهين! تڏهن تو سنڌي عوام جي ذهنن جو مطالعو ئي ناهي ڪيو؟“ ”ڪيئن!“ ”يار سادي سودي اعلان مان ڪجهه نه ورندو، پنهنجو تعارف ڪجهه اهڙي ”پرڪيلي“ انداز ۾ پيش ڪرڻ گهرجي، جيئن عوام فوراً متاثر ٿئي. ٻي حالت ۾ اصل ڪجهه ڪونه ٿيندو. آخر اسين به جو هيتري محنت ڪنداسين تنهن مان ڪنهن کي خبر به پوي نه، ته اسين ڇا آهيون.“ ”هون... پوءِ...“ سعيد جي چهري تي سوچ ۽ فڪر جا ليڪا گهرا ٿيندا ويا. ”پوءِ اهڙي طرح اعلان ڪجي جيئن هو واقف ٿين ته اسين واقعي گرمجوشي سان خدمت ڪري رهيا آهيون.“ ”ٺيڪ آهي.“ مگر رڳو نالن مان ڪجهه ٺوروئي ٿيندو، ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته پوڙها آهيون يا جوان.“ ”ضرورت رشتي لاءِ اشتهار ٺوروئي ڏيڻو آهي.“ ”اوهو... ڪمال ٿو ڪرين يار تون، عوام جوانن جي هر ڳالهه کي گهڻي اهميت ڏيندو آهي. پوءِ چاهي انهن ۾ ڪا صلاحيت ئي نه هجي.“ ”پر پاڻ ۾ ته خير سان گهڻيئي صلاحيتون آهن.“ ”مگر سمجهدار طبقو ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي غار مان بيدار ڪري، سنڌي ادب ڪي ترقي ڏيارڻ لاءِ، هنن نوجوانن پاڻ پتوڙيو آهي ... وغيره وغيره."

"وڏيڪ سلسليوار آهي لکڻ مهل پاڻهي ڪري ڇڏيندس رکو ايترو پڌاءِ ته ڪيئن ٿو لڳي؟" "ٺيڪ آهي، هاڻي رکيو اعلان ٿي وڃي، ان بعد، باقاعدگيءَ سان اهو سلسلو شروع ڪنداسين." "انشاءَ الله! خدا پنهنجي مدد ڪندو!"

*  *  *

"يار مبارڪ هجيئي! اج اخبار ۾ اعلان اچي ويو!! بس جيڏانهن وڃان ڇوڪرا ورايو وڃن ته ڪڏهن ٿا محفل جو ڪم شروع ڪريو ۽ چئني پاسي ڪان مبارڪباد جو زور لڳو پيو آهي. هتي ڪاليج گرلس، جي ڪڏهن ڪاليج ۾، اک کڻي به نه ڏسنديون هيون، اج انهن به اهڙن نظرن سان پئي ڏٺو ڄڻ وڏي ڪا سوپ ڪئي هجيم" سعيد مشڪندي مگر قدري سنجيدگيءَ سان چيو.

"ها، آخر گهٽ ڳالهه ٿوري آهي. انهيءَ اعلان سان توکي خبر آهي ته پنهنجو نالو ڪيترو مشهور ٿيو هوندو. مئني ايڊيٽرن به لازمي طرح اهي اخبارون پڙهيون هونديون ۽ ڪن ڪڙا ڪيا هوندائون. ادبي حلقي سان دلچسپي رکندڙن به اعلان ضرور پڙهيو هوندو، ۽ جيڪي پاڻ کي نه سڃاڻندا هوندا تن به اج سڃاڻيورتو هوندو ته اسين به اديب آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ اعلان پڙهڻ سان ايڊيٽرن تي بہ ضرور رعب پيو هوندو ۽ منهنجا افسانا هاڻي موٽنڪي واپس نہ ملندا. مطلب تہ ان اعلان زندگي ڦيرائي ڇڏي!" ساڏن ٽن انچن جي مسڪراهٽ هن جي چپن تي ڦهلجي وئي، ڇا مجال جو هڪ ملي ميٽر جو بہ فرق هجي.

"بس! هاڻي رڳو عمل جي دير آهي، اڄ ٻهرين تاريخ آهي، ١٥ تاريخ کان ڪم شروع ٿيندو. مون ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن وغيره کي ١٥ تاريخ واري گڏجاڻيءَ لاءِ ذاتي نوعيت جا دعوت نامہ موڪلي ڏنا آهن."

*　　　*　　　*

"هلو سعيد! مون سمجهيو تون مبارڪ صاحب جو ڪلاس اٽينڊ ڪري رهيو هوندين." ظفري چانهہ جو ڍڪ ڀريندي چيو.

"نہ يار، منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي، مٿي ۾ سور ۽ طبيعت ڪجهہ سست معلوم پئي ٿئي، مبارڪ صاحب جو ليڪچر وري سترم در سترم ڪري ها." سعيد ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

"چانهہ پي ٺيڪ ٿي ويندين."

"چانهہ جي عادت ناهي، مان هت سوڏا پيئڻ آيو آهيان."

ائين چئي هن ڪينٽين جي ڇوڪري کي سوڏا آڻڻ لاءِ چيو.

"ڪجهہ ياد بہ اٿئي اڄ ٻارهين تاريخ آهي؟"



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

"ها ياد ته اٿم، انهيءَ ڳالهه ڏيڪ پريشان ڪري ڇڏيو آهي."

"يعني؟ ڇا مطلب؟" ظفري حيران ٿيندي پڇيو.

"پندرهين تاريخ ايم.سي.سي ۽ پاڪستان جي درميان لاهور ۾ ڪرڪيٽ مئچ ٿي رهي آهي."

"پوءِ؟"

"مونکي اوڏانهن وڃڻو آهي."

"۽ ادبي محفل؟"

"ان لاءِ مان في الحال شاعرن ۽ اديبن وغيره کي لکي ٿو ڇڏيان ته پروگرام ڪن مجبورين تحت ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪينسل ڪيو ويو آهي."

"پر يار تون ڪومينٽري ريڊيو تان به ٻڌي سگهين ٿو."

"نه ظفري، جيڪو مزو اکين سان ڏسڻ ۾ ايندو اهو ڪومينٽري ۾ ڪٿي؟"

ايتري ۾ بيري اچي بوتل کولي جنهن مان فوراً جوش ۽ دونهين جو آواز آيو، ۽ گلاس ۾ وجهڻ بعد چند سيڪنڊن ۾ جوش بلڪل ختم ٿي ويو. سعيد بي پرواهي سان گلاس هٿ ۾ جهليو.

ظفري جي چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي، جنهن اهو پئي ظاهر ڪيو ته سعيد جو جوش به سوڊا واٽر وانگر وقتي هو.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيلي قميص

ڪاليج کان موٽي اچا ڏر ٻني گهر ۾ پير ئي مس رکيم ته تيزيءَ سان ڪا شيءِ آڏامندي اچي منهنجي سفيد شلوار کي لڳي.

”اي... ي... خ!“ مون بي اختيار هڪ ڪراهت آميز رڙ ڪئي. ”منهنجي شلوار تي ڇا ائبسٽريڪٽ آرٽ ڪتان آيو؟“ مون قهر آلود نظرن سان سامهون نهاريو.

”هي... هي...، ڏيءَ اها چلمچي ته، هيڏانهن ڪنيو اچجانءِ، مٺي پنکيءَ منهنجي منجيءَ کان پرپرو ڪري رکي آهي.“

نانيءَ کي ٽڪ اڇلائڻ ۾ ڪمال حاصل آ. مجال آهي جو سنڌس ٽڪ نشاني کان ذرو به پري هجي. چلمچي پلنگ کان پنج ڇهه فٽ پري رکيل هجي پر ٽڪ رينج ۸ (راڪيٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر سڏو وڃي چلمچي ۾ 'ٽڙاڪ' ڪندي. هي پهريون دفعو هو جو پنگيءَ جي ناداني سببان، نانيءَ جو نشانو خطا ٿي ويو، جنهن جو کيس از حد افسوس رهيو، باقي منهنجي شلوار کي ته بلڪل ئي نظر انداز ڪري وئي، ڇڻ "آرٽ" بنائي احسان ڪيو هٿائين مون تي.

بهرحال آءٌ بزرگيءَ ۽ مهمان نوازيءَ جو خيال رکندي چلمچي کڻي نانيءَ ڏانهن وڌيس.

"خي، مئو کھڙو نه نم جهڙو ڪڙو پان آهي، پيچ ٿئو."

مون نانيءَ جي بي رحم وات ڏانهن نهاريو. آف! وات ڇا هو ڇڻ اونهي ۽ اونداهي کڏ هئي، يا گهاٽو هو جنهن ۾ چوويهه ڪلاڪ پان پيو پيڙبو هو.

مان ڪتابن رکڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ ويس ته ٻڌم ناني منهنجي ماءُ سان مخاطب هئي. "سعيد ماءُ، مون ڇيو هي نياڻيون روز صبح سان ڪيچ ۾ ڪتاب ڪري مڙسالن وانگر سلام ڪيو گهر کان نڪرن، اها ڪا چڱي ڳالهه آهي؟"

"بس امان، علم جو حاصل ڪرڻو آهي، ان کانسواءِ سڀ اونده آهي، انسان دنيا ۾ رهي نٿو سگهي."

"اونهن، اونڌائي وري ڇا جي، چو نٿو رهي سگهجي، آءٌ به ته هلان پئي دنيا ۾، مون ڪهڙا ڪاليج پڙهيا آهن."

امان جو جواب ڪونه ٻڌم، هن شايد خاموشيءَ ۾ ئي بهتري سمجهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڻ مهل ٻي وسيءَ سان نجم ڏانهن ڏٺائين ۽ پريان ئي
ستڪيءَ سان چيائين، ”خدا حافظ نجو.“
سلامت هجين شال.“ نانيءَ جواب ڏنو ۽ پانن جي صافيءَ
ن نڪتي اکيون لڳي. سعيد چڙي پيو، ”اونهه... هن ته
ٿوءَ ڪي... خير...“ هو هليو ويو.

نانيءَ کي، اسان سڀني مان ظفري ٿي ڇڪي وارو هو...
ته ٻه هو چا ڪري، ناني سڄو ڏينهن ڪنڙ ڪنڙ جو لايو
ٿي هوندي هئي. حسب معمول ناني پان اوڪارڻ ۾ مشغول هئي،
ري شام جو ڪرڪيٽ کيڏي ٿڪجي ٽٽجي اچان گهر ۾ پير
ن رکيو ته ناني پنسٽن لاءِ اوڪارڻ بند ڪري وات کوليو،
آئي چوڪرا آس ۾ رلي رلي رنگ ڪهڙو نه ڪارانجي
و اٿئي، خي...... انهيءَ راند جي ’سونٽي‘ کي باهه لڳي،
ءِجهه پنهنجو ته خيال ڪري ماٺهو.“
ماٺهو؟“ ”ڪهڙو ماٺهو؟“ ظفري ٻٽ ڪنڌ ۾ اڇلائي
يءَ وٽ اچي ويٺو.
ماٺهو وري ڪهڙو، تو کي ٿي چوان ته رنگ ڪيڏو نه
ڪارانجي ويو اٿئي.“
ٻي، رنگ ڪارانجي ويو آهي، ها، ها، ها... ڪارانجي
ٿيندو آهي ناني؟ — يعني چا کي چوندا آهن؟“ ”چٽپ
ر، پري ٿي چوڪرا، مغز چو ٿو کپائين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي، مغز؟“

”هان آن... آءَ ڪا، تو جيڏي آهيان جو مون سان مشڪ تو ڪرين!؟“

”اٿو ناني تہ ماپ ڪريون.“ ظفري ناني کي ماپ ڪرڻ اٿارڻ چاهيو.“

”هان هان، ڏيان ڏر، فضيلت سڪ.“

در تي کٽ کٽ ٿي، ظفري ويو ۽ پوش سان ڍڪ ڊيش اندر کڻي آيو. مان، فرو، شبي ڊوڙي وياسين. ظ بہ پوش لاهڻ ۾ اسان سان شريڪ هو. ”اها کهڙي فضي آهي؟ وچي سرڻ وانگر جهٽ هنو اٿو. تو پيان، تو پيان، ڪڏهن ڪجهہ ڏٺو ئي ڪونہ اٿوَ. سان تہ خير پنهن آهيانو، پيو ڪو ڏاريو ويٺل هجي تہ جيڪر چا چوي؟... ماءُ، تون بہ نئي جهلين.“ امان نماز کان فارغ ٿي تہ ڪيس مخاطب ٿي. امان بيزاري مان ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري م ويڙهڻ لڳي.

وڏا وڏا لڏون ڏسي نانيءَ جي دل بہ سٽرڪيي. آتي ويٺي ويٺي چيائين: ”قطب الدين کي پٽ ڄائو آهي شايد

”جي؟ قطب الدين کي؟“ ظفري شرارتا پڇيو.

”اونهن، منهنجو مطلب هو سندس زال کي. هوڏانهن تہ آ، ڏسان ڪهڙي گيهہ ۾ تيار ڪيا اٿن.“ مان لڏون کڻي نا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺ ويس. نانيءَ نڪ وٽ جهلي ڏگهو ساهه کنيو. ان بعد
ون پوري پوري کائڻ لڳي .

رات جا اٺ لڳا هئا، لائيٽ بند هئي. شمع جي جهڪي
شنيءَ ۾ ڪو ڪتاب به نٿي پڙهيو ٿيو. انڪري سويري ئي
يون پوڻي پنهنجي بستري تي اچي ليٽي پيس. پر ۾ سعيد
ـ ڪمرو هو. ڏٺم ته هو آهستي آهستي قدم کڻندو ڪمري
نهن پئي ويو. ڪجهه ٽڪل ٽڪل پئي لڳو .
او نجو... مٺي ۾ سور محسوس ٿي رهيو آهي..." سعيد
ـ آواز هو. "بام جي مالش ڪريان..."
منهنجا وڏا پاڪ..." سعيد حسرت مان چيو.
اوهان ته ائين چئي رهيا آهيو، جيئن..."
ها ، نجو، تنهنجي هٿن سان منهنجو ڪو ڪم ٿئي، اها
سرت نانيءَ جي روپ ۾ ديوار بنجي منهنجي سامهون اچي
ي آهي..."
شش ... خاموش ... ٻڌي نه وٺي."
هون، پلي ٻڌي ، آءٌ ڊڄان ٿوروئي ٿو . هاڻي آءٌ صاف
اف کيس چوندس......"
چا ! ...؟"
جواب ۾ سعيد يڪدم خاموش ٿي ويو. اچڻ واري قدمن
ي آواز مان هو بخوبي واقف ٿي چڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چو ابا سعيد، خوش ته آهين؟ ائين چو ليٽيو پيو آهين

”مٿي ۾ سور اٿس.“ نجمه هٻڪندي چيو.

” اي ... هي هي،“ ناني درد مان ننڍڙي ۽ ڏڪندڙ دان

ڪئي. ”ڪڏهن کان مٿو سور پيو؟ ڀلا ڇا کان؟“

”شايد ٿڌ کان.“ نجمه آهستگيءَ سان چيو.

”مڙئي خير آهي، فڪر جي ڪا ڳالهه ناهي.“ ائين چئ

ناني واپس موٽي. سعيد شڪر جو ساهه کنيو.

سون ڏٺو، ناني اونداهي ۾ ڪا شيءِ تلاش ڪ

لڳي، ۽ پوءِ جلدي جلدي سعيد جي ڪمري ڏانهن وڌي

هاڻي صرف ”ڊائلاگ“ ٻڌڻ سان ڪم نٿي ٿيو، ”ايڪشن

ڏسڻ به ضرور هو. مان دريءَ مان وٺي ڏاهي اٿي ڏسڻ لڳس

”اٿي ويهه ابا، ته تيري هڻانءِ.“

” نه نه، اهڙي ڪا خاص تڪليف به ڪونهي. نجمه ه

چڙ ڏيندي.“

”آئي نه ابا، آءٌ ڪٿي هٽنديس، مڙئي خير آهي ـــ“

ائين چئي هٿ ۾ جهليل تيل واري شيشيءَ جو ڍ

لاهڻ لڳي. سعيد منهن ڦيرائي ويهي رهيو. ناني تري هڻڻ لڳ

”خي ... بادام جو تيل نه ٿيو ڇڻ ڪؤنر ٿيو. ماريو چنبڙ

پيو وڃي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد بيزار هو ۽ مٿان وري سڪل آڱرين جا مٿهڙا ۽
مور بجاءِ کھنجڻ جي وڏندو ئي ويو هوندس.
”اڄڪلهه جا تيل خبر ناهي ڪهڙا آهن. بي‌ايماني ملڪ
کي وڪوڙي وئي آهي، ڏپ ته ڪهڙي ڪني آهي. توبهن،
توبهن، پيچ ٿئو.“ ناني آتي ئي ڪمري ۾ ٽڪيندي چيو.
”هي توهان ڇا جي پيا تري هٿو؟“ سعيد چڙ مان چيو، ۽
مٿو سندس آڱرين جي گرفت کان پري ڪيو.
”آئي ابا اهوئي، ڇا چوندا آهن، روغن بادام، پيو ڇا ...؟“
”هي‌روغن‌بادام آهي يا مڇيءَ جو تيل؟ لاحول ولا قوة...“
”مون انڌيءَ کي ته خير خبر نه پئي، پر شاباس هجيئي، آبا،
عينڪ چاڙهيو ويٺو آهين، خير سان تنهنجي به نظر ڪونه پئي
ته هيءَ ڪهڙي بلا آهي، واه آبا واه!“
سعيد بغير جواب ڏيڻ جي غسلخاني ۾ هليو ويو ۽ ناني
ناراض ٿي اچي پنهنجي منجيءَ تي ويٺي.

* * *

”امان صبر جي به حد ٿيندي آهي، سڄي گهر ۾ نانيءَ
جي حڪومت ٿي هلي، آءٌ به ته آخر ڪجهه آهيان. ايترا
ڏينهن ٿي ويا آهن شاديءَ کي، اها خبر نٿي پوي ته هي
گهر آهي يا سراءِ.“ سعيد صبح جو نيرن مهل امان سان
شڪايت ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پٽ نانيءَ کي توهان سان محبت آهي نه، سندس دل جي به ته خيال ڪبو نه...“

”سندس دل، سندس دل، ڇڻ مون کي دل نه، پٿر جو ٽڪر آهي سيني ۾.“

”ڪاوڙ نه ڪبي آهي ابا، گهر آيل مهمان آهي.“

”مهمان نه ٿي ڇڻ...“

”بس بس، وڏن! لاءِ گهٽو نه ڳالهائبو آهي.“ امان تڙي ڏني. سعيد ماٺ ڪري آفيس هليو ويو.

*　　　*　　　*

”ناني، هڪڙي ڳالهه ٻڌايانءِ، مارينديءَ ته نه؟“

”وڃ ڇوڪرا وڃ، تو کي ته هر وقت مشڪري ٿي سمجهي.“

”سچ ناني، ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي.“ ظفري پر اسرار انداز ۾ چيو.

”ٻڌاءِ به ڪٿي هاٿي.“

”هو ڏسو سامهون.“ ظفري گيلري ۾ ويل نانيءَ جي منجيءَ تي ويهي سامهين گيلريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”ڇا آهي؟“

”پيلي قميص.“

”پيلي قميص......؟“

”هو ڏاڙهيءَ سان پيلي قميص وارو ماڻهو.“

”ها، توهان بي خبر هوندا آهيو، پر هو هميشه گيلري ۾ ويهي توهان ڏانهن نهاريندو آهي ــــ“

”پري ٿي ڇوڪرا، دماغ خراب ٿيو اٿيئي ڇا، مون کي ڇو نهاريندو؟“

”سچ ناني، توهان پاڻ ڏسجو.“

”ڏاڏو ڪو بي حيا آهي.“

ظفري ته نانيءَ کي صرف هوشيار ڪري هليو ويو، مگر ظفريءَ جي انهيءَ ”انڪشاف“ ڪري حالتن تيزيءَ سان پلٽو کاڌو. اها ناني جا اڳ سارو ڏينهن ميرن ڪپڙن جي هڙ وانگر نظر ايندي هئي ۽ منجيءَ تي ليٽي پان پٽي چباڙيندي هئي يا اسان تي گهپي لايو ويٺي هوندي هئي سا هاڻي بلڪل ئي بدلجي وئي. خشڪ وارن ۾ خوشبودار تيل، ميري سٿيي کنڊيءَ بدران سفيد ململ جو چٽيل رئو جيڪو سعيد جي شادي تي پاتو هئائين. وائل جو پرت تي چولو، پاپلين جي رنگين شلوار.

”ڪاڏي ٿا وڃو ناني؟“

”ابا ويندس وري ڪاڏي، ميرا ڪپڙا ٿي ويا هئا سي پئي بدلايم.“

ايتري عرصي بعد نانيءَ کي پنهنجن ميرن لٽن جو خيال نهايت تيزيءَ سان آيو هو.

هاڻي ناني هر ڪنهن سان ڏاڏي خوش مزاجي سان پيش ايندي هئي. سندس سارو ڏينهن گيلريءَ ۾ پيل منجيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذرڻ لڳو. پاڻ به ٿا هڻندي ويندي هئي ۽ سامهون گيلريءَ ڏانهن به نهاريندي رهندي هئي. ڪنهن مهل سندس چهري تي سخت انتظار جي ڪيفيت هوندي هئي ته ڪڏهن مڪمل سڪون ۽ تازگي.

”آ...... ظفري ابا هيڏانهن اچ.“ سندس لهجو نرم هو.

”ها ناني.“

ناني هڪ پاڻ ظفري لاءِ به ٿا هڻڻ لڳي.

”هي سامهون پيلي قميص وارو ڪير تو رهي ـــ؟ برابر مون به ڏٺو ته مونکي يڪ ٽڪ پئي نهاريائين.“

”او... ها... جي ها، جي ها، ناني مون ته توهان کي پهرين چيو هو پر توهان اعتبار ئي نه ڪيو.“

”بس هاڻي ته اکين سان ڏٺم ته اعتبار آيو، پلا آهي ڪير؟“

”ناني، ماستر آهي پرائمري اسڪول جو، مسواڙ جي ڪوٺيءَ ۾ پيو رهي.“

ناني انهيءَ ٿوري ’انفرميشن‘ ۾ مطمئن ٿي وئي. ”پيلي قميص“ هڪ لحاظ سان سندس چڙ ٿي وئي هئي. پر هوءَ صرف مٿئين دل سان چڙندي هئي. هيڏانهن جو ته اهو حال هو ۽ هوڏانهن ماستر ويچارو بي خبر صبح جو سوير گئلري ۾ بيهي ڏندڻ ڪندو هو يا ڪڏهن شام جو ڪتاب کڻي اتي ئي ڪرسي وجهي اچي ويهندو هو. اهڙيءَ طرح ڏينهن گذرندا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجي جان آزاد هئي. سعيد مطمئن هو. نانيءَ کي گيلري وٽان فرصت ئي ڪونہ ملندي هئي جو اچي سعيد کي پنهنجي ”شفقتن“ سان نوازي.

پر هڪ ڏينهن الائي ڪهڙو انقلاب اچي ويو جنهن نانيءَ کي وري چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو. اهي ئي ميرا حال، پريشان وار. هينئر تہ سندس طبيعت اڳي کان بہ گهڻي غيرسڌريل هئي. هڪ ڏينهن انهيءَ جو سبب بہ معلوم ٿي ويو. اسڪولن ۾ پن مهينن جي وئڪيشن ٿيڻ ڪري پيلي قميص وارو ماستر سامان ٻڌي پنهنجي ڳوٺ هليو ويو هو. نانيءَ لاءِ ڏينهن گذارڻ مشڪل ٿي پيو، خالي گئلري ڇڻ ڪيس کائڻ پئي ايندي هئي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو ناني بہ پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ لُڙ ٻڌا.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نِيري شالَ

”يار سليم! اچا تہ ڪنوارو آهين؟“

”جي ـــ؟“ هن حيرانيءَ مان ڪنڌ مٿي ڪيو.

”شاديءَ ڪانپوءِ زالن جي فضول خرچي ڪري عام طرح سان مرد ڪنجوس ٿي ويندا آهن، پر تون تہ هينئر کان ئي پريڪٽس پيو ڪرين.“

ساٿي ڪلرڪ جو طنز هاڻي هنجي سمجھہ ۾ اچي چڪو هو ۽ جواب ۾ ڦڪي مرڪ سندس چپن تي پکڙجي وئي.

”ہاڻ ڪي زنده در گور ڪرڻ جو مطلب؟ مان سمجھي نٿو سگھان تہ تون اهڙو بي جان ڇو بڻجي ويو آهين نہ ڪيڏانهن اچين نہ وڃين، پين ڪي بہ مصروفيتون آهن، ليڪن اهي تہ ائين نٿا ڪن؟“

”ڇا ڪريان، حالتن ۽ عادتن جي ڪري مجبور آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اها مجبوري ته نه، مغروري ٿـي، تون ته ڪنهن کي دوست به نٿو بڻائين؟“
”مان ان قابل ڪٿي آهيان.“
”ائين ڇو نٿو چئين ته ڪنهنکي پنهنجي دوست بنجڻ جي قابل ئي نٿو سمجهين.“
”ائين ئـي سمجهو، نـه مان ڪنهن جـي قابـل آهيان، نه ڪير منهنجي.“
”تون ڪجهه بـه ڪٿي چئو، بهرحال دوستي ضروري آهي.“
”صحيح آهي، ليڪن بي لوث دوستي هـن زمانـي ۾ ملي ڪٿي ٿي؟“ هن ڳالهه ختم ڪرڻ خاطر زماني جي شڪايت ڪئي.
”منهنجي مـراد انهيءَ دوستيءَ مان نـه هئي، مان تـه چئي رهيو هئس چانهه پاڻي واري دوستي هن مشيني دور ۾ سٺي آهي. نهايت عام ۽ مقبول. وندرجي وندر، محفل جي محفل.“
”ليڪن مونکي پسند نا هي.“
”توکي ڀلا ڪيئن پسند ايندي، ڪنجوس جو آهين، چانهه پيارڻ تي دل نه ڪندي هونديءَ.“
”هاـ!“ هن اطمينان سان مختصر جواب ڏنو ۽ هنّو هن جو اهو صاف ۽ مختصر جواب ٻڌي کيس ائين گهورڻ لڳو، جيئن هن کو وڏو گناه ڪيو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن آفيس ۾ هو ڪلرڪ هو اتي ٻين ڪلارڪن جون ڪم توڙي فرصت جي وقت ويجهڙي هوٽل يا آفيس ۾ ئي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون، پان سگريٽ ۽ چانهه جو دور چالو رهندو هو، پر هو سڀ کان جدا، الڳ، نرالو ڪڪ ۽ بيزار... انهيءَ ڪري ئي سڀ کيس ڪنجوس ۽ مغرور سمجهندا هئا. ماڻهن جا طنز ڀريا جملا هن لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي ڪڏهن ته هن جي دل چاهيندي هئي ته هو دنيا کي يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ سان ملندڙ ماڻهن کي ٻڌائي ته هو ائين ڇو ڪري رهيو آهي؟ کيس خيال ايندو هو ته جيڪڏهن ڪير هڪ ڀيرو هن کان اها "ڇو" پڇي وٺي ته ان ۾ ڪيتري نه پنهنجائپ ۽ خلوص هوندو، ۽ ڪيترو نه هنجي دل جو بار هلڪو ٿي پوندو، ليڪن ائين ڪڏهن به نه ٿيو ۽ ڪنهن به پلجي ڪانئس ڇت جي چينتا جو حال نه ورتو. هن سان سور نه سليو... هو اڪيلو زندگي جي گهاٽي ۾ پنهنجي مقصد جي مومل کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهندو رهيو.

سندس اميدن جو مرڪز بي-اي جو امتحان هو جنهن ۾ صرف اٺ ڏينهن وڃي بچيا هئا. هو ڏاڍو محنتي ۽ اورچ هو ۽ ڪيترن ئي امتحانن ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو هئائين. هنکي امتحان جو بي چينيءَ سان انتظار هو ۽ جڏهن هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪامياب ٿيڻ جو تصور ڪندو هو تڏهن هنجي دل خوشيءَ کان سرشار ٿي ويندي هئي. هو سوچيندو هو تہ جيڪڏهن هن سال بہ هو فرسٽ آيو تہ ڪنهن ڪمپيٽيشن ۾ ويهندو ۽ سندس اميدن پريا خيالي سلسلا پري پري تائين سک ۽ راحت جي وادين ۾ ڀٽڪڻ جي ويندا هئا ۽ هو اڪيون پوري انهيءَ واديءَ ۾ گم ٿي ويندو هو.

* * *

آفيس مان موٽڻ مهل هنجي کيسي ۾ سوا رپيو هو، جنهن جي آڌار تي هنجا قدم سامهون رسالن جي دڪان ڏانهن وڌيا. سرسري طور هن سڀني رسالن تي نظر وڌي. هڪ رسالي جي افسانوي نمبر کي ڏسي، هنجي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ڏاڍي شوق ۽ چاهہ سان هن رسالو پنهنجي هٿن ۾ کنيو، ٽائيٽل ڪور تي سنڌ جي هڪ آرٽسٽ جو آرٽ هو. ڪيتري نہ سادگي ۽ ڪشش هئي انهيءَ آرٽ ۾... هو ڪا گهڙي تصوير کي ڏسندو رهيو ۽ پنو اٿلائي اديبن ۽ شاعرن جي نالن کي غورسان پڙهڻ لڳو. رسالي جي قيمت بہ سوا رپيو هئي. هن خريد ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ليڪن هن جو ذهن گهر ڏانهن کڄي ويو. ڪجهہ ڏينهن اڳ وارا ماءُ جا چيل لفظ هن جي ذهن ۾ وڄڻ لڳا. ”اڄ ڪائين تاريخ آهي پٽ...؟““اما‌ن اڄا تہ پنجو يهن آهي، تو هان هاڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي... ! !" اکر نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس ۽ اڳتي ڳالهائي نہ سگهيو.
"ها پٽ! زرينہ لاءِ سوئيٽر..." ماڻس جي دل ڀرجي آئي ۽ جذبات جي طوفان کي روڪڻ لاءِ پٽ جي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. هوءَ هڪ بيوه هئي. سندس مڙس هڪ ڏيءَ ۽ ہڪ پٽ مفلسيءَ جي گهري غار ۾ تنها ڇڏي لاڏاڻو ڪري چڪو هو.
......سليم جي هٿ تي ٻہ گرم گرم لڙڪ ڪري پيا، جن ۾ لا انتها خواهشون ۽ ارمان هئا. هن ماءُ ڏانهن نهاريو،
"امان تون روئي رهي آهين؟" چپ چئي رهيو هجي تہ
"امي! جيڪڏهن تون روئندين تہ مان ڇا ڪندس، توکي پالڻ منهنجي همت وڏائڻ گهرجي."
"نہ پٽ..." هن لڙڪن تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪئي.
"امڙ غم نہ ڪر. جيستائين آءٌ زنده آهيان تيستائين توکي فڪر نہ ڪرڻ ڏيندس." هن ماءُ کي آٿت ڏنو.
"پٽ فڪر تہ ڪنهن ڳالهہ جو ناهي. خدا توکي سلامت رکي... تنهنجي ڀيڻ زرينہ جوان ٿي وئي آهي..."
ماڻس اڳتي ڪجهہ نہ چئي سگهي، پر هو سڀ ڪجهہ سمجهي ويو.
"ها پٽ... زرينہ لاءِ ڪو سوئيٽر وٺي اچج... ويچاريءَ وٽ ڪو گرم ڪپڙو ئي ناهي. اڪيون سوئيٽر صفا ڦاٽي ويو اٿس سيءَ ۾ پئي ٺڙڪي پر مجال آهي جو ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن اڄ گهڻي عرصي بعد رضيہ هنکي ملي هئي، هن سندس دل نٿي ٽوڙڻ چاهي. ڪيتري نہ پنهنجائپ سان هنکي اچڻ لاءِ چئي رهي هئي.

”چا سوچي رهيو آهين؟“ هنکي خاموش ڏسي هن سوال ڪيو.

”ڪجهہ بہ نہ ...“

”چڱو، آءٌ هلان ٿي، جلدي ۾ آهيان، تون ضرور اچجانءِ، مان انتظار ڪنديس. ۽ ڏس گهڻو نہ سوچيندو ڪر.“

”مان ضرور ايندس رضيہ.“ هن جذباتي ڪيفيت ۾ چيو.

”چڱو باءِ، باءِ!“ هوءَ هلي وئي.

هو سوچي رهيو هو تہ سالگرهہ تي وڃي يا نہ؟ ... هڪ شديد ڪشمڪش هئي، جا هن کي پريشاني جي لهرن ۾ ڏڪي رهي هئي. هو وري سوچڻ لڳو تہ جيڪڏهن هو نہ ويو تہ رضيہ کي ڏک ٿيندو، هو چا سوچيندي تہ غريب ايترا ڪم ظرف ٿيندا آهن. هن کي ضرور وڃڻ گهرجي.

*　　*　　*

اڄ ڪيس شام جو دعوت تي وڃڻو هو. هن پنهنجو جائزو ورتو. جيڪڏهن هو هن حال ۾ ويو تہ رضيہ جي انسلٽ ٿيندي. هن کي ٺاهوڪو سوٽ پائڻ گهرجي ليڪن ٺاهوڪو سوٽ ڪٿان آڻي ......

”ڪا ڳالهہ ناهي. مان سادن ڪپڙن ۾ ئي ويندس. رضيہ مون کي اهڙي حال ۾ بہ عزت ڏيندي، هن کي منهنجي حالت جي سڀ ڄاڻ آهي.“ هن پاڻ کي ڏڍ ڏنو.

هن گفٽ پيش ڪرڻ لاءِ هڪ نيري رنگ جي ڪشميري شال پسند ڪئي، بل کي ڏسي هنجي دل دهلجي وئي.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

سنڌي علم، ادب ۽ ثقافت جي نئين قدرن جو

بهترين علمبردار ۽ محافظ

## ماهنامو

# سهڻي

## حيدرآباد، سنڌ.

نوجوان ڪهاڻيڪار، طارق اشرف جي ادارت هيٺ، باقاعدگي سان شايع ٿي رهيو آهي.

سهڻي رسالي کي سنڌ جي جملي عظيم ۽ ممتاز شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ اديبن جو ڀرپور تعاون حاصل آهي.

"سهڻي" جا خريدار بڻجي، سنڌي ادب جي سرپرستي ڪريو.

**في ڪاپي: سوا روپيو. ساليانو چندو: ٻارنهن روپيا**

ملڻ جو هنڌ:

**سهڻي پبلشرس**

ايف / ۴۵-۵۰، الهندو ڪچو،

حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان پبليڪشنس پاران شايع ٿيندڙ سنڌيءَ جو سڀ
کان جهونو، سستو، گهڻو وڪرو ٿيندڙ ۽ مشهور ماهنامو

# نئين زندگي

جولاءِ جي پهرئين هفتي ۾، هڪ عظيم دستاويز جي صورت ۾

# ”سنڌ نمبر“

پيش ڪري رهيو آهي.

**صفحا ٻه سؤ - قيمت هڪ رپيو.**

**بزنيس مئنيجر، پاڪستان پبليڪشنس.**

پوسٽ باڪس ١٨٣، ڪراچي.

---

نوجوان اديب ۽ صحافي، يوسف شاهين جي ايڊيٽريءَ هيٺ
حيدرآباد، (سنڌ) مان شايع ٿيندڙ انگريزي رسالو

# انڊس ڊائجسٽ

اوهانجي علم، ادب ۽ معلومات ۾ اضافي جو باعث آهي

**في ڪاپي: ڏيڍ روپيو.      ساليانو چندو: ١٥ رپيا**

# دي انڊس ڊائجسٽ

انڊس پرنٽرس، رسالا روڊ حيدرآباد، سنڌ

فون : ــــــــــــــــــ ٢١ـ٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻرياٽ پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ جي

تند تنوار ڪتابي سلسلي جي ٻهرين ڪتاب

# ”ذات جي لاٽ“

ڪانپوءِ

# ”لاٽ ٻرندي رهي......“

### جون ١٩٧٠ع جي ١٥- تاريخ شايع ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾، سنڌ جي عظيم سپوت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مرحوم جي حياتيءَ جي اهم پهلوئن تي لکڻين کان علاوه، شعر، ادب، ڊرامي، موسيقي، مصوري ۽ فلم بابت تخليقون شامل آهن. ان ڪانسواءِ پڙهندڙن جا رايا، ڪتابي تبصرا ۽ اهم ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جا اکين ڏٺا احوال پڻ ڏنا ويا آهن. سنڌ جا بهترين ۽ مشهور اديب، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ فنڪار هن ڪتاب ۾ حصو وٺي رهيا آهن. ڪتاب هيٺئين ائڊريس تان دستياب ٿي سگهي ٿو.

**ٻرياٽ پبليڪشن**

پوسٽ آفيس قليلي

حيدرآباد، سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهنامه
"اديون"
ڪراچي

ايڊيٽر:
محترمه
خديجه خانم
دائود پوٽه

قيمت في ڪاپي:
٧٥ پئسا
ساليانو چندو:
اٺ روپيا

مرحوم و مغفور شمس العلماء ڊاڪٽر
دائود پوٽي جي ياد ۾

سنڌي ادب جو هڪ معياري ۽ سرپرستي جي لائق ماهنامو آهي. سنڌي ڀينرن ۽ نياڻين جو ترجمان ۽ آواز آهي.
هرهڪ سنڌي ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو فرض آهي ته هن رسالي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ خريدار پيدا ڪري، اداري جي مدد ڪرڻ فرمائين.

ايڊيٽر "اديون"
٢٨٦، گارڊن ايسٽ، ڪراچي-٣

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ آرٽ جو ڪثيرالاشاعت رسالو
ماهوار
بادل
حيدرآباد، سنڌ

محترم جان محمد نوناريءَ جي ادارت هيٺ جون ١٩٧٠ع کان هڪ دفعو ٻيهر ساڳئي رنگ ۽ روپ سان شايع ٿي رهيو آهي.

هيڊ آفيس:
حيات منزل
گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.

فون: 4319

گاسليٽ، فرنيس آئل، هاءِ اسپيڊ ڊيزل آئل
۽ لائيٽ ڊيزل جي ضرورت لاءِ

اسانجون خدمتون هر وقت حاضر آهن

# فيمس آئل ٽريڊنگ ڪمپني ڪراچي.

۵۷- زولاجيڪل گارڊن،

لارنس روڊ، ڪراچي.

فون : ________ 76415

ايجنٽس :

## دائود پيٽروليم لميٽيڊ

نيڪ خواهشن سان

پاران

ڪراچي آئل ٽريڊنگ ڪمپني، ڪراچي

ڊسٽري بيوٽر:

ڪالٽيڪس آئل (پاڪ) لميٽيڊ

شيدي ولیج روڊ، لي مارڪيٽ، ڪراچي-٢

فون: ٢٢١٥١٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روماني، انقلاب ۽ جدت جو سهڻو سنگم

# درد جو صحرا

اوهانجي پنهنجي شاعر

## تاج بلوچ

جي ڪلام جو پهريون مجموعو

جولاءِ ١٩٧٠ع ۾ شايع ٿي رهيو آهي

سنڌو اشاعت گهر ـ ڪراچي ـ سنڌ

19/1-F جيڪب لائنز ڪراچي ٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book